# کافيون، گيت، غزل

راشد مورائي

المهراڻ فائونڊيشن

# ڪافيون، گيت، غزل

R—Shah

Rashid Morai.

11.3.13.

**راشد مورائي**

المهراڻ فائونڊيشن، سانگهڙ
2008

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب نمبر 9

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ڪافيون، گيت، غزل |
| موضوع | : | شاعري |
| شاعر | : | راشد مورائي |
| ايڊيشن | : | ڦيبروري، 2008ع |
| ڊزائين / لي آئوٽ | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | منظور احمد جوٽيجو ۽ شاهد شاهه |
| | | (الرزاق ڪمپيوٽرز رابعه اسڪوائر، حيدرآباد 2634650-0333) |
| ڇپائيندڙ | : | المهراڻ فائونڊيشن، سانگهڙ سنڌ. |
| ڇپيندڙ | : | الفقراءِ پريس سانگهڙ |

قيمت : =/200

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

ارپيان ٿو سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جي سيڪريٽرين هر هڪ (مون ڪانسواءِ)

عظيم سنڌيءَ، رڪيل موارئيءَ، شمشاد سومري، احمد سولنگيءَ، صفدر سعيد ميمڻ، نجم سُرهيي، اسد سولنگيءَ، محبتي ملاح، شاد ڪوڪر، بهادر ڀٽ، انور ساگر ڪانڌڙي، رزاق مستوئيءَ، سڪندر ڪورائيءَ، فهد رضا ميمڻ، اظفر سعيد ميمڻ ۽ محمد صديق پرهياڙ (مرحوم) کي۔!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ سڄو ماٺار ۾ ويڙهيو پيو آهي،
پر هڪ سنڌي ادبي سنگت جاڳي پئي!

(راشد)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعر پاران

منهنجي شاعريءَ جي ڪتابن مان هيءَ پنجون ڪتاب آهي. مهربان پڙهندڙن جي تعاون سان، منهنجي نثر توڙي نظم جا ڪتاب جلد وڪرو ٿي، مارڪيٽ مان اڻ لڀ ٿي ويا آهن. سنڌي پڙهندڙن جي انهيءَ حوصلي افزائيءَ مون ۾ اتساهه پيدا ڪيو آهي ۽ مان به ڪوشش ۾ آهيان ته جلد پنهنجو مواد، پنهنجي پڙهندڙن تائين پهچائيندو رهان.

پنهنجو هر ڪتاب ڇپائڻ کان اڳ ڪجهه دوستن آڏو پنهنجو مواد پيش ڪندو آهيان ۽ جڏهن اهي دوست صلاحون ڏيندا آهن ته خوش ٿي، پنهنجي مواد ۾ دوستن جي صلاح سان اصلاح ڪندو آهيان. ۽ پوءِ پريس ۾ ڏيندو آهيان. هن ڪتاب ۾ شامل مواد جو ڪجھ حصو جن دوستن اڳيان پڙهيو اٿم، اُهي آهن. نجم سرهيو اسد سولنگي، مولوي نبي بخش 'دانش' ۽ وزير فرهاد سولنگي، مان انهن چئني يارن جو ٿورائتو آهيان، جن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي، مون کي صلاحون ۽ مشورا ڏنا. مان نورچشم حاڪم گل محمد مهر جو به ٿورائتو آهيان، جنهن ڪتاب جي فيئر ڪاپي ڪري ڏني.. ٿورائتو آهيان ساٿي خاڪي جوييي جو جنهن ڪتاب تي پيش لفظ لکيا آهن ۽ پنهنجي شاگرد ۽ دوست تاج جوييي جو به ٿورائتو آهيان، جنهن پاڻمرادو هن ڪتاب جا پروف پڙهي، ان کي اشاعت لائق بنايو آهي. ۽ عاجز منگي ته هونئن ئي مهربان دوست آهي، جنهن منهنجا اڳ به به ڪتاب ڇپايا آهن. هيءُ ٽيون ڪتاب آهي، جيڪو سندس نگرانيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپايو ويو آهي، تنهن ڪري سندس به ٿورا ميان ٿو ۽ دعاگو آهيان ته سدائين سکيو ستابو هجي.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته ڪافيءَ جي صنف ختم ٿي وئي آهي، پر منهنجي خيال موجب ڪافيءَ جي صنف ختم نه ٿي آهي، سنڌي شاعريءَ مان ليڪن گهٽ لکجي ۽ ڇپجي ٿي. مشاعرن ۾ به اڪثر غزل يا نظم پڙهيا وڃن ٿا. ڪافيءَ کي زنده رکڻ ۽ زور وٺائڻ لاءِ ضروري آهي ته ”ڪافي مشاعرا“ ڪوٺائڻ گهرجن.

مون هن ڪتاب ۾ ’ڪافين‘ کي ترتيب ۾ اڳيان رکي، اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪافيءَ جي صنف اڃا جيئري آهي. سنڌي شاعرن کي گهرجي ته هن نج سنڌي صنف کي اڳتي وڌائين ۽ اُن جي ترقي لاءِ ڪوششون وٺن. جي زندگي ساٿ ڏنو ته مان به هڪ نجو ڪتاب ڪافين جو ڇپرائڻ چاهيان ٿو.

راشد مورائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

راشد مورائيءَ جون هي ڪافيون، گيت ۽ غزل، سنڌي ادب جو هڪ وڏو سرمايو آهن. راشد هوندئن به هڪ قادر الڪلام ۽ گهڻ مشق شاعر آهي، هن جي لونءَ لونءَ ۾ شاعري سمايل آهي ۽ شاعري هن تي مهربان به آهي. شاعريءَ جي دنيا ۾ راشد هڪ ڪميٽيڊ شاعر آهي ۽ ائين هو خوددار ۽ سچو انسان به آهي.

مون ۽ تاج جويي جيان هو موجوده دؤر جي ڪيترن سنڌي شاعرن جو اُستاد ٿي رهيو آهي. ڪيس شاعري خانداني طور ورثي ۾ ملي آهي، هن جو والد به وڏو قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي ته هن جا ڀائر به ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن. اهڙيءَ طرح شاعري سندس خاندان ۾ ڄائي ۽ نپني آهي، ان ڪري هو ننڍي هوندي کان وٺي هڪ پڪو پختو تربيت يافته علم عروض جي بحرن ۽ وزنن جو ڄاڻو شاعر آهي. هن جا خيال اوچا ۽ جذبا سدائين جوان رهيا آهن. اهوئي سبب آهي، جو سندن ٿهيءَ جي مڙني شاعرن کان اڳ ۾، سنڌ جي راڳين هن جي شعرن، ڪافين ۽ غزلن کي ڳاتو آهي. ان لحاظ کان به هو هڪ وڏو خوش نصيب شاعر آهي. هن جو غزل "سانورا او بانورا! سڙيءَ دل مٿان ٽورڙو ٿي وسين ها ته ڇا ٿي پوئي ها؟ "ٿي. وي تي جڏهن به ڪو ڳائيندو آهي، ته نه صرف هڪ حساس انسان جا جذبا جنبش ۾ اچي ويندا آهن، پر دل جهومي اُٿندي آهي، ۽ هرڪو اهو محسوس ڪندو آهي ته شاعر سندس جذبن جي ترجماني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي آهي. هونئن بہ هڪ سچي ۽ حقيقي شاعري بہ اِها ئي آهي، جنهن
کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان هرڪو سمجهي تہ اُن سندس جذبن جي عڪاسي
ڪئي آهي.

راشد، جتي قومي شاعر آهي، اُتي هو عوامي شاعر بہ آهي. اهڙو مرتبو
هر شاعر کي نصيب ڪونہ ٿيندو آهي. اهو شايد ان ڪري آهي، جو راشد
جو شاعريءَ سان رشتو ۽ ناتو ڪائڻ پيئڻ ۽ ڳالهائڻ جهڙو گهرو آهي. هو
اُٿندي ويهندي، ڳالهائيندي ۽ ڪچهريون ڪندي شاعر ئي لڳندو آهي،
شاعري هن جي رڳ رڳ ۽ نس نُس ۾ سمايل آهي، بلڪ هن جي فطرت ۾
موجود آهي.

راشد 1966ع ڌاري جڏهن قاضي احمد جي پرسان اڻان جي
ڳوٺ "پير ڪولاچين" جي پرائمري اسڪول ۾ استاد طور بدلي ٿي آيو هو
تہ مون کي خبر پئي تہ هو شاعر بہ آهي. ان وقت آءُ ڪچي ڦڪي نئين
نئين شاعري ڪري رهيو هوس. هڪ نئين شاعر جيان مون کي بہ اِشتها ٿي
تہ ساڻن وڃي ملان ۽ پوءِ ساڻن اسڪول ۾ وڃي مليس ۽ کين شاعري
ڪندڙ جي حيثيت ۾ پنهنجو تعارف ڪرايم تہ پاڻ منهنجي شاعري ٻڌڻ
جو اصرار ڪيائون. جڏهن مون کين پنهنجي شاعري ٻڌائي تہ کين هڪ
قادرالڪلام شاعر وانگر خبر پئي تہ آءُ اجا ڪچي ڦڪي ۽ نئين نئين
شاعري ڪري رهيو آهيان: جنهن تي پاڻ ڏاڍي مهربانيءَ سان علم عروض
جا ۾ بحر وزن لکي بہ ڏنائون ۽ سمجهايائون تہ هن نموني سان انهن وزنن تي
شاعري، لکي اچو!

آءُ ٻئي ڏينهن علم عروض جي رُڪنن ۽ پدن تي شاعري لکي ڪٽي
ويس، پر وزن جي ترتيب سمجهہ ۾ ڪانہ آئي هئي، ان ڪري، مون کي
ساڳيا وزن سمجهائي، ورائي لکي ڏنائون ۽ پوءِ جڏهن ٻئي ڏينهن آءُ علم
عروض جي بحر وزن جي رڪنن ۽ پدن مطابق صحيح صحيح ترتيب سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راشدا موجون ماڻ، وهوا جشنِ روح رهاڻ!

اِئين راشد جي وطن، قوم ۽ اُن جي سونهن سان محبت جي شاعري پنهنجي مخصوص انداز ۾ اسان جي، سوچ، سمجهہ ۽ شعرن کي سيراب ڪندي رهي، ۽ هو اسان ۾ اسان پارن ٻين ڪيترن نون اڀرندڙ شاعرن جي رهنمائي ۽ رهبري ڪندو رهيو ۽ اهڙيءَ ريت ادب- شاعريءَ جي دنيا ۾ نوان اديب ۽ شاعر پيدا ڪندو رهيو آهي. انهيءَ لحاظ کان سنڌ جي شاعرن ۽ خاص ڪري موري جي ادبي ماحول ۾ هن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. هن اهڙيءَ رهنمائيءَ سان نہ صرف ڪيترائي اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا، پر سوين قومي ڪارڪن بہ پيدا ڪيا ۽ سنڌن جي پنهنجي علم ۽ ادب جي ذريعي تربيت ۽ پروش بہ ڪئي.

اڄ موري ۽ ان جي آسپاس ۾، جيڪا بہ ادبي، ثقافتي يا قومي سرگرمي نظر اچي ٿي، ان جا بنياد راشد مورائيءَ جا وڌل آهن: هو اها سرگرمي ون يونٽ جي خلاف هلچل جي هجي، بنگلاديش جي آزاديءَ بابت هجي، يا سنڌي ٻوليءَ ثقافت ۽ ادب جي واڌاري جي هجي: هو انهن سيني ۾ اڳيان اڳيان رهيو آهي- نہ تہ 1971ع تائين سنڌي ماڻهن جي سجاڳيءَ جي صورتحال اها هئي، جو اسان، راشد مورائي، مثل ڪمالائي، سڪندر زمان ميمڻ، ۽ قاضي شوڪت حيات پارن قومپرستن بنگلاديش جي آزاديءَ جي مثائي، بہ موري ۾ ستن ڪوٺين ۾ لڪي وڃي ورهائي ۽ ڪاڏي هئي.

راشد جي اوطاق يا آستانو جڏهن کان جوٽا لوءِ چڙي موري ۾ قائم ٿيو آهي، تڏهن کان اهو ادب ۽ شاعريءَ توڙي قومي تحريڪ جي سرگرمين جي سونهن رهيو آهي. ان حوالي سان راشد ادب ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ وڏي خدمت ڪئي آهي، جيڪا سنڌ جي قومي تحريڪ جو حصو آهي ۽ صدين تائين ان جي اتساهہ جو سبب رهندي. هن جو اهو قومي ڪردار ساراهہ جي لائق آهي، ۽ هو اها سچي خدمت ڪنهن لالچ ۽ لوڀ کان سواءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو رهيو آهي، جنهن ۾ ڪڏهن به اُهو ڪونه رهيو آهي، پر اهڙي خدمت ڪندي ڪيس خوشي ٿيندي آهي.

راشد، جتي حسن ۽ سونهن جي ساراهه ڪئي آهي، اُتي هن پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ وطن ۽ قوم کي به ڳايو آهي. هن جي سچي ذهني ۽ روحاني سرگرمي وطن، قوم ۽ سونهن کي اپيل رهي آهي ۽ انهن جي واکاڻ ۽ ساراهه سان سرجي آهي.

"جيڏهن ڪيڏنهن تنهنجي صورت ڌرتي ڪل مسجود

ڪري ويو عشق اوهان جو!

اُهوئي عشق، پوءِ سونهن جو هجي، يا ڌرتيءَ ۽ قوم جو هجي، اهوئي راشد جي راهه جو رهبر رهيو آهي. هُن سونهن کان سواءِ ۽ وطن ۽ قوم جي محبت کان سواءِ نه ڪڏهن سوچيو آهي ۽ نه ڪڏهن طلبيو آهي ۽ نه وري لکيو آهي. هن وٽ رات ۽ ڏينهن اهائي تات آهي ۽ برهه جي بات آهي:

تنهنجيءَ تات، برهه بات، آڌيءَ رات اٿاريو

آ ميهار تڪي تار، تنهنجيءَ سار سنياريو. . . .

راشد يار، هوءَ ٻاڪار، پڳي پار سجڻ کي،

ٽٽا دم، لٿا غم، ويا وهم، وڃڻ کي.

راشد جي ارادي جي اهائي ارڏائي، ان جي هيئين سٽن مان جهلڪي ٿي:

اڳيان سُج ۾ سَوَ آهين مرون،

مون کي ڪيئن ٿا موٽائين مرون،

پل ماس منهنجو کائين مرون،

منهنجي خيال ۾ پوندو ڪونه خلل!

هڪ پڪي پختي نظرياتي ليکڪ يا شاعر جي خيالن ۾ يا ذهن ۾ خلل يا ٻڏتر ڪڏهن به ڪانه پيدا ٿيندي آهي، ان ڪري راشد جي جيئن سونهن سان وابستگي اٽل آهي، تيئن وطن ۽ قوم سان ڪميٽمينٽ به اٽل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اهڙيءَ طرح وطن ۽ قوم جي مٿان آيل ڏاڍ ۽ ظلم جي ڪاري رات سان به ان جي ايتري ئي شديد نفرت آهي. ڪيس ان ڪان ايتروئي ڏپ ٿئي ٿو ته اها ڪاري رات وطن ۽ قوم جي خلاف ڪي وڏا هاڃا نه ڪري وجهي. راشد جي هيٺئين شعر ۾ اهڙي ئي ڏپ جو اظهار ٿيل آهي:

رات جي ڏائڻ ڪاريءَ کان
مون کي ساٿ ڏجان، هوشياريءَ سان،
ڏاڍو پئو ٿو ٿئي، انڌاريءَ کان،
جيئن ديو اوندهه جو دم نه گُهٽي.

وطن سان ۽ وطن جي ماڻهن سان پيار ۽ محبت به سچي شاعر کي ڏپ ڏياريندي آهي ته اهو ظلم ۽ ڏاڍ ڪٿي منهنجي وطن جي سونهن نه بگاڙي يا ڦٽائي ڇڏي ۽ پنهنجن ڪارنهن جهڙن ڪرتوتن سان ڪا ڪاهه نه ڪري وجهي. هن مٿئين شعر ۾ شاعر اهڙو ڏپ ڏيکاريو آهي ۽ پنهنجي وطن واسين کي ان کان خبردار ڪيو آهي ۽ هڪ باشعور ۽ سچي سيبتي شاعر جو اهڙوئي فرض هجي ٿو ته هو وطن جي ويرين سان نه صرف نفرت ڪري، پر ان جي هر قسم جي ڪميٽپ کان پاڻ ۽ پنهنجي وطن کي بچائي.

ائين راشد کي اها به خوشي آهي ته هو جيتوڻيڪ غريب آهي ۽ بيوس آهي، پر خوشنصيب آهي، جو هو پنهنجي پرينءَ ۽ وطن واسين سان گڏجي، جنگ جي ميدان ۾ لٿل آهي. جيئن چوي ٿو:

راشد غريب آهي، پر خوش نصيب آهي،
پاڇي ۾ سونهن جي پيو ڪري زندگي بسر.

سنڌ وطن يا سنڌ امڙ جي گود ۾ راشد غريب رهندي به ڏاڍو خوش آهي، پر خوش نصيب به آهي، ڇو ته زنده به اُن ۾ آهي ۽ مُئي کان پوءِ به ان ۾ ئي دفن ٿيڻو آهي. ان لاءِ هن وٽ وطن جو عشق آهي، برهه آهي ۽ ان جي برهه جا بخيا ايڏا ته سوگها ۽ سگها آهن، جو انهن کي ڪير ٽوڙي يا اڌيڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتو سگهي. اها اُن جي برھہ سان وابستگي آهي.

بخيا برھہ جا سوگها. ٿوٻا ڪير اُڌيڙي!

چاڪاڻ تہ:

عشق اسان کي خوب گهمايو هر هر وارا ڪٽي ڪٽي!
اسان بہ اُن سان ساٿ نڀايو نينهن جا نعرا هٽي هٽي!

چوي ٿو:

راشد عشق اٿم استاد، ڌوهہ دنيا جا سيئي ڌندا،
ھتان سان مون دنيا کي ڇاتو علم سان پنهنجو پاڻ سڃاتو.

۽ پوءِ:

عشق ٻڌايو 'راشد' آهي، عبد منجهان معبود
آءَ جهُڪان، جڻ توکي جُهڪايان.

چاڪاڻ تہ!

عشق شهنشاهہ ڪان مون کي ڳُش مليو آهي
نہ گمراهہ ٿيندس، پڪو ڏس مليو آهي
هٿي اڳ ۾ منهنجي، مُلن مت منجهائي.

سنڌ جو ڪلاسيڪل شاعر قاضي قاضن جڏهن ملائين سوچن جي ور چڙهيل هو تہ هن شاهہ بيگ ارغون جي هٿان سکر جي قلعي جي برج تان سنڌ جي 1500 سپوتن کي مارائي، سنڌو درياهہ ۾ لوڙهائي ڇڏيو هو. پر جڏهن کيس احساس ٿيو ۽ سچ ۽ ڪوڙ جي پرک ٿي تہ چيائين:

ڪنز قدوري قافيا، پڙهي پروڙيم سڀ
تہ ڪر منڊي ماڪوڙيءَ کوهہ ۾ پيئي ڪچي اُپ.

۽ راشد جڏهن سانگيئڙن جي سڏن کي ٻڌو تہ چيائين:

سڏ ٻرن ڳنن ۾ سانگين جا،
جهوپا ياد پون ٿا، جهانگين جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڙها شال ڏسان مان وانگين جا،
نڪي ماڙي نڪي محلات ڪپي!

راشد پنهنجيءَ ذات ۾ شاعريءَ کي سنڌ وطن جي سانگين جي سک ۾ سلامتي، آجپي ۾ آزاديءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي ۾ چئي ٿو ته!

ڏات جي ڏيهه ۾ ڌاڙو هڻندي
لفظ ڪنياسون لُٽي لُٽي!

پنهنجي مَنَ جا موجي، پنهنجيءَ ذِکْرَ جا پختا،
رهيا ڪاپڙي ڪين، ڪنهن جي اثر ۾.

رکي لڄ سدائين اسان الفتن جي،
نہ پرواهہ ڪئيسين، ڪڏهن تهمتن جي،
سچائي، جي ڏسٽي، اٿئي اي زمانا!
هِنن محبتن ۾ ملاوت نہ آهي.

۽ هن وٽ صرف سونهن، سنڌ ۽ سيد جو پيغام آهي، جيڪو اٿندي ويهندي ۽ جاڳندي ننڊ ۾ سندس ورد ۽ ورونهن بنجي ويو آهي ۽ روح جي راحت ٿي پيو آهي.

پانهنجو ايمان آ جاکوڙ ۾،
ڪڏهن هارايون، ڪڏهن کٽيون پيا.

خاڪي جويو
134 - پٺائي ٽائون،
حيدرآباد، سنڌ
31_01_2007



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشقُ بڻايو بيپرواهه،
سر گهوري کو سؤلو ناهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهه عشق اَڪابرَ ٽُنهنجي گهتِ،
هتِ عقل وارن جي مُوڙهي مَتِ!

جيڪو عشق جي آيو هوندي ارَي،
تنهن ڪان هوشُ ٻيجي تيو هوندو پري،
سگهيو وقت جو حاڪم ڪجهه نه ڪري:
بس ڪنهن جي هلي ڪا ڳالهه نه ڳتِ!

ڪيئي عالمَ 'فاضل' ڏاڃ ڏٺي،
هليا حڪمت وارا هامَ هٺي،
تو تن کي چڪائي چوٽ ڪٺي،
تي سيني جي وئي وائکي پتِ!

ڪوئي دولت وارو دمُ پيو پري،
ڪوئي هشمت وارو هوڏ ڪري،
ڪوئي ماهر منجهه حسابَ ذري:
وئي وِسري ضربَ ۽ وندِ اُپتِ!

هت واٽ_ مسافر جي ٻه مليا،
هن راهه تي 'راشد' جي ٻه هليا،
ڏٺا ڏسندڙ تن جا پيرَ چِليا:
پئي راهه تي آههِ جگرَ جي جهتِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق بڻايو بي پرواھہ
سرُ گھورڻ ڪو سولو ناهي!

سڪ سهڻيءَ کي سيرَ ۾ آندو
دهشت وارو هو درياھہُ:
سرُ گھورڻ ڪو سولو ناهي!

سُوريءَ تي منصور چڙهي ويو
چِت ۾ پيدا ٿيڙيس چاھُہ:
سرُ گھورڻ ڪو سولو ناهي!

سرمد پنهنجو سِرُ ڪٽايو
پر نہ ڇيائين الاالله!
سرُ گھورڻ ڪو سولو ناهي!

ڏسُ تہ بلاول گھاڻي پيڙيو
نينهن سان ڪيئين نيٽ نِباھہُ!
سرُ گھورڻ ڪو سولو ناهي.

ڊپ ۽ لالچ سڙيا 'راشدَ'،
عشق اچي ٻاريو آڙاھہ!
سرُ گھورڻ ڪو سولو ناهي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڻ وي ساهڙ ڄامَ! سُهڻي تُنهنجي آ سامَ،
ڪوڙا قولَ نہ ٿيندا، سچا عشق انجامَ!

پيئي ٻڏان، تہ بہ سڏيان، توکي ڇڏيان ڪيئن مان،
پيلو پُري، پِيو جُهري، وڃان تري جيئن مان،
پِڄي پاڻِ پُڄان هاڻِ، تُنهنجي ڪاڻِ هيئن مان،
واپس ڪيئن وران مان، هَٽي نڪتيس هامَ!

تنهنجي تات، برهہ باتِ، آڌيءَ رات اُٿاريو
آ ميهار، تکي تار، لهي سارَ سنياريو،
سُٺي سُوال، هي حوالُ، اچي حال سُڌاريو،
ڪيو قابو ڪُنَ ۾، ڌُهري تنهنجي دامَ!

راشد يارَ هي ٻاڪارَ پُڳي پار سجڻ کي،
ٿَڌا دمَ لَٿا غمَ ويا وهمَ وڃڻ کي،
ٿيئہ ساٿي، ميهرُ هاٿي، پَلي ماٿي، مرڻ کي!
ٻُڏيءَ سندا ٻيڙا، ڪيا عشق امامَ:
سُڻ وي ساهڙ ڄام!
سهڻي تنهنجي آ سام!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر جا حق موجود ڪري ويو، عشق اوهان جو
عشق اوهان جو نينهن اوهان جو!

هستي هوڏ حرام ڪيائين، نيت هٺي نابودُ ڪري ويو
عشق اوهان جو:

شوقَ شڪارَ چڙهائي شاهي، آزادي محدودُ ڪري ويو
عشق اوهان جو:

پارس تون ۽ لوههُ هُيس مان، سونو آهه وجودُ ڪري ويو
عشق اوهان جو:

جيڏهن ڪيڏهن تُنهنجي صورت، ڌرتي ڪُل مسجودُ ڪري ويو:
عشق اوهان جو!

هوس اَياز اڳي مان "راشد"، محبت ۾ محمود ڪري ويو!
عشق اوهان جو!
نينهن اوهان جو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿهي ڪينَ عُمرَ! ٿي هيئن هَٿَ ڪَسَ،
ڏنا ڏاڍ ڪهڙيءَ، توکي ڏَسَ!

اِهو ظلم زوراور رک نہ روا،
هِتي مونجهہَ آتم، ماڙنِ ڪان سوا،
هُت ڀِرِ ۾ ڀِٽن جي تازي هوا،
هِت ماڙين ۾ آ ڏاڍي اُٻسَ!

دل ڳوٺ جي ڳَليتين ڳاري ڇڏيم،
هُت چيلا ڪنهر جي سهاري ڇڏيم
روئي رات سَجي تہ گذاري ڇڏيم،
هَنيان نيٺ اُسرَ جا ڪُڪڙن دَسَ!

مون ٿي موڪل ڏي تہ مليس وري،
ڪلهان گهيٽن جي لڳ گاهہَ ڀري
تُنهنجو شُڪر مڃيندا ڇو نہ ٿري!
توکي دعائون ڪندي، منهنجي نَس نَس!

وڃي ڪاهُڙ پاسي خوب کِلان،
هڪَ جيڏين سَرتين ساڻ مِلان،
پنهنجي ماڙُن سان خوش ٿورَ ٿِلان،
ڪيان 'راشد' تن سان رهاڻيون رَسَ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڏک دل جا ڏور ڪري وئي، تات توهان جي،
تات، توهان جي، ياد اوهان جي!

من ۾ محبت جي مدهوشي، ان پيتي مخمور ڪري وئي:
تات توهان جي!

ڳڪ ۾ لکن جو مُلهه، تي پيو آ، ناريءَ کي جن نُور ڪري وئي:
تات توهان جي!

علم، عقل سيکاريو دل کي، مُهيا سمجهه، شعورُ ڪري وئي:
تات توهان جي!

ڦيٿا ڦاهيءَ تي ڦتڪن ٿا، مُلان کي منصور ڪري وئي:
تات توهان جي!

’راشد‘! هوسِ رواجي ماڻهو مُلڪن ۾ مشهور ڪري وئي:
تات توهان جي!
ياد اوهان جي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڏيون جاڙ ٿي وئي، پري ٿي ويو پنهل،
هُئو رات سنجهي، منهنجي پِر پر سُتل.

اڄ ويندس گونڌر گس ڙي اديون!
مان ناهيان پنهنجي وَس ڙي اِديون!
هِن شهرَ کان موٽ ڪئي بَس ڙي اديون!
رهيو ڪونہ هِتي منهنجو عمل دخل:

ڇَئي موٽڻ جو تہ نہ ماريو ڙِي،
ڪين سبق اِهو سيکارين ڙي!
ڊپ ڏاءَ ڏئي نہ ڊيڄاريو ڙي!
مان ڄاڻان تہ ڄاڻي پَٻُ ڄبل!

اڳيان سُڄ پر سَوَ آهين مِرون،
مون کي ڪيئن ٿا موٽائين مِرون،
پَل ماسُ منهنجو کائين مِرون،
منهنجي خيال پر پوندو ڪونہ خلل!

وَهي ويلَ وئي اِڳ سوچڻ جي،
هاڻي مَت نہ ڏيو مون کي موٽڻ جي،
آڇي مهلَ وئي آ لوچڻ جي،
هُجي رات يا 'راشد' ڏينهن ٽَتل!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرڪي مُرڪي مارڙيا ڪاوڙ سان تہ نہ ڳُھہ ڙيءِ جاني!

شُوڪر جو شربت ڪين قبوليان، زهرُ سخي پل پيان ڙيا
ڪاوڙ سان تہ نہ ڳُھہ ڙيءِ جاني!

ڪِلندي ڪِلندي خوش ٿي سائين، سُوريءَ کي سينگاران ڙيا
ڪاوڙ سان تہ نہ ڳُھہ ڙيءِ جاني!

ٻَهہ ٻَهہ ٻهڪي ٽِڙُ ٽهڪن سان، ڏاڙهونءَ ڳَڻ ڏيکار ڙيا
ڪاوڙ سان تہ نہ ڳُھہ ڙيءِ جاني!

’راشد‘ تنهنجو خادم آهي، در تان ڪين ڌڪار ڙيا
ڪاوڙ سان تہ نہ ڳُھہ ڙيءِ جاني!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين، تي سهارو، سگهو بي سَتيءَ جو
نہ تو پنڌ مون کان پُڄي ڏر تتيءَ جو!

آري ڄام آهين، اَجهو بي اَجهن جو
توتي ننگ ننگي آ، دامن لڳن جو
پنهل تون ئي آهين، اسان جي پتيءَ جو!

ڪُلهي ڪانڌي مُئيءَ جو اچي تي ڪوهيارا!
ختم ٿيا وسيلا، حيائيءَ جا سارا،
اچي وقتُ ويجهو، ويو رُخصتيءَ جو!

هَلي پئُ همت ڪر، هي گورن جو گسُ آ،
ڏنم خود ڪي ڏڍُ پر، هليو ڪونہ وس آ،
فُرق ڪو نہ ٿيو ڪو بہ 'راشد' رتيءَ جو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ چنڊ، نہ لھہ، جيسين رات کُٽي،
پلي پو لھجان، جڏھن باکَ ڦُٽي!

ھِن رات جي ڏائڻ ڪاريءَ کان،
مون کي ساڻُ ڏجان ھُوشياريءَ کان،
ڏاڍو پئہ تو تئي انڌاري کان،
جيئن ديوُ اوندھہ جو دمُ نہ گھُٽي!

ھيءَ رات بہ آھي چار گھڙيون،
سي گذرن شال نہ ڪنھن جون ڪڙيون!
ڪي لڙنديون، ڪي آھين لڙيون،
شل ٻاٽ نہ ڪنھن جي لاٽِ لُٽي!

رھڻ رات سَچي چانڊاڻ ڪري،
متان اوندھہ ڪا ڪاراڻ ڪري،
توسان 'راشد' روح رھاڻ ڪري،
جيسين، جنجل کان ھيءَ جانِ ڇُٽي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي سخي! قربُ ڪري ڪر،
محتاج ٿي اچون ٿا، دولت حسن جي در.

تون ئي سَپڙُ تون جاڏمُ، تون ئي سخي آن حاتم،
سوالي وري نہ خالي، آهي سخين جي پِرِ:
اي سخي قرب ڪري ڪر!

طالبِ نہ سيمَ زَر جا، گُهر جائو هڪ نظرَ جا،
ڏيدارَ جا پياسا، ديدن لئہ منتظر:
اي سخي قرب ڪري ڪر!

سِڪ سُونهن کي ڏسڻ جي، بُکَ آهہ مُکَ پَسڻ جي،
مخمور اکِ سجڻ جي، هيڏهن بہ ڏيانُ ڏرِ!
اي سخي قرب ڪري ڪر!

'راشد' غريب آهي، پر خوش نصيب آهي،
پاڇي ۾ سُونهن جي پيو ڪري زندگي بسرِ:
اي سخي قرب ڪري ڪر!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن ٻيجل جي ٻاڪارَ هٽي حيرانُ ڪيو
حيرانُ ڪيو پريشانُ ڪيو!

ڪَڻُ ڪاتي، وَڍِ ڳنڍُ ٻلي تون، سوزَ ٻرئي سُرَ تارَ:
مون کي مستان ڪيو!

شوقُ شهادت شانُ سچن جو آڏو ڪرڻ، ڳپارَ:
وڏو آ مانُ ڪيو!

ڏاهپ ڏَکيٖ وئي ڏاج ڏُکن جو پُور ڏنا جي پيارَ
ڏُکن درمانُ ڪيو!

عامَ رَواجي ماڻهر 'راشد' سڪَ سڄڻن جي سارَ:
صحيح انسانُ ڪيو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راسِ نہ آئي رات، راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

ساڙيو آهي سَرِيرَ کي، هيرَ گُهلي هيهات!
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

سُيجَ لڳي تي سرتيون، مومل جي محلات:
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

موٽي آ تون مينڌرا، ڏاگهہ چڙهي تي ڏات!
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

سوڍا!، ساري سُونهن آ، تُنهنجي ذات صُفات:
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

'راشد' راڻل کان سواءِ، آهِ بُري هر بات:
راڻي ريءَ ڙِي جيڏيون!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت سڄڻ تنهنجي ياد اَٿم،
تُنهنجي ياد سان ئي دل شاد اٿم!

جي آهه ڪڏهن ته جهانُ ڪِلي،
جي ماٺ ڪيان ته جيءُ جَلي،
سُکَ دُور ٿيا، غم لاٿو گَلي،
دل دردن سان آباد اٿم!

جيئن رات ٺري، تيئن باهه ٻري،
جيئن مُندَ ڦِري، ڏکُ زورُ ڀَري،
آئي ساوڻ رُت، پر تون آن پَري،
اڄ ڪالهه طبعُ ناشاد اٿم!

جيئن ڏينهن تپي، تيئن دردُ وڌي،
جند جانِ ڇڏي ڏک، منهنجي ڏڌي،
ڇڏيو رنجَ رُسامي آهه رَڌي،
هِت 'راشد' هيءُ روئداد اٿم!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنول گل ڪُوماڻيا ۽ ٽانگر ڪين ٽِڙيا،
راڙو رُڻو ٽي ڪاڪِ اُجڙ، ڪي ڀئونرا ڪين مِڙيا!

محبت وارا ميندّرا، هيئن ڪي ٻہ نہ ڪاوِڙيا،
موٽي پهچن ماڳن تي تا، سيئي ٽاڪَ ٽڙيا.

سوڊا سُڄي سيجَ تي آهن، سهسين سنجَ لڙيا،
رات انڌيريءَ خواب ۾ آئين، ڪي ئي چنڊ ڪِڙيا!

’راشد‘ راڻل جا تہ ڳنن ۾ ٻيهر ٻول ٻُريا!
نسَ نسَ منهنجِي ناچُ نچي ٽي، جڙ ڪي ساز ڇڙيا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي جنجل ۾ توچِيانَ قولُ پريِن سان پارڻ لئہ!

زهرُ غمن جو آهِ حياتي، مُرڪي مُرڪي پِيان:
قولُ پرين سان پارڻ لئہ!

هي سِرُ هڪڙو حاضر آهي، ڏهہ هجن تہ بہ ڏيان:
قولُ پرين سان پارڻ لئہ!

سُونهن مٿان سِرُ گهوري گهوري، صدقي صدقي ٿِيان:
قولُ پرينْ سان پارڻ لئہ!

چارڻ چُپِ چو آهين چَريا، ماٺ نہ ڪر او ميان!
قولُ پرين سان پارڻ لئہ!

ڏيهہَ اڳيان هيءَ ڏات او 'راشد' نينهن نشاني ڻِيان!
قولُ پرينْ سان پارڻ لئہ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوُ تہ ڏيان مُنهن ڪنهن کي،
دِل هڪڙي ۽ درد هزار.

ڪُڏِ پَئي قربَ جو قيدُ قبوليم، هئہ هئہ هاسيڪارَ:
چوُ تہ ڏيان مُنهن ڪنهن کي.....!

لُڇَ پُڇَ لوري، جِهجهڻ ۽ جهوري، وَهمر وڏيا ويچارَ:
چوُ تہ ڏيان مُنهن ڪنهن کي.....!

سَنبري آيا سُورَ ڪري اَڄ، سورنهن ئي سينگارَ:
چوُ تہ ڏيان مُنهن ڪنهن کي.....!

'راشد' سان ڪر اَهنجي ويلي، سرداري سردار!
چوُ تہ ڏيان مُنهن ڪنهن کي.....!
دل هڪڙي ۽ درد هزار.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنئي سُورَ سهيڙي، ڏنئي سُورَ سهيڙي!

ٽُتي لڙڪن مالها، موتي ڪوبہ نہ ميڙي:
ڏنئي سور سهيڙي!

ڦَرهو ڪين ڪڍين ها، پهريان چاڙهي ٻيڙي:
ڏنئي سور سهيڙي!

ٻَخيا برهہ جا سوگها، ٽوپا ڪيرُ اُڏيڙي؟
ڏنئي سور سهيڙي!

'راشد' ڪڍيا ڪشالا، قرب چڏبو آهِ ڪيڙي:
ڏنئي سور سهيڙي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق عقل جو ٿيو اتحاد، منهنجي دل ۾ گڏجي رهندا!

ٿي تبديل آ جنگ اَمنَ ۾، مندر مسجد مُنهنجي مَنَ ۾
ويرُ ۽ ڪينو مرده باد، هندو مسلم ناهه ۾ نهندا!

عشق عقل سان علم ٻه آيو ٿي پيو منهنجو ڀاڳ سُوايو
قربُ محبت زنده باد، هڪَ ٻئي کان سڀ عزت لهندا!

عقل سان مون دنيا کي ڄاتو علم سان پنهنجو پاڻ سڃاتو
’راشد‘ عشق اتم اُستاد، ٻوهَه دنيا جا سيئي ڍهندا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهشت آ دردَ ديوَ قيامت ۾،
نہ ٿو ساهہ اچي هاڻي سامت ۾.

دل قربَ ۾ پوريءَ طور ڪڙهي،
ڏني بانگ برهہ مٿي چوٽ چڙهي،
اسان نينهن جي آهہ نماز پڙهي،
تنهنجي حضرتِ عشق، اِمامت ۾!

اِهو عشق تہ عزرائيل ٿيو
جنهن کي چاهيائين سو عليل ٿيو
دل دهڪي جو تہ دليل ٿيو
هاڻي ملبو ڏينهن قيامت ۾.

نہ ڪنهن ۾ رکون ڪا اُميد آسان،
ٿيا ديد جا آهيون شهيد اسان،
نڪي مرشد ۽ نہ مريد آسان،
ويساهہ رکون نہ ڪرامت ۾!

ڪائي عزت شُهرت ڪانہ کپي،
ڪا بہ اهميت، عظمت ڪانہ کپي،
خوش 'راشد' خلقت ڪانہ کپي،
آهيون سرها مردَ ملامت ۾!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترسي پؤ تون رات، ريجهي ڪر رُوحَ رهاڻيون،
روحَ رهاڻيون، قربَ ڪهاڻيون!

آءُ تہ توکي وڃڻ نہ ڏيندس، جلدي واپس ورڻ نہ ڏيندس،
جَهلَ نہ ڏئي جذبات، ريجهي ڪر روحَ رهاڻيون!

تنهنجي صحبت آهہ عبادت، سڪَ وارن لئہ آهہ سَعادت،
مُشڪل ٿيندي ماتِ، ريجهي ڪر روحَ رهاڻيون!

جانبَ پنهنجي جيءَ ۾ جايون، ’راشد‘ تنهنجي لئہ جوڙايون،
مَنَ ۾ آ محلات، ريجهي ڪر روحَ رهاڻيون!
روح رهاڻيون، قرب ڪهاڻيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق آسان کي خُوب گھمايو، ھر ھر ڙارا ڪٽي ڪٽي،
اسان بہ اُنِ سان ساٿُ نڀايو، نينھن جا نعرا ھڻي ھڻي!

ڪيئي فاضل عالم ھا پر، ڪيئي سھڻا سالم ھا پر،
برھ اسان کي ٻاھ لئہ چونڊيو، تِمڪون ٽانڊا ٻٽي ٻٽي!

ڀِريان ڀِريان گُھورُن گھايو، پوءِ وري رمزن ريجھايو،
نيٺ ٻُڳاسون پارِ پريِنءَ کي، حُبَ جا ھٿڙا ھڻي ھڻي!

عرضَ گناھہ ڪري ڇاتوسين، دنيا عُقبيٰ کي ڇاتوسين،
ٻئي سان مطلب ناھي 'راشد'!، دل ۾ رھيو ڏٽي ڏٽي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاني ڏُور نہ جالين، جالين يارَ اسان سان
آءُ نينهن نڀايون، آءُ تہ سيجَ سڄايون!

منٺڙا باغ سڄي ۾ مون آ ميندي پوکي،
هٿڙن پيرن کي ڪو تنهنجي رنگ لڳايون!

پيارا پار وڃين ٿون، ويٺين مون کي وساري،
جلدي موٽي آ ٿون، سارا سُورَ سُڻايون!

سهڻا سانوڻ آيو ڏينهڙا! پينگهہ لُڏڻ جا،
جهولا خوب جهُلايون، سُر سان سارنگ ڳايون!

دلبر ٿوسان دل جون، 'راشد' روح رهائيون،
تون هِين ٿون آ ٿَنَ ۾ ٻي لَنءُ تہ نہ لايون!

❖ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دِيدَ ڏِئيسون ٿيا سُون ديوانا،
پاڻ تہ محبت جا مستانا.

خيال نئين ٿوڙي خاموشي، عشق عطا ڪئي آ سَر جوشي،
جاءِ جنهين تان ٿي مئہ نوشي، قائم دائم سي مئخانا.

طَلبَ خوشين جي خامَ خيالي، عشق جي هر دم آ اک آلي،
درد ڪيو انسانُ مثالي، سُورن جا سَوَ سَوَ شُڪرانا!

عشق اچي ڪئي آهہ امامت 'رِاشد' حاصل ٿي آ هدايت،
نڪري وئي سڀ غير غلاظت، ذهن ٿيا تازا توانا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوءَ جو اثر، تنهنجي يار اکين ۾،
نيڻن ۾ نظرين چڙهيو سارو سُونهن نگر:
تنهنجو يار اکين ۾!

دنيا رهجي دنگ وئي، کُليو ديدن در:
تنهنجو يار اکين ۾!

دل تي چئي تہ آءٌ ي وِهان، گُهورن ۾ ڪو گهرَ:
تنهنجي يار اکين ۾!

نظرِ ڪرم سان تي ويو 'راشد' آهہ امر:
تنهنجي يار اکين ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي پيارُ ڪنديون، سي سَهنديون جُتيون،
ڪنهن سان ڪين ڪُڇن تيون ڦُرب ڪُٺيون.

مان جهڙي آهيان، جيئن آهيان،
مَن ميري جيئن جو تيئن آهيان،
ڪنهن ڪان ڪين پُڇان ٿي ڪيئن آهيان،
اوهان سيئي آهيو مون ڪان سُٺيون!

هن جهنگ ۾ رنگ رچي ويندو
ميلو مِرُئن ساڻ مچي ويندو
نيٺ پنهل به پاڻ اچي ويندو
تيِنديون برهه وارن جون بَرَ ۾ بُٺيون.

تيِنديون روحَ رهاڻيون روجهن سان،
رب راضي آهه اپوجهن سان،
تيِنديون ڦرب ڪهاڻيون ڪوجهن سان،
اوهان پَل نه وتو سڀ مون ڪان رُٺيون!

اوهين سِچ تيون چئو سڀ مون کي سَکيون!
منهنجي ساهه کي ويو آ پروچ پَکيون،
رت روئن ’راشد‘ـ يارا! اکيون،
ڪنهن کي ڪين ڏين تيون ميارَ مُٺيون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهنجو نينهن سان آهہ نڪاح، اديون!
چئو جيڪي اٿوَ مباحُ اديون!

دل منهنجي برهہ جي لاءِ ٻٽي
آ عشق ڪيو وچي هندّ هٽي
منهنجي سوچ سمجهہ هُر ويو آ ڪٽي
جيڪو آيو هِت تي سَياح، اديون!

مان هُن کان سواءِ هت ڪين ٺهان
شل! ڏوري ڏيهہ وچي ڪيس لهان
سوا هُن جي تنها ڪيئن رهان؟
ايڏو ناهہ پڪو اَرواحُ، اديون!

هي سمجهن تا ماٺهو سمجُهو
ڪنهن جو جلوو آ 'راشد' هرسُو
منهنجي هِردي ۾ آ هُو ئي هُو
مَنُ محبت جو آ مداح، اديون!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُڇان پنهل جا پيئي پارَ پتا،
ڪتي رنگ رَتا، ڪتي ميلَ مَتا.

جيڏيون جاڙ ڄِيان گهرِ ڪيئن ڄُٽ ۾،
منهنجو ساهُ ٿيو آهي مُٺ ۾،
هٽي خنجر ويا آهن پُٺ ۾،
ڏنگا ڏيرَ هٿا ڪي شرمَ ڪَتا.

مون ڪي محبت جو آ متي ۾ مُئي،
نه تو برَ ۾ ٿئي ڪو ذري جو ٻُئي،
مِرون هيبتناڪ به ڳن تا ڳئي،
ٻِوان تن جي پٽيان ٿي چوڙي ڇَتا.

اچي نيت ٿيو ساٽي سُڄَ ۾،
پِڪَ پنهل پياري آ اُڄ ۾،
رَچي رنگ ويا، 'راشد' رُڄ ۾،
اسان عشق جا ڪيئي انعام وتا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪي هُو آ ٻيو نڪي آنءُ ٻيو
ڏئي ٻيائيءَ کي ڪو نانءُ نيو!

سُٺي سُونهن وٽان سوغات ملي،
۽ جوش ڀري جذبات ملي،
صد شڪر جو ڏاهي ڏات ملي،
ڏاتيارَ! ذرا ڪو ڏانءُ ڏيو!

مچُ محبت وارو مچيو آ،
تي نينهَن ۾ نانگو نچيو آ،
هُو اچيو آ هُو اَچيو آ،
لنوي ڪوٺي تي اچ ڪانءُ پيو!

اَچي رهبر پهتو منزل ۾،
شڪ داخل ٿيا تہ ڏکيءَ دل ۾،
تهي ’راشد‘ ويٺو محفل ۾،
وڃي نيٺ تڪل ٽِرٽانءُ ٿيو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون آهين ڪاهوڙي،
سِر تان ڪڻ تون آهو ڙي!

سَتِ تون سِر جو سانگو سَئي!
ڪيچي ٽِيئي ڪرلاهو ڙي!

ڏار رهڻ ڪان موت ڀلو آ،
ڪاءِ ڪٽي تون ڦاهو ڙي!

لُڙندي هل تون ڪاڻ اُتن جي،
مورَ ڪَچي ۽ واهو ڙي!

ڇرڪ ڀَريئي ڇو ڇا هو ڙي؟
هيءَ تہ ڪارو ڇاهو ڙي!

جيڏيون پيار ڪسيو پر پرڏيهين،
راتِ هٽي راتاهو ڙي!

رهبر ريءَ ڪٿئن رسبو 'راشد'؟
ڏسَ ڏِئي ڪو ڏاهو ڙي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ۾ ٿون موجود، آنءُ جُهڪان ڇڻ توکي جُهڪايان!

سينو منهنجو صُورت تنهنجي، ڪريان ڪيئن سجود؟
آنءُ جُهڪان ڇڻ توکي جُهڪايان!

جانِ منهنجيءَ ۾ تنهنجو جلوو، مان ٿي هان محمود:
آنءُ جُهڪان ڇڻ توکي جُهڪايان!

ساهہ پساهہ ۾ شامل آهين، ساڳيو آهہ وجود:
آنءُ جُهڪان ڇڻ توکي جُهڪايان!

تنهنجي ڪري ٿي منهنجي طبع تي، طاري ناهہ جمود:
آنءُ جُهڪان ڇڻ توکي جُهڪايان!

عشق بڻايو 'راشد' آهي، عبدَ منجهان معبود:
آنءُ جُهڪان ڇڻ توکي جُهڪايان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي عشق آهي عجب راهہ لائي،
ڪيم خيال هٿ ۾، سمجھ سُرت آئي!

عشق شهنشاهہ کان، مون کي گسُ مليو آ،
نہ گمراهہ ٿيندس، پڪو ڏسُ مليو آ،
هُئي اڳ ۾ منهنجي مُلن مَتِ منجهائي،

عشقُ جو اچي ويو شفا ـ در ملي ويو
مون کي منهنجو مرشد قلندر ملي ويو
پُڄي پاڻ رهبر، ڪئي رهنمائي،

نصيبن جو 'راشد' آ چمڪيو ستارو
ملي دل جي ڪشتيءَ کي ويو آ ڪنارو
صفائي دلي ٿي، ملي روشنائي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪي وهم آ، نہ گمانُ آ، نڪي خواب آ نہ خيال آ.
مون اڳيان ڇِتيون حقيقتون، تنهنجي جوت آهِ جمال آ!

تنهنجي سُونهن آهي سوجهرو ۽ آس آهي ترورو
تون ٿين مون ڪان ٿو پرپرو تہ زندگي ئي وبال آ!

تنهنجي شان ۾ جي لکان تہ ڇا، تعريف ۾ جي چوان تہ ڇا،
تشبيهہ ڪائي ڏيان تہ ڇا، تنهنجو مٽ نہ ڪوئي مثال آ!

تنهنجي سَڏ تي آهہ اُتي پيو مرٽينگ 'راشد' جِي پيو
ڪِي ڪين هو ڪجهہ ٿِي پيو تنهنجي ديد جوئي ڪمال آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ڪوٺن ۾ هِت ترسان مان،
هڪ پل بہ عذاب ٿي سمجهان مان!

اڄ اُپ ۾ ڏِنم ڪاريون ڳڪريون،
خوش ٿيون هوُنديون ڇيليون، ٻڪريون،
سيءِ ليڙيون ۽ ڳُريون، ٽپريون،
وڃي شال اُنهن وٽ پهچان مان!

شل اَهڙو ڪوئي واءُ گُهلي!
مون تي آزاديءَ جو ڇَٽُ جهلي،
هي پابنديءَ جو نيئر کُلي،
ٻيهان خوش ٿي پِنن جي پرسان مان!

اڄ آندو سَنيهو آ قاصد،
ڇورن ٿا مارُن کي حاسد،
ٿيان عيش تي راضي اي 'راشد'!
اِئين ناهيان ناهيان ناهيان مان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِٽن مارن سان ملاقات کپي،
هن جيل کان هاڻ نِجات کپي.

ڏسي ڦهرَ مان مون تي ڪاوڙجي،
جذبات ۾ هلندي باھُڙجي،
ٻَل عُمرُ پيو مون تي آڪڙجي،
بس راضي رب جي ذات کپي!

سَڏ ٻُرن ڳنن ۾ سانگين جا،
جهوپا ياد پون ٿا جهانگين جا،
ويڙها شال ڏِسان مان وانگين جا،
نڪي ماڙي، نڪي محلات کپي!

ڪين عُمر سندءِ انياءُ کپي!
مون کي آزادي اي ٻاءُ کپي!
ايڏو سَرتين جو ٿو ساءُ کپي،
جيڏي ٿر کي گهٽي برسات کپي!

نيٺ آجپو آءُ ماڻيندس،
وچي سَڱر ۾ پلڙا ڇاڻيندس،
اهو ڦيرو 'راشد'! آڻيندس،
رڳو ڏانءُ کپي، رڳي ڏاتِ کپي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلربا! دل گهايل ڪئي تو
تير نظر سان چُڻي چُڻي!

اوجاڳن کان ڳاڙهيون اکيون،
باک پئي تي ڦُٽي ڦُٽي.

دور گهڻو پرواز فڪر جو
خيال نه پنهنجو ڪُٺي ڪُٺي!

ڏاتِ جي ڏيهه ۾ ڌاڙو هڻندي،
لفظ ڪنياسون لُٽي لُٽي!

نظر ڪرم ريءَ 'راشد' ڪيئن ٿي،
جند غمن کان ڇُٽي ڇُٽي!

❖


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ساهہ ڪيو آ ساڃن سُڪَ،
درِ اُن جي پُڄان ٿو ڏُڪ ئي ڏُڪا!

ڇُرَ منهنجي ڇاتيءَ تي آ ڇُريل،
تصويرَ سندس دل تي اُڪريل،
مان سهٽل ڪان آهيان وِسريل،
ڪيئن ڪيس وساري ڪريان ڇُڪا!

هِت هيڪل ڪي حيراني آ،
محبوب سوا ويراني آ،
جي ڏُور مون ڪان منهنجو جاني آ،
هيءَ دنيا پانيان ڏوڙ جا ٻُڪا!

دِل دلبرَ سان لاڳاپيل آ،
منهنجو ذهن پرينءَ سان واڳيل آ،
سو داءُ سيني ۾ سمايل آ،
جيئن آهہ رِليءَ تي 'راشد' ٽُڪا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعا ڪيو مون کي مايون، ترِ تانيڪي ٿيان،
”تَر تانيڪي ٿيان، خُوش جيڏين سان جِيان!

ڪٽي حال فقيراڻا، وڃي ڏسان مان آباڻا،
ڪاوان مکڙ جا چاڻا، جَهڙِ جهانگين وٽ پِيان!

هِتي ساهہَ تي آ سوڙهہ بي تہ ڪانهي مُون کي لوڙ
پٽن پاسي ۾ پلوڙ ڏِسي جهوپا دَم ڏيان.

مُنهن ’راشد‘ آ ملول، پوان مارُن ۾ قبول،
ٿئي دعا مقبول، سَتُ سلامت نِيان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ٻلوئي نہ ٿا سو چا جي ڪري،
خوش ڪِلوئي نہ ٿا سو چا جي ڪري!

آهي دانهَن تي دانهَن مريضن جي،
ڇئو مرضي چاهي طبيبن جي،
هِت حالت غير غريبن جي،
ڪيو ٻلوئي نہ ٿا سو چاجي ڪري!

هُئو ڏينگ عجب مزمانين جو
نذرانو ڏنوسين جانين جو
ڪيو قدر نہ ڪو قربانين جو
ڏيو صِلوئي نہ ٿا سو چا جي ڪري!

لڳي ساهہ کي آ سڪرات تڏهن،
ٻڌي سوڳهو ڪيو تو آهہ جڏهن،
اِنهيءَ ڳنڍ کي 'راشد' يار ڪڏهن،
ڪيو ڍلوئي ٿا سو چا جي ڪري!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇني نينهن ناتو وساري ڇڏيان ها، اِئين ڪرڻ پنهنجيءَ عادت نہ آهي،
ڏسي سُور سختيون پُٺي پيار کي ڏيان، اها عاشقن جي روايت نہ آهي.

ڏکيا ڏينهن گذرن، رُئڻ ۾ ٿي راتيون، مگر پوءِ بہ اُن لئہ اکيون منهنجون آتيون،
سوين يار صدما ڏنا ڏنجهہ ڏاڍا، مگر مون کي اُن سان شڪايت نہ آهي.

منهنجي دوست منهنجو صبر آزمايو نہ مون ٿي ڇيو ڪجهہ نہ ڪنهن ڪان چوايو،
پنهنجي فائدي لئہ سڄڻ کي ڪهين ڪلن، ڪرائي ڪڏهن مون ڪا پارت نہ آهي.

رکي لڄ سدائين اسان الفتن جي، نہ پرواهہ ڪئي سين ڪڏهن تهمتن جي،
سچائي جي ڏِسٽي اٿئي، ڏِسُ زمانا!هِنن محبتن ۾ ملاوت نہ آهي.

گلا خور هر دم گلائون ڪندا پيا، وفادار سڀ کي دعائون ڪندا پيا،
اُهو عشق ڪهڙو جنهين ۾ اي 'راشد'!خواري، گِلا ۽ ملامت نہ آهي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن حياتيءَ جا، ڏکيا سُکيا گهاريا،
ڏُکيا سکيا گهاريا، ڏکيا سُکيا گهاريا.

شڪوہ شڪايت ناهي، درد ۾ راحت آهي،
لڙڪ ٻہ ٽي هاريا، جڏهن پِرين ساريا.

نينهن نِڀائي وِجهو غم سَهسائي وِجهو
وعدا سڀ پاريا، قول نہ وِساريا.

'راشد' جاني ايندو غم ڏک فاني ٿيندو
صحن سينگاريا، اڱڻ اُجاريا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ يار مون وٽ جو مهمان ٿيو،
دفع درد، ڏک، دل جو ارمان ٿيو.

طبيبن کي پيو ترس، بيمار جو،
ڏنو دوست دارون آ ديدار جو،

دکي دل جو اڄ نيٺ درمانُ ٿيو.

پرينءَ پاڻ جو قربداري ڪئي،
نصيبن اڄ مون سان ياري ڪئي،
زمانو سڄو آ مهربان ٿيو.

کلي آيو 'راشد' خوشين جي پري،
هندورو ٿي لوڏي سُکن جي پري،
رُتل بخت دَر جو آ دربان ٿيو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُنهنجو ديدار دردن جو درمانُ آ،
سِگهو آءُ! عاشق پريشانُ آ.

منهنجو مرض ويڄن سُڃاتو نہ آ.
ويچارن ڪَڍهن نِينهن لاتو نہ آ.
عجب رنگ جو عشق خفقانُ آ.

سوا تنهنجي ٻيا سڀ ڏسڻ تا اَچن،
مِڙيي مُحب مون کي پُڇڻ تا اچن،
محبت ۾ جن جو بہ ايمانُ آ.

پرين!، شوخ طبيعت مان ڇا تو ملئي؟
انهي بي رُخيءَ تي دنيا تي کِلئي،
وڏو اوڙيي پاڙيي کي اَرمان آ!

لڙيي سِج ويو آءُ هڪڙيي گهڙيي،
لهي ڪونہ ويندين، جي ايندين لڙيي،
گهڙيي کن جو ’راشد‘ بہ مهمان آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيندو پرين اسان وٽ مهمان اڄ سياڻي،
بادِ صبا هتان هُو پيغام پيو اُماڻي.

هڪڙي پنهل جي خاطر، ڳئون ڳوٺ جون ٽو چاريان،
آهن اپارَ مون تي، احسانَ ڪيئن وساريان،
لهڻي عزت اسان ڪان، هُن جي سڄي گهراڻي.

آباد شالَ رهندي، هِي سونهن جي خدائي،
دوزخ مثال دنيا، جنت آ جنهن بنائي،
دل تي چوي تہ دلبر، منهنجو جنم بہ ماڻي.

ڏينهن رات لَب تي ’راشد‘، محبوب جو ذڪر آ،
خود ڪان بہ بي خبر مان، سُهڻي سندو فڪر آ،
هُن جي خيال سانَ مون، ڇڏيو آ ذهنُ واڻي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي مهرباني، وڏي مهرباني،
ڏئي مانُ مون کي اڱڻ آئين جاني!
مدح خوانُ آهيان، اعليٰ گڻن جو،
نہ آ ڪو بہ دلبر! ڳاٽيئو ڳڻن جو،
ڪندُس يادِ تورا سڄي زندگاني،

اُجورو اَوهانْ کي ڏيان ڪهڙو آئون؟
غريب آهيان بس ڪندس پيو دُعائون،
هجئي شال نيبهہ حُسن ۽ جواني!

ڏسي يار 'راشد' سندي بُردباري،
قربدارَ پنهنجي ڪيئي قربداري،
قدردان تو ڪئي گهڻي قدرداني!

ڪيئن ڏور گذاريان توکان سواءِ، تنهنجي صحبت ۾ آساءِ پرين!
مڃ عرض منهنجو لاغرض مِٺا، هڪوار تہ واپس آءُ پرين!

لڳي ڪوئل آ ڪُو ڪُو ٻولڻ، تون ياد اچين ٿو اي ڍولڻ!
اڄ واس ڏين ٿا پيا وَڻ وڻ، لڳو آهہ اُتر جو واءُ پرين!

هٿ ڪارِ ۾ آ دل يارَ ڏي آ، سڀ خيال پرينءَ جي پار ڏي آ،
مَنُ سهڻيءَ جو ميهار ڏي آ، توڙي ڏمَر جو آ ڏهڪاءُ پرين!

او مٺڙا! مٺڙا ماٺهوئڙا!، او جيءَ جيارا! جانيئڙا!
او سانولڙا! او ساجنڙا!، هِي آهي وِرهہ وِٺاءُ پرين!

ناراض ٿئين جي سرتيءَ کان، هن سرتيءَ توکي پرتيءَ کان،
چو ڏُور ٿئين سنڌ ڌرتيءَ کان، هي ڌرتي آهي ماءُ پرين!

هڪ محبت جانِ مروتي آ، ٻيو درد هجرَ ڪئي چوٽي آ،
تون موٽي آ، ڙي موٽي آ! ڪر 'راشد' سان پرچاءُ پرين!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سارينديءَ آيو نہ ساجن، رات روئي روئي گهاريم!

آسَ جا روشن روشن ڏيئا، ٻانگن تائين ٻاريم:
رات روئي روئي گهاريم!

تِمڪي تِمڪي تانڊاڻن جيان، ڪيئي تاڙا تاريم:
رات روئي روئي گهاريم!

جيءَ ۾ جهوري، لُڇ پڇ لوري، ڳڻتين ۾ دل ڳاريم:
رات روئي روئي گهاريم!

ويلَ اَسر جي واٽ تي ويهي، ’راشد‘ راهہ نهاريم:
رات روئي روئي گهاريم!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ ڪيئن توڏي اچان ڙڪي ناصح!
مُنهنجو نينهن نَصيحت نہ مڃي.

مست تي محبت واري مئي پِي، مئخاني ۾ مچان ڙڪي ناصح!
مُنهنجو نينهن نَصيحت نہ مڃي.

پَل پل پُور پرينءَ جا پيارا، پَرِ ۾ پنهنجي پچان ڙڪي ناصح!
مُنهنجو نينهن نَصيحت نہ مڃي.

اُچلي پاڻ وڌم اُنهي ۾، بحرن مان ڪيئن بچان ڙڪي ناصح!
مُنهنجو نينهن نَصيحت نہ مڃي.

’راشد‘! روح جو رايو جيڏهن، رنگ اُنهي ۾ رچان ڙڪي ناصح!
مُنهنجو نيلهن نَصيحت نہ مڃي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ تِرڇي نگهہ سان مون ڏي يار نِهار ڪٽي!
دل مُئل کي فيضِ نظر سان جانب جِيار ڪٽي!

گڏ توکي غيرن ساڻ ڏسان، مَنَ جي ميرن ساڻ ڏسان،
هِيئَن جو مان روز پيو جلان، تون منڙا مار ڪٽي!

سمندَ حُسن ۾ پيو ٿو ٻُڏان، غوطي ۾ ٿو غوطو کان
ترڻ نہ ڄاڻان ڪيئن ترَان، تون ~~منڙا مار~~ ڪٽي!
پارِ اُڪارِ

’راشد‘ تولئہ ظلم سَنا، نينهن ۾ ڏکيا ڏينهن ڏٺا،
قرب ڪري ڪوجهي سان مِٺا! تون ~~منڙا مار~~ ڪٽي!
گڏبي گهارِ

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناز سان هلڻو پوي ٿو ناز وارن جي ڪري،
ڪانڊي ڪُسُ تي پوي پئي، قربدارن جي ڪري

سُرتِ جا سُهڻا سبق، سُهڻن وٽان سوچي پڙهيم،
پوڳيان وينو ٿو پيڙا، پنهنجي پيارن جي ڪري

همتون ڀيٽيون ٿيون ۽ حوصلا وڌندا رهيا،
دل شڪسته ڪونه ٿياسون، ڪِن اشارن جي ڪري

پيار مان هٿ 'راشدا'! ڪڍڻا نه آهن، ڇا به ٿئي،
ڪيترا ٽڪجي پون ٿا، انتظارن جي ڪري

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي پرين! مون کان ڪڏهن وِسرين نہ ٿو،
نقشُ آهين ذهن تي اُترين نہ ٿو.

دل نہ ٿي تارن جي جهرمر سان لڳي،
چنڊ! چو اڄ رات تون اُڀرين نہ ٿو؟

مان گهٽيءَ تنهنجيءَ ۾ گهمندو ٿو رهان،
تون تہ منهنجي راهہ تان گُذرين نہ ٿو.

ٿوڪي هي پياسي اکيون ڳولن پيون،
ڇو ڀلا گهر کان ٻهر نِڪرين نہ ٿو!

اڱ تہ سُورن جي اڱيان ڄڻ ڏالَ هُئين،
’راشدا‘! اڄ دردَ سان نِبرين نہ ٿو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهر بڻي تہ هيءَ حياتي آ.
هلي او دلربا! ڏِس گهاوَ گهاوَ ڇاتي آ!

ڪيئن وساريئي پرت پراڻي،
پيار ڪئي ڇا پنهنجي پُڇاڻي؟
آگ اندر ۾ اڪڙين ۾ پاڻي،
آءُ ٻڏي وچ غم جي ڪهاڻي،
تي درد ڪان دل جذباتي آ.

سمجھ اسان جي سُورَ پِرايا،
سوچَ جي ساڙي جيءَ جلايا،
دنيا اَسان سان ڀال ڀلايا،
ڏات وارن جا ڏيل ڏکايا،
ڄاڻ هتي تہ اڻ ڄاتي آ!

عشق اسان جو قائم رهندو
’راشد‘! سُور ۾ سختيون سهندو
لوچيندو سو آخر لهندو
محنت ساڻ مقدر نهندو
درد سهڻ لئہ دل آتي آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حبيبُ منهنجو پَري هليو ويو، نَصيب منهنجو رُسي ويو آ،
رُنو پئي آ مون راتِ ساري، پلاند منهنجو پُسي ويو آ.

نہ سا ڪچهري آ قربَ واري، نہ ڪا آ ياري قربداري،
پرينءَ پُڇاڻان مزو ڦِٽي ويو، ڪري هُو محفل ٻُسي ويو آ!

صبح سان جو بدخبر ملي آ، ٻُڌڻ سان جيرو جلي ويو آ،
سُڪي ويو آهہ ساهہَ منهنجو ۽ ماسُ منهنجو سُسي ويو آ.

جِتي بہ ڪوئي ظلم ٿيو آ، اهُو مون سمجهيو تہ مون تي ٿيو آ،
ڪٿي بہ ڪوئي ڪُتو مون ڄاتو، ياءُ منهنجو ڪُسي ويو آ!

هُو ذات منهنجي بذات خود جو رُنو آ 'راشد'، پو شعر ڪهڙا؟
جمالُ هُن جو ڪمالُ هُن سان، خيال پنهنجو ڪُسي ويو آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق وارن جي اوطاق:
قرب وارن جون قائم ڪچهريون!

اُونهي ۾ اُجلي وڏا، ٿيئي نينهن نفاق:
قرب وارن جون قائم ڪچهريون!

ماڻهن ماڻيا ماڻهپا، انساني اخلاق:
قرب وارن جون قائم ڪچهريون

پيرِ مُغان پنهنجو هٿين، تيار ڪيان ترياق:
قرب وارن جون قائم ڪچهريون!

’راشد‘ قرب ونڊن پيا، اَڇيو اَڇيو عوشاق:
قرب وارن جون قائم ڪچهريون!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي عِشق ڪتاب. سُورن جا ٿئي سَبق انهيءَ ۾!

محبت مقرر آ ڪيو اوڪو نينهنَ نِصاب:
سُورن جا ٿئي سبق انهيءَ ۾!

مامَ پروڙي مردُ ڪو سِگهي جو سوال جوابُ:
سُورن جا ٿئي سبق انهيءَ ۾!

پَني پَني ۾ پيارُ آ، بِرهه بِرهه هر بات:
سُورن جا ٿئي سبق انهيءَ ۾!

صفحي صفحي تي آ رکيو 'راشدا' سُرخ گلاب!
سُورن جا ٿئي سبق انهيءَ ۾!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشيءَ جي ڏهاڙي تي روئي ڏنم،
ٻڌي عيدَ ماتم، اوهان جو قسم!

فراق- صنم جو بيان ڇا ڪيان،
قلم کي چيو مون تہ لِک داستان،
لِکي ڪونہ تو جڻ رُوئي تو قلم.

اُتر جون ٿڌيريون هوائون لڳن،
پرينءَ- پُور پلپل اچيو ٿا اچن،
ٿڌا ساهہ آهون ۽ ڳوڙها گرم.

زمانو اُلائي ويو ڇا چئي،
اسان عاشقن آهہ اُف ڪانہ ڪئي،
رکيو پيارَ جو مون اي راشدؔ ڀرم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُنهنجِي ڳُوڙن سان دل ڳهائي وئين،
ڳهائي، مَن تڙپائي وئين!

دل جي اڱڻ تي ميٺ محبت جو،
مُرڪي مِينهن وَسائي وئين!

عشق اُياري آس اندر جي،
جذبن کي جاڳائي وئين!

منهنجي مَنَ جا مالڪ مون تي،
حاڪم حُڪمُ هلائي وئين!

پيار ڪان باغي روح هُئو پر،
’راشد‘ کي ريجهائي وئين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڪشتي لڳاءِ ڪناري،
ڪا ٻڏندن تي ٻاجهه ڪرين!

لُڙ لهرين ۾ لُڙهندي لُڙهندي،
وِيرُن سان مان وِڙهندي وڙهندي،
ڏِڪيان ٻيڙو ٻيو تنهنجي سهاري:
ڪا ٻڏندن تي ٻاجهه ڪرين!

مِهرَ نظر جي آسَ اُهائي،
ديدَ مون تنهنجي طرف لڳائي،
پَڪَ آهي چڙهيندين اُڪاري:
ڪا ٻڏندن تي ٻاجهه ڪرين!

چولين چوڌَرَ ڏَڪائي ڇاتي،
طوفاني بارش اڌ راتي،
ڇڏ آفت ڪمهليءَ کي ٽاري!
ڪا ٻڏندن تي ٻاجهه ڪرين!

تڪليفن جو گهيرو آهي،
مايوسين جو ويرو آهي،
توکي 'راشد' مدد لئه پُڪاري:
ڪا ٻڏندن تي ٻاجهه ڪرين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدين تائين قائم رهندو پنهنجو نام نشان،
زمانو ياد رکندو!

سونهن تنهنجي لاثاني، منهنجو عشق به عاليشان:
زمانو ياد رکندو!

تون جي جليو آن، توسان مان به سڙيو هان گڏ ساٿ ۾،
ٻريا آهيون گڏجي ٻئي، تون شمع ته مان پروان:
زمانو ياد رکندو!

خوشبوءِ گل کان ڪڏهين، ڌار نه ٿيڻي آهي ڇا به ٿئي،
موڪل آهي دنيا کي، هُو گوءِ ته هُو ميدان!
زمانو ياد رکندو!

سِڪ جو سفينو آخر آهه ڪناري لڳو خير سان،
ڪيڏو لڙيا وچ دريا ۾، ڪشتي ۾ طوفان:
زمانو ياد رکندو!

ذهني مريض ۾ 'راشد'، بدذوق ماڻهن مليو ماڻهپو
تنهنجي حڪمت آڏو رهجي دنگ ويو لقمان:
زمانو ياد رکندو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ ۾ ساٿ رهندو دل تي دل کي چاهي
پنهنجو پيار پختو آهي!
ننديڻ جو آهه ناتو اڄ يا ڪلهه جو ناهي:
پنهنجو پيار پختو آهي!

تنهنجي منهنجي آڏو ڪيئي دوستيون وڏنديون رهيون:
ڪي دليون جُڙنديون رهيون، ڪي سنگتون ڦِٽنديون رهيون،
پَل نه تو مون دل تان هڪ ٻئي کي ڇڏيو آ لاهي:
پنهنجو پيار پختو آهي!

درد جي بخشيا زماني، تن سان خوش تي منهن ڏيو،
خوف لالچ تي نه هرگز بيوفا ڪڏهين ٿيو
عارضي ڳٽين جو آخر ڳاهه ڇڏيو ڳاهي،
پنهنجو پيار پختو آهي!

عشق منهنجو حسن تنهنجي جِي حفاظت پيو ڪندو
سونهن جي ويرين سان "راشد" ڪا رعايت ڇو ڪندو
سونهن تنهنجيءَ ساڻ جڳ ۾ ڪير سينو ساهي!
پنهنجو پيار پختو آهي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي وساري ڇڏيم، خوش ٿي جن سان کليم،
وسري نـ سگهيا، گڏ جن سان رُنم.

جيءَ جان جهوريءَ ۾ جهرندا رهيا،
پَلَ گذريل هانوَ ۾ هُرندا رهيا،
ٿي ڪنڍا، دل ۾ ڪُرندا رهيا،
ڪري ياد صحبت سا، روئي ڏنم.

دونهون دل سان يادن جو نِڪتو،
ڏاڍي ڪُڙاٽ هئس، اکڙين ۾ پيو،
بس پڇو چا ٿيو مون ڪان ڇوٿا پڇو؟
چا ڏسيان تـ ڪيئن هِي پاند پِنم!

ويندن جا مون ليڪي پيرَ ڇڏيا،
هِت هئا تـ سندن ڪي ڦوٽا ڪڍيا،
خط 'راشد' تن جا سانڍي رکيا،
پيو ڪجهه نـ ڪيم، پيو ڪجهه نـ پُنم.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهي تنهنجا ٿورا وساري نہ سگھبا،
هي ٿورا نہ ٿورا، وساري نہ سگھبا.

ٻُڪاري کي تازا پرين طعام آڇيئي،
اُڃاري کي جاني! اڃي جام آڇيئي،
اکين جا ڪٽورا، وساري نہ سگھبا.

اُهو وقت هو جو گڏيا گڏ هئاسين،
بظاهر جدا پر، هڪ ئي هڏ هئاسين،
ڏهاڙا هدورا وساري نہ سگھبا!

وڃڻ ڪان پوءِ تنهنجي نہ وعدو وفا ٿيو،
وفا پرورن کي الائي تہ ڇا ٿيو،
سچائيءَ جا گھورا وساري نہ سگھبا.

هلي آءُ جاني! جُدائي ٿي جهوري،
اڪيلو هي 'راشد' ڏکن سان ٿو ڏوري،
هِي ناحق نسورا، وساري سگھبا.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هو وَهم يا گمانُ، رهندين مون کان دُور دُور،
ليئو ڪونہ پاتئي، ڪڏهين، پُڇيئي نہ ڏک ۾ سُور.

توکان سواءِ دلڙي ماندي، ماندي ماندي وي،
عشق مصيبت منهنجي سر لاءِ آندي وي،
نينهن نوازيو آهي، جذبا نہ ٿيندا جهُور.

سڀ ليکا چوکا لاهي، پئي پرت پُڄائي سون،
ڪالهہ ڪالهوڻي گڏجي عيد ملهائي سون،
اڄ تہ هِتي ماتم منٺڙا! مَنَ تان لهي نہ مُور.

جو درد زماني بخشيو سو خوش ٿي سَهٽو پيو،
پيار پکيڙڻ خاطر جيٽو ۽ مرٽو پيو،
عشق جي آتش ”راشد“! دل جو جلايو طُور.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪانگ ڪوني تي پيو ٻولي، ٻُڌُ ڙي! ڳنَ ڪولي،
ايندو هُو پرين پرڏيهي!

ڳِرهُ ڪِري تو منهنجي اڪِ ٻه تي ڦڙڪي،
اک ٻه تي ڦڙڪي، منهنجي دل ٻه تي ڌڙڪي،
ياڄ ڪاڏي غمن جي آ ٽولي، ٻُڌُ ڙي! ڳن ڪولي:
ايندو هُو پرين پرڏيهي!

ايندو سَکِي ڙِي! منهنجو ورُ وڻجارو
تازو توانو ٿيندو ڏيلُ ڏکارو
ايندو آخر اُتر ڪان وڇولي، ٻُڌُ ڙي! ڳن ڪولي:
ايندو هُو پرين پرڏيهي!

پورو ٿيڻ تي آهي وقت ڏکن جو
ايندو اڱڻ تي منهنجي، دؤر سُکن جو
پئي ڳُڻتي لِڪڻ جاءِ ڳولي، ٻُڌُ ڙي! ڳن ڪولي:
ايندو هُو پرين پرڏيهي!

ڏور ڪان ڏسندي هُن کي روحُ خوش ٿيندو
ورهه پڇاڻان 'راشد'، اڱڻ تي ايندو
ڇڏيان وهم ۽ وِسوسا رولي، ٻُڌُ ڙي! ڳن ڪولي!
ايندو هُو پرين پرڏيهي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسن ۽ عشق سندو اتحاد،
اسان جي محبت زنده باد!
دنيا ڏٺو آ پِٽي، ڪيئن ٿي سچائي جيئي، او سانورا!

زور زماني ڏاڍا لاتا، پنهنجا پختا رشتا ناتا!
اسان جي اُلفت آ فولاد، نہ ٿي سگهندي ڪنهن کان برباد:
دنيا ڏٺو آ پِٽي، ڪيئن ٿي سچائي جيئي، او سانورا!

زر جي زور تي زوراور ڪي، ظلم پيا ڪن ٻن دلين تي،
ڪنهن جي آڏو ڪو فرياد نہ بيدرد کان گهربو داد،
دنيا ڏٺو آ پِٽي، ڪيئن ٿي سچائي جيئي، او سانورا!

بر پيوگياسين، جَرَ جهاڳياسين، مقصد لاءِ ٽَڪر ٽاڪياسين،
مجيوسين مجنونءَ کي استاد، اسان جو ساٿي آ فرهاد:
دنيا ڏٺو آ پِٽي، ڪيئن ٿي سچائي جيئي، او سانورا!

”راشد“ پنهنجو پيار سلامت، سُونهن پريو سنسار سلامت!
ڪروڌ ۽ ڪينو مرده باد، اسان هر فتني کان آزاد!
دنيا ڏٺو آ پِٽي، ڪيئن ٿي سچائي جيئي، او سانورا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهر بنجي وئي زندگاني آ،
هِي محبت جي مهرباني آ.

اچي تو وٽ ٿيس مان اوطاقي!
تنهنجي آڏو نہ حوصلو باقي،
تنهنجي محفل عجيب آ ساقي!
هي تہ مرڪز ڪو امتحاني آ.

تنهنجو در آ يا ڪوس- گهر آهي،
ڪات عاشق جو منتظر آهي،
تنهنجي دعوت تي ڪارگر آهي،
مَزي جي تو ڪئي ميزباني آ.

منهنجي توساڻ دل لڳي آهي،
تنهنجي گفتن ۾ دلڪشي آهي،
’راشدا‘ چئہ تہ شاعري آهي،
منهنجي جذبن جي ترجماني آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٽ کائڻ واسطي، سينو سَهائي ٿا ڏسون،
هي دفعو پڻ ڀاڳُ پنهنجو آزمائي ٿا ڏسون!

زخمَ اڳيان ويا ڇُٽي ۽ غم ذري گهٽ ٿيو ختم،
بي سوادي آ حياتي، گر نہ آهي درد غم،
ورق ماضيءَ جا وري، واپس ورائي ٿا ڏسون!

ماٺِ جي ماحول ۾ ڪو ولولو پيدا ڪجي،
ذوق خاطر زندگيءَ ۾ زلزلو پيدا ڪجي،
موتَ سان سعيو ڪري، اکيون ملائي ٿا ڏسو!

عشق ايندو آهہ 'راشد' پاڻ سان خطرا ڪٺي،
پوءِ ڪُڏي ميدان ۾ اڄ نينهن جو نعرو هڻي،
ساٿ کهڙا ٿا ڏين، ساٿي سڏائي ٿا ڏسون!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي هئڻ جي مون صفا آس لاتي،
وتيو پاڻ سان هلڻ مون کي بہ ساٿي!

اهي جيڪي راتيون وڇوڙي جون ايندريون،
اڳ ٿي حال هيٺو نهوڙي سي نينديون،
جيان کهڙو جڳ ۾ مان توکان جدا ٿي!

غمن ساڻ پورو پئي ڪونہ سگهبو
اُنهيءَ دردَ سان مُنهن ڏئي ڪونہ سگهبو
اسان ڪَلَ سَهي جِي، اڳيان آهہ هاٿي.

مڃان ٿو تہ مون سان رهي ڪونہ سگهندين،
مگر پاڻ سان جي وتيو ساڻ هلندين،
تہ پوءِ پوندو تنهنجو ٿي وعدو وفا ٿي!

اُٿڻ، وهڻ 'راشد'، رَهڻ آهہ توسان،
جِيڻ توسان جاني! مَرڻ آهہ توسان،
منهنجي دل دنيا سان، ڪڏهن ڪانہ ڦاٽي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محب وچي موڪلايو
ڪيئن بہ ڪري ترسايو.

آس اميد جا روشن ڏيئا،
آڏيءَ جو نہ اُجھايو.

تنهائيءَ جي تصور ۾ ئي،
ڏاڍو دل گھبرايو.

اڙڏائيءَ تي اُتري آيو
منتن سان ميڙايو.

حال ڪان اڄ بي حال آ 'راشد'،
روئندڙ ڪي پرچايو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر دوستا! دلجوئي، ويئس وري روئي،
گڏجي زماني سان نہ تون، بيزار ڪرين ها،
مون کي پيار ڪرين ها!

نندپڻ جا چو ناتا رشتا توڙي ڇڏيئي،
لڳ لاڳاپا غيرن سان چو جوڙي ڇڏيئي؟
خار سان گڏ يار نہ آزار ڪرين ها!
مون کي پيار ڪرين ها!

توکان سواءِ پيو ڪير آ جنهن سان روح لڳي،
ڇا ٿيئي، اهڙو ڪونہ هُئين محبوب اڳي،
سوچ سان دل ۾ تہ ڪو ويچار ڪرين ها!
مون کي پيار ڪرين ها!

'راشد' جي من کي تو ڇو ويران ڇڏيو،
ڪوتہ وڃين ها پيرن جو نيشان ڇڏيو
اي ڪاش! دل برباد کي گلزار ڪرين ها:
مون کي پيار ڪرين ها!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر آس هاءِ نراس آ، نہ ڪو جام آ، نہ خُمار آ،
ڇڏ ساقيا! شوخيون، تنهنجي هٿ اسان جو قرار آ.

اي ڪاش! ٿورو پِيي سگهون، بس ايترو جو جِي سگهون
مزو زندگي جو وٺي سگهون، چئني طرف گرد و غبار آ!

پلي پَر پر ڪين وهار تون، پلي دور ڪان ئي ڏِڪار تون
پلي نفرتن سان نِهار تون، تنهنجو اوج تي جو وقار آ!

هي سماج جون عنايتون، هي ’راشد!‘ روايتون،
ڪنهن سان نہ ڪر شڪايتون، انصاف جو تہ ڏُڪار آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِجها عيد آئي، خوشي جنهن ورهائي،
ويو ياڳُ منهنجو صفا هارَ. ڪائي.

ڪيان عيدَ ڪهڙي، پرين ڪونہ آيو
اچي ها تہ ٿِئي ها ۽ لايو سجايو
ڏئي دل عُشاقن مصيبت پرائي.

اچي مون کي ماٺهو مبارڪ ڏين ٿا،
ڦٽن تي تہ چڙ لُوڻ ٻُرڪي وڃن ٿا،
خبر ڪنهن کي ڪهڙي تہ ڇاهي جُدائي!

ڏِنا ٿهڪَ خوش ٿي، پئي اوڙي پاڙي،
اڪيلو هي عاشق، پيو لڙڪ لاڙي،
ائين رات رُئندي آ 'راشد' ملهائي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر گهڙي ڪنهن نہ ڪنهن غم جو پيو ويچار ڪجي،
دل تہ چاهي ٿي رڳو توسان پيو پيار ڪجي!

ريشمي تنهنجو بدن، پاڻ ڏي هر وار ڇڪي!
گهاءِ غربت جو ٻئي طرف پيو روز ڇڪي،
تنهنجي ڀر ۾ رهان ويهي يا روزگار ڪجي!
دل تہ چاهي ٿي رڳو توسان پيو پيار ڪجي!

توکي پوڇيان يا زماني سان ڏيان مُنهن پيارا!
ڏاڍو بي چين رهان ٿو آ سنڌءِ سُنهن پيارا!
درد دنيا جا ڇَڏِن تان تنهنجو ديدار ڪجي،
دل تہ چاهي ٿي رڳو توسان پيو پيار ڪجي!

تنهنجي نوخيز جوانيءَ جو نشو ٿا چئجي!
ڏيھ جا ڏنجھ ۾ 'راشد' لئہ ڏچو ٿا چئجي!
پاڻ تڪليف سهڻ لاءِ ذرا تيار ڪجي،
دل تہ چاهي ٿي رڳو توسان پيو پيار ڪجي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لُڇي لُڇي روئان ويٺو اُتي آڌيءَ رات جو
قسم تنهنجي ذات جو آ قسم تنهنجي ذات جو!

سهڻن جي لاءِ ساهہ پيو گهورجي،
ڪوئي تہ هجي جنهن سان ڏک سُور اورجي،
اوندهہ انڌوڪار ۾ آ ڏَنگ لڳو ڏات جو:
قسم تنهنجي ذات جو
قسم تنهنجي ذات جو!

دلبر آ دل جو ناراض ٿي ويو
زهر جدائيءَ جو عاشق آ پي ويو
اڪيلي جيئڻ ڪان مون سوچيو آپگهات جو:
قسم تنهنجي ذات جو
قسم تنهنجي ذات جو!

اج ڪلهہ جِيان پيو يادن جي آسري،
پرچين نٿو پرين، 'راشد' بہ ڇا ڪري!
جاني! سگهو پهچ جو وقت آ سڪرات جو:
قسم تنهنجي ذات جو
قسم تنهنجي ذات جو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاشقن ۾ اسان کي ڳڻائي ڇڏيو
لسٽ ۾ نانءُ منهنجو لِکائي ڇڏيو.

تون شمع تي ٻرين، مان پتنگ تي پَچان،
سچ جي سونهن تي مان وريو ٿو اچان،
جانِ پَروان جي ڀل جلائي ڇڏيو!

حُسن کي جيڪڏهن خُون جي گُهرجِ آ،
خون منهنجي منجهان ڪر تون هٿ رت رتا،
پيارُ منهنجو پرين! آزمائي ڇڏيو.

ڪلهہ اکين ۾ رَکي، هاڻ دل ۾ رکي،
مون دنيا کان لِڪائي ڇڏيو ٿئي ڍڪي،
بدنظر کان مون توکي بچائي ڇڏيو.

قرب ۾ خيال پنهنجو ڪشادو هئو
سِرُ ڏيڻ جو اصل کان اِرادو هئو
ساهہ 'راشد' اسان آ سهائي ڇڏيو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جُهوم اي دلڙي جهوم! توکي جيوت ڏيندڙ جيئي!
جيوت ڏيندڙ جيئي، توکي محبت ڏيندڙ جيئي!

تارِ دريا مان پار ٽپاسين،
تربيت ڏيندڙ جيئي!

ڪُڏندي مقتل ۾ آياسين،
دعوت ڏيندڙ جيئي!

ڏات وارن جي نانءُ تان تان صدقي،
حڪمت ڏيندڙ جيئي!

"راشد" عشق منجهان ڇا ڇاٽي،
رغبت ڏيندڙ جيئي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشبو پئي آ پکڙي، گُلن ۾ آ تازگي،
ملين تون تہ مون کي ملندي، نئين جڻ تہ زندگي.

ههڙو حسين منظر، روح وِرونهن آ،
چمن ۾ تہ چئني پاسي، ساوڪ ۽ سونهن آ،
مٿان چنڊ چوڏهينءَ جي، ڪئي آهہ روشني!

زمانو سُڪون ۾ آ، اڪيلو اُداس مان،
وِڇوڙي ۾ گهاريان وينو نهايت نراس مان،
ڏِسي مون کي هرڪو چئي ٿو اها آهہ دل لڳي.

نامر ۽ نشان صدقي، دينُ ايمانُ صدقي،
ڪندو يار 'راشد' توتان، پنهنجي جند جان صدقي،
سِرُ ڏئي ڳِنهان مان توکي، ٻها ناهي شوق جي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي عاشقن سان ايڏو تڪرار بعضي بعضي!
ڏاڍو ڪرين ٿو سهڻا، بيزار بعضي بعضي!

هيڏانهن حال هيڻو، هوڏانهن ضدي طبيعت،
پهچيو وڃي مرڻ کي بيمار بعضي بعضي!

ديدار جو پياسو ڍاپي نہ هونئن ئي ويتر،
ڪنجوس تي پوي ٿو ڏاتار بعضي بعضي!

ديپڪ جو راڳ دل ۾، ڪڏهين ڇڙي پوي ٿو
ڳائن اکيون تيون منهنجون ملهار بعضي بعضي!

جنهن دم پرين اکين کان ٿو دُور ٿئي اي 'راشد'
سُڄ ٿو لڳي هي سارو سنسار بعضي بعضي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ! اچي تون مون سان مل، گڏجي ٿاهيون مستقبل،
تون جي مون کي ساٿ ڏئين، حل ٿي ويندي هر مشڪل!

گڏجي ويهون تون ۽ مان، حال پڇون ڪي هڪٻئي کان،
منهنجي عشق محبت سان، شوق اوهان جو ٿئي شامل!

آءُ تہ هر شيءِ کي پرکي، گڏ لوچون، سمجهي سوچي،
چئن سُڪون، ملي دل کي، درد نہ ٿئي دل ۾ داخل.

طوفانن ۾ لوڙهہ نہ دل! 'راشد' ساڻ اچي رلمل،
آڏو ڏسجي پئي منزل، ڏور نہ آ ساٿي ساحل!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلڙي دکياريءَ تي تون، مهربان ٿيندو ڪر،
روز روز ڪير ٿو چئي، ڪڏهين تہ ايندو ڪر!

آءُ تہ توسان دل جا دک سُور اوريان،
جند جان توتان صدقي، سر ساهہ گهوريان،
دردوندن جا دلبر، عرض مڃيندو ڪر!

گهڙي گهڙي گهاءُ آهي، پَلُ پَلُ پور آ،
جيڻ جو مزو آ ڪهڙو، دلبر جي دور آ،
خوشي ٿوري ٿوري منهنجي غم سان گڏيندو ڪر!

ننڍي وڏي ڏينهن ڪنهن تي، ڪرم نوازي ڪر،
غريبن ابوجهن جو تون، اچي روح راضي ڪر،
اسان جي تڏي تي پنهنجا، پيرَ پرينندو ڪر!

پِرين ڪان پُنو جو پاڻُئون، سوئي ڏنائون،
ڇِني تون نہ ڇڏجان 'راشد'! توڙي ڇنائون،
ڇِنڻ جي ڪري جي ڪوئي، پاڻ ڳنڍيندو ڪر!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو محبوب تہ رُئندن کي کلائيندو آ.
مُرڪي مُرڪي هُو جڏهن نيڻ ملائيندو آ.

يار جيسين نہ مِليو هو مون سان،
خوش ٿي جاني نہ کِليو هو مون سان،
هو مون کي عشق جو آزار مليو
اُچو محبت جو آ معيار مليو
عشقُ دنيا جي تہ ڇيهن کان ڇڏائيندو آ!

شوق ئي شاد ڪيو آ دل کي،
دوست آباد ڪيو آ دل کي،
محبت مون تي اچي احسان ڪيو
دل جي دردن سندو درمان ڪيو
پاڻ وندرائيندو آ جي ڪو ڏُکائيندو آ!

پيار جو دل کي سهارو آهي،
پَر ۾ محبوب پيارو آهي،
دوست ٻانهن جي آهہ گهيرن ۾
سُک دنيا جا سيئي پيرن ۾
شوق ’راشد‘ کان پيو شعر لکائيندو آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن سندءِ لاثاني ۽ عشق سندم لاثانيءَ جو
ٻولِ سهڻا ٻولِ، ٻڪجڻ ٿيندو ته يا نه؟

ڪجليون اکيون ڪاش نوازن، دل گهريو ديدار ملي،
پياسي ديدون پياسَ اُجهائن، من کي تنهنجو پيار ملي،
نيڻن جو نيڻن سان سَرچڻ، ٿيندو به يا نه؟

ٿَنُ تاسارو تنهنجون تلاشون، روح اُجارو رولي ۾،
تنهنجي ڳولا ڳوٺ ڳلين ۾، رُلندو رهان لُڪ جهولي ۾،
گهيڙ گهٽي ڪنهن گام تي گڏجڻ ٿيندو به يا نه؟

لطف حياتيءَ جو جاني! رُسڻ ۽ پرچڻ ۾ آهي،
پوءِ به عذاب وڏو اي پيارا! لُڇڻ ۽ ڦٿڪڻ ۾ آهي،
'راشد' ساڻ رُسي پو پرچڻ ٿيندو به يا نه؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگھو ورجو وري سھڻا!، ڪجو ڦيرو غريبن ڏي،
وري واپس اچو جيسين، تيسين تڪبو نصيبن ڏي!

سھڻا سائين ھليو ويندين، اسان کان دل ڇليو ويندين،
جُدا ٿي جيءَ جھليو ويندين، تہ مان ويندس طبيبن ڏي!

تون منھنجي جيءَ جو جياپو ڇني وھندين جي سنگ سياپو
تہ منھنجي موت جو نياپو وڃي شايد قريبن ڏي!

جُدائي ھونئن ئي جھوريندي، ھَڏن تان ماسُ ڪوريندي،
حياتي گھورَ گھوريندي، نہ وڃجان تون رقيبن ڏي!

اکين ۾ ننڊ جو ناھي، تہ 'راشد' گيت پيو ڳاھي،
رھيو ٻوتو ھِتي آھي، ھيانءَ آھي حبيبن ڏي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توجيڪي ڪيو سو نيڪ ڪيو غيرن سان شڪايت ڪانہ ڪبي
غيرن سان ڳُچِڙو ڪونهي پر، پنهنجن سان شڪايت ڪانہ ڪبي

جو ٿيڻو هو سو ٿي گذريو جو ٿيندو تنهن سان مُنهن ڏيندس،
حالاتِ ڀلي بگڙي بہ وڃي، مايوسُ نہ ڪڏهين مان ٿيندس،
ڪنڊن جا ڪئي آڪارِاها، گلڙن سان شڪايت ڪانہ ڪبي.

تا جنهن کي جفا سمجهن ماڻهو تو تنهن کي سمجهان آءٌ وفا،
هر ظُلم ستم کي چاتو آ، مون نازوندن جي ناز و ادا،
ٿئي ساهہ متن صدقي ٿيندس، سهڻن جي شڪايت ڪانہ ڪبي.
سان

هر تق تابش، تڪليفن ۾، مون دل تہ نہ 'راشد' لاتي آ،
هر مشڪل ۾ مان مُرڪان ٿو غم عشق جي راهہ جو ساٿي آ،
هِي سُور تہ سونهان بڻجن ٿا، مرڻ کي شڪايت ڪانہ ڪبي!

❖

ماڻهن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندي مينگهہ ملهارِيءَ وي!
ڏکيا ڏينهن ٽورڙا!

سي خوش پسبا، جن پٽي روئندي رات گذاري وي!
ڏکيا ڏينهن ٽورڙا!

ڏک، سُکن جي سونهن آ، سورن ڪئي سرداري وي!
ڏکيا ڏينهن ٽورڙا!

مَنڙا، ڇو موڳو ٿئين، همت ڇو ٿئي هاري وي!
ڏکيا ڏينهن ٽورڙا!

سائي ٿيندي 'راشدا' پنهنجي ڌرتي پياري وي!
ڏکيا ڏينهن ٽورڙا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غم عشق جي ڪان اي پرين! گهبرائجي ڇو؟
گهبرائجي تہ دوستو! دل لائجي ڇو؟

تڪليف ڪان ڊڄي جو سو پيار ڇو ڪري،
محبن سان، محبتن جو اظهار ڇو ڪري،
پيارن ڪان ڏک ملي تا، پڇتائجي ڇو؟

ڦهنگن ڪان جو هَٽي سو دريا ۾ ڪيئن ٽري،
ڇرڪي جو موت ڪان سو محبت ۾ ڪيئن مري،
سِڪ آ تہ سِر ڏيڻ ڪان، لهرائجي ڇو؟

واعظ ! نصيحتن مان ڪجھ ڪونہ ٿو وري،
'راشد' کي عشق آهي، پهچائيو پري،
سمجهي نہ جو اُنهيءَ کي سمجهائجي ڇو؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسرو آهي!
چنڊ اُيرندو روشن ٿي، تارن کي ڪير چاهي،
آسرو آهي!

آڌيءَ رات اُٿي مان جنهن لاءِ روئندو رڙندو آهيان وي!
سارو لوڪ سُکي خوابن ۾ گيت مان لکندو آهيان وي!
دل پئي ڌڙڪي، اک پئي ڦڙڪي،
بي چئنيءَ ۾ ساهه اُسڙڪي،
دلبر ريءَ هي دردُ دلين جو ڪير ڀلا ٻيو لاهي!
آسرو آهي!

شايد اينڌڙ وقت چڱو ٿئي، دوُر خوشين جو ايندو وهيه
محب آ موٽ سکي موچاري، تنها ڪونه ڇڏيندو وي!
سيني ۾ سڄڻن جون سارون،
ايندڙ اڳ تي نيٺ بهارون،
هٿ هٿ همراهيءَ جو ٿيندو، وجهبي قسمت ٿاهي!
آسرو آهي!

رات جو 'راشد' ڏات اسان جي چوڏس چمڪي پئي آهي
لاٽ منجهان ئي لاٽ کي ٻاري، بات اسان پئي ڪئي آهي،
لونءَ لونءَ ۾ هُئي جنهن جي لوري،
جانِ وڃي پئي جنهن تان گهوري،
غم جي لشڪر تي سُک هاڻي، ايندو آخر ڪاهي!
آسرو آهي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن لاءِ مثالي آ، تنهنجي منهنجي دوستي!

يارانيون پيون پيي گهڻيون پر هي نيت نرالي آ،
تنهنجي منهنجي دوستي

سچن لئہ سنگ ميل آ، خامن لاءِ خيالي آ،
تنهنجي منهنجي دوستي!

محڪم حد آيقين جي، وسوسن کان خالي آ،
تنهنجي منهنجي دوستي!

هيڻن سان همراهيون، ظالم لاءِ زوالي آ:
تنهنجي منهنجي دوستي!

عمل شاهہ عنايت جو 'راشد' روح بلالي آ:
تنهنجي منهنجي دوستي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوا دلبر کان اڄ آئي آ، بيمار جي ڪارڻ،
هَئي هَئي، بيمار جي ڪارڻ!

سُتيون ڦڪيون هڙئي حاضر،
ڪم تعويذ جو ڏئي تو ڪاڳر،
چِٺي قاصد جلهه پهچائي آ، بيمار جي ڪارڻ!

وَرَ وَرَ ڏئي خط پڙهندا رهجو
لفظ چِٺا سڀ چوندا رهجو
رکي ڪاغذ ۾ سرهائي آ، بيمار جي ڪارڻ!

خط پڙهندي آ خوش ٿي طبيعت،
جانِ ۾ 'راشد' آئي جمعيت،
هن خط ۾ خوب پلائي آ، بيمار جي ڪارڻ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر هر مار نہ مارِي، منهنجي توسان زاري آ!
حال منهنجو آ هرڻن جهڙو وي!
اک تنهنجي آشڪاري، منهنجي توسان زاري آ!

زوريءَ زوريءَ نينهن لڳايئي، پيچ پرت جو پايئي،
شايد پو پڇتايئي پيارا! ڇا ڪان دور رهايئي؟
ڀريان پيار ڏئي او پيارا وي!
پوءِ نہ ڪيئي پوئواري، منهنجي توسان زاري آ!

توسان پيار ڪيو تہ ماڻهو منهنجا دشمن ٿي پيا،
طعنن مهڻن جا ير مون تي، پٿر ڪئين برسي پيا،
برسر بارَ بدين جا مون تي وي!
خوش تي ڪنئي مون خواري، منهنجي توسان زاري آ!

ڇا ڇا ڀڏڻو روز پوي ٿو ڇا ڇا سهڻو پيو آ،
تنهنجي خاطر منڙا سائين! ماڻ ۾ رهڻو پيو آ،
لوڪ ڪري ٿو ’راشد‘ مون تي وي!
لفظن جي بمباري، منهنجي توسان زاري آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀلي خوبرو ڪر سدا خود نمائي!
حسن وارا! توکي ٺهي ٿي وڏائي.

نہ شڪوہ شڪايت، نہ ڪائي گلا آ.
اسان وٽ حُسن جي سدائين ثنا آ.
ڇَون ڇا اُهي، جي وِيا هارَ ڪائي!

سڄڻ سُونهن ۾ ڪونہ آ تنهنجو ثاني
هجين شاد آباد، ماڻين جواني
دعا توکان پوءِ مون نہ ڪنهن لئہ بچائي!

جي مارڻ گهرين تو ڀلي ڇڏج ماري،
جيارڻ جي چاهين تہ وِچ تون جياري،
تنهنجي خيال جي مان ڪندس پئيرائي.

ڏنئي سُوڙ جيڪي اکين تي رکياسين،
ڏکن ڏوجهرن ساڻ خوش ٿي ٻکياسين،
ڏکن مان ئي 'راشد' ڇَکي سون ڇگائي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او دلربا! جو دل گھائي، دُور رهائي، تُنَ تڙپائي
تن تڙپائي، مونکي ڪير بچائي!

هي تَڙ تَڙ تي تاسارو، آ دل جو هرڻ اُجارو
پر ترسُ نہ آهي ڪنهن کي، وڌ مارين جو آ مارو
پياس سَتائي، جيءُ گهبرائي،
جيءُ گهبرائي، مون کي ڪير بچائي!

هي زخمي زخمي سينو، هُو اکڙين جا تہ اشارا،
ڳئين ڪيس ڪيا هن ابرن، ڳُنا نرم طبيعت وارا،
لُنءُ جو لڳائي، پاڻ کهائي،
پاڻ کهائي، مون کي ڪير بچائي!

هي درد فراق جون ڳالهيون، هي 'راشد' جا راز نيارا،
مان سُور سليان اڄ ڪنهن سان، هُو دور هليا ويا پيارا،
ويا موڪلائي، چئن ڦٽائي،
چئن ڦٽائي، مون کي ڪير بچائي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻا پيا ٻه هزار، سهڻا پيا ٻه هزار
آنءُ تہ سڄڻ تنهنجو عاشق آهيان!
طالب آهيان!

منهنجيءَ دل جا ڪئين هُيا، دلبر دعويدار:
مان تہ سڄڻ تنهنجو عاشق آهيان!

تو جهڙو ٻيو ڪونہ ڪو، خلقيو خلقڻهار:
مان تہ سڄڻ تنهنجو عاشق آهيان!

تنهنجي ڏسڻ سان ٿي وئي، دلڙي باغ بهار:
مان تہ سڄڻ تنهنجو عاشق آهيان!

'راشد' ڪيئن جالي سگهي، دلبر توکان ڏار!
مان تہ سڄڻ تنهنجو عاشق آهيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او پروانا! اچو تہ ڪي ڏک سُک اوريون،
هُتي شمع جلي آ، چئي ٿي، هلي آ، هلي آ،
هلو گڏجي هلي سِرَ گهوريون!

اچو اچو راڻا بنجي، نينهن نڀايون وي!
ڪاڪ ڪنڌيءَ تي پنهنجا، گَرها گُڏايون وي!
جتي حسن سڏيندو اُتي عشق ڇو نہ ايندو
اڄ ڪاڪ تي پاڻ ڪي گگوريون!

اچو اچو چارڻ بنجي، ساز وڄايون وي!
رَسَ ڀريا راڳَ ڇيڙي، راءِ ريجهايون وي!
وري تندن ڪي تاڻيون، پنهنجي منزل ڪي ماڻيون:
اچو جهونا ڳڙهہ ڪي وري جهوريون!

دل ڏکياري آ، ڏکن سان ياريَ آ،
سوچ سگهاري ’راشد‘! عشق اُياري آ،
سڀڪو سڪ جو پيا سوريون، چنگ چاهہ جو پيا چوريون:
وڏ عمل ءِ ڳالهيون ڪيون ٿوريون!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ۾ مون کي وهاري پنهنجي هٿين پياري
ساقي سخا ڪري ٿو دلبر عطا ڪري ٿو.

مئخاني ۾ پهچڻ کان اڳ، تئونس هُئي تن من ۾
دلبر جو ديدار ڪرايو پياس لٿي پلَ ڪَنَ ۾
ڏک سُورَ سڀ وساري، دلڙي ڇڏيائين ٺاري
عاشق دعا ڪري ٿو!

خيال اسان جو خوش ٿي ويو آ، آهيان آءُ مزن ۾
گلشن ۾ ڳاراٽو پيو ۽ پيئي ياج غمن ۾
گهڙيون ٻه چار گهاري، دل عشق سان اُجاري
مون سان وفا ڪري ٿو!

يار پياري مستُ ڪيو آ، آهيان مست نشن ۾
ڪلَ ٿي ناهه ته مئي ۾ نَشو آ، يا مُن جي آ هٿن ۾
اکڙين سندي اشاري، نيڻن سندي نظاري:
'راشد' نشان ڪري ٿو!

گلائون نہ غيبتون، نہ ڪنھن جون شڪايتون،
اسان وٽ هميشہ آهن، حسن جون حڪايتون.

حُسن وڏي شان وارو حُسن وڏي مانَ وارو
حُسن کي مڃيندو هرڪو پُختي ايمانَ وارو
حسن جون پُڌايون هر هر، عشق سوين آيتون.

پرھہ ڦُٽڻ تي آهي، پُوڄا جو وقت آ،
پيار جو هرڪو ماڻهو پابند سخت آ،
اِهي ئي تہ ريتون پنھنجون، اهي ئي رِوايتون!

اُتي اُتي ڪوڙ سجدا، جِتي جتي سونھن آهي،
سونھن اسان لئہ 'راشدُ'! روح-ورونھن آهي،
سچائيءَ کي پنھنجي ڏنيون، زماني رعايتون.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پل ڪجھ بہ نہ ملڪيت مال ھجي،
تنھنجي محبت شامل حال آھي!

تون گُل تہ مان گلدان ھجان،
تون مئہ ۽ مان پئمان ھجان،
تون شمع تہ مان پروانُ ھجان،
تنھنجي جرڪيل جوت جمالُ ھجي!

تنھنجي دروازي ۾ ديد اٿم،
ديدار سان ٿيندي عيد اٿم،
اھا آس اٿم اميد اٿم،
پنھنجو برھہ سدائين بحال ھجي!

پنھنجو دائم قائم پيار ھجي،
شل ھڪ ٻئي تي اعتبار ھجي،
سُني سوچ گڏيل ويچار ھجي،
پنھنجو 'راشد' قرب ڪمال ھجي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُلهه تي سي دل تي، اُسريا سي وِسريا،
دُنيا جا دستور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاءِ پرين تو ڏيريون لاتيون،
تنهنجي ڏسڻ لئہ اکڙيون آتيون.

گهايل پنڇيءَ جيئن دل گهاري،
روئي روئي توکي ساري،
ڏکيا ڏينهن، پريشان راتيون.

سوچ جي وڻ جون تاريون موڙيون،
شعرن جي ميون کي توڙيون،
ڳالهيون ڳايون کي اڻ ڳاتيونْ

ڏُوڙ وجهون ريتن رسمن کي،
اوچي نيچي جي ورڇن کي،
ڇا جا پاڙا، ڇا جون ذاتيون!

هيڏنهن قرب ۽ هوڏهن ڪِينا،
هوڏهن گوليون، هيڏهن سينا،
'راشد' پو بہ نہ ڇرڪن ڇاتيون!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ سَرِي نہ سَرِي نہ سَرِي،
منهنجي توريءَ ڪانہ سَري!

پئونر ڪي خبر ڪهڙي، پرواني جي پيڙا جي،
سيڪو نہ سگهي ٿو پري،
منهنجي توريءَ ڪانہ سَري!

دل توسان لڳي وئي آ، ٻئي سان نہ مطلب آ،
ڪا حور هجي يا پري:
منهنجي توريءَ ڪانہ سَري!

ڪو منهنجي پرينءَ ڪي هي، پيغام تہ پهچائي،
ويو 'راشد' رات مري،
منهنجي توريءَ ڪانہ سَري!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ٿي ڳوليان ٿو خوشين کي، تيئن ٿي غم ٿا وڌن پيارا!
اڇي ڏِي ڏي مون کي ڏاڍو ڏکايو آ ڏکن پيارا!

نہ باغن ۾ بهارن ۾، نڪي رنگين نظارن ۾،
نہ ٿي اڄ ونڊري دلڙي، قريبن قربدارن ۾،
اوهان کي يار سارينديءَ، سحر اڏما اڇن پيارا!

زماني رنگ بدلايو وڇوڙو موٽُ ٿي آيو
وري هڪ وار او سائين! ڇي روئندن کي پرچايو
جنين جو ڪوبہ ڏِي ناهي، اُهي ڪيئن ٿا بچن پيارا!

گهڻو ڏکيو ٿيو آهيان، روئي ٽڪجي پيو آهيان،
سڄاڻو ساڳيو 'راشد' نہ مان مٽجي ويو آهيان،
هِجر جي درد جا ڪيئي سَٺا صدما سچن پيارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي عيد سڄڻ ۽ گُذري وئي،
توکان ياد اسان جي وِسري وئي!

تو عيد مبارڪ ڪنهن کي ڏني، هُت خوش تو رهين تون مون کي چني،
هِت روح رُنو ۽ دلڙي ڀني، ڪا آهہ اندر مان نڪري وئي.

نڪي ڪپڙو نئون، نڪي تيل ڦٽي، سوا تنهنجي ڪابہ نہ ڳالهہ وٽي،
هِت درد گهٽا دل هِڪڙي ڇٽي، پر نينهن هُئو سا نِبري وئي!

هت پيار جي هامَ هٽي ويٺين، منهنجي دل جو شاهہ بٽي ويٺين،
هُت وئين تہ دلڙي ڪٽي ويٺين، ڪا مُند هئي سا اُڪري وئي!

تنهنجي تصوير سان پرِيايان، تو ’راشد‘ روح کي ريجهايان،
جيئن جيئن دل کي تو سمجهايان، تيئن آس نئين آ نِسري وئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلڙي تہ منهنجي وئي آ توسان جڙي،
لِڪي لڪي لوڪ کان، اچ تون لڙي!

آءُ! چمن ۾ آئي بهاري، توکي سنياري دلڙي ويچاري،
گذاريون گلن ۾ سُهڻي گهڙي،
لِڪي لڪي لوڪ کان، اچ تون لڙي!

دردمندن جون دردي دانهون، اچ ٻڌ يارَ اسان جون آهون!
زندگي توريءَ زهر ڪڙي:
لِڪي لڪي لوڪ کان، اچ تون لڙي!

سوز توهان جي ۾ تہ سڙان ٿو 'راشد'! روز رڙان ٿو ۽ رڙان ٿو
دل سورن ۾ وئي آ سڙي:
لِڪي لڪي لوڪ کان، اچ تون لڙي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زاري منهنجي توبهہ زاري،
ڪِيس ڪيا تو ڪوڙ ٺهاري!

تير اکين جا تيز هلائي، واٽ ويندن کي گهائي،
ڳئين معصوم نماڻا ماڻهو مارئي محب مُنجهائي،
ڪيڏا تنهنجا شوق شڪاري!
زاري منهنجي توبهہ زاري!

شاهہ گدا سڀ بيوس بڻيا، تنهنجي ناز نمايا،
ساڃهہ وارا ڪيئي ساسي، تو ڦاسائي ڦٽڪايا،
جڳ کان تنهنجي ريت نياري:
زاري منهنجي توبهہ زاري!

عشق ۾ تنهنجي 'راشد' جهڙا دانهہ ٿيا ديوانا،
حال کان ٿي بي حال وِيا هِن، محبت ۾ مستانا،
رحم پوئي شل، من ۾ مارِي!
زاري منهنجي توبهہ زاري!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلا نہ آهيون اسان عشق وارا،
اسان سان ڏکن جا ڳڻتڪ يار آهن!

نہ سنگتي هئو ڪو ٿيا سُور ساٿي،
سهارو مليو ويو اسان دل نہ لاٿي،
ڏنا سُور سُهڻن، خوشيءَ سان قبوليا،
بنايا عُشاقن ڳچيءَ هارَ آهن!

غمن گوندرن ۾ مُرڪي جيون ٿا،
زهر زندگيءَ جو بہ خوش ٿي پيون ٿا،
ڏکن ڏوجهرن جِي، ملي مئہ الستي،
نشي نينهن وارا تہ سرشار آهن.

نہ دامن ڇڏيسُون صبر ۽ شڪر جي،
ملي مشڪلن مان بُلندي فڪر جي،
زمانو ڀلي پيو اچا زور لائي،
برھہ وارا 'راشد' بردبار آهن!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي پئہ رات اي جاني! متا ڪر ڪا مهرباني،
حياتيءَ ڪي بقا ناهي، سڄڻ آ زندگي فاني!

مهل ڪا موت جي ناهي، وڇوڙي ۾ متان مرجي،
مري ويندس تہ پوءِ تيندءِ پرين! ڏاڍي پريشاني.

تنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾، تنهنجي زلفن جي ڇايي ۾،
ڏيان دم، دم ڏيڻ ۾ يار! ٿيندي خاص آساني.

ڪيان ٿو عرض هٿ جوڙي، نہ وڃ مون کان تون منهن موڙي،
سهان پيو سُور جسماني، نہ ڏي تڪليف روحاني.

رهين ير ۾ جي 'راشد' جي تہ جنت ٿِي پوي دنيا،
نہ آهين تون اکين آڏو ڏسان چو طرف ويراني.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کلندي دلڙي کٽي ويا، سهڻا ماڻهو سانورا!

ڏٺي سُون سُهڻي ٽولي، ٻُڌي سون منڙي ٻولي،
هڙ ۾ جو حاصل هو سو ڪئي سون حاضر جهولي،
الا! اهڙو وٽي ويا، سهڻا ماڻهو سانورا!

پَسي ديدن دوناليون، پُسي ٿيون اکڙيون آليون،
کٽي ويا دلڙي جيڪي، جدا تن کان ڪيئن جاليون،
وٽي ڏاڙو هٽي ويا، سهڻا ماڻهو سانورا!

اُتارن تاتہ اُتان تون وهارن تا تہ وهان تون
ٿيس مان خادم 'راشد' اشارن ساڻ هلان تون
ٻٽي دل جا ڏٽي ويا، سهڻا ماڻهو سانورا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين مان آڳ پئي نڪري، پڙُون پڙڪي ٻري پوندا،
نھاريندين ڪٽي نظرون ته ڇڻ نيڻ ئي ٽري پوندا.

سمنڊ آ عشق جو اونهو، ڪنارو ڪونه آ جنهن جو
ڇتين ڇولين سان اي سهڻا! پيو آ واسطو پنهنجو
سَهارو جيڪڏهن ڏيندين، ته اَڻ تارو تري پوندا'

ڇڪي تي پاڻ ڏي مون کي، ڪشش تنهنجي ڇپن واري،
ڏسان ٿو ڏور ڪان وچ تي آ زلفن جي بلا ڪاري،
نه واسينگن کي ڇيڙيان ٿو وڙهڻ جي لئه وري پوندا.

نه وجهجهان گهنڊ اي جاني! اسان جا ڳچ ڳري پوندا،
نرم دل عاشقن جي آ، سجڻ! سينا ڏري پوندا،
مري ويندو هونئن ئي هرڪو هٿئون تُنهنجي مري پوندا!

حُسن جي هاڪ وئي وڌندي ته ڇا ٿيندو خدا ڄاڻي،
ڇڪي طوفان محبت جو سوين مشتاق پيو آڻي،
هتي هڪڙو ئي 'راشدُ' ڇا هزارين ڊِنگ ڍري پوندا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چؤطرف پيا پکڙجي، دلدار دامِ تنهنجا،
وارن وکڙ ۾ ڦاسي، ٿياسين غلام تنهنجا!

موسم بهار جيءَ ۾ وڻندڙ صبوح ٿيندو
تازا ٽڙي پيا گلڙا، خوش چو نہ روح ٿيندو
آندا هَوا صبح جي، سهڻا سلام تنهنجا!

حسنِ ازل ٿون مون تان، هٿ ٻاجهہ جا نہ لاهين،
چئني طرف نظارو ٿاهي وري بہ ٿاهين،
اي سوُنهن ڏِسُ! مڃئون پيا، احسان عام تنهنجا!

خوش ٿي ڪٽي قبوليم، محبت سندي غلامي،
سُهڻن ڪي سمجهي حاڪم 'راشد' ٿيو سلامي،
اي عشق نيڪ آهن، سڀ انتظام تنهنجا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترسائجو جنازو دلبرُ دفن ڪري
پهرائجو [illegible] بنءَ جو اجرڪ ڪفن ڪري

منهنجو سڄڻ وفا ۾ مشهور آ گهڻو
ڪجھ دير ڪئي اتس جو هو دُور آ گهڻو
ايندو ضرور ايندو ويو آ وچن ڪري

گل رُخ ۽ گلبدن سڀ سهڻا گهرائجو
تربت مٿان گلن جي، چادر وڇائجو
ڇڏجو مقام سارو يارو چمن ڪري!

پرديس ڏي تياري 'راشد' جي الوداع!
اي دوستو عزيزو! تيون ٿا پيا جُدا،
پيارا! خدا اوهان کي نيبھ وطن ڪري

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُستي ڇڏ او ساٿي! توکي جيٽو آهه جهان ۾،
جاءِ نه آ مُرجهايل گل جِي محبت جي گلدان ۾.

واءِ! وسوڙل وقت وڃائين، هاءِ! وتين ويڳاڻو
تُنهنجا ڦَٽ ڇُٽائيندو ڇا، موٽي وقت پُراڻو
آسَ اِها نه اسان جِي هُئي، تو جهڙي مڙس مهانَ ۾.

گذري ويندي نيٺ حياتي، اوکي توڙي سوکي،
ڀاڄ نه ڀاهر ڪِيڏ دنيا ۾، ڪونهي ڪو هڏ ڏوکي،
موٽي شال اچي او سائين! انسانيت انسان ۾.

جي کِلندين گڏ دنيا کِلندي، جي رُئندين ڇا ٿيندو
ڪوبه تهِ نه تنهنجا ڳوڙها اُگهندو، اوري ڪوبه نه ايندو
رُئندين 'راشد' ماڻهو کِلندا، مُرڪي مرُ ميدان ۾!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برھ آيو آ باغائيءَ کان سُرھِي بُوءِ کٽي،
سُرھي بوءِ کٽي ورھائي الا وِيڙو واسُ وٽي!

تازا گل ورھائي، بيٺو يارو! باغ ڏٽي،
موسم گذري ويندي ساٿي! لاتوَ دير گھٽي!

ايندو دؤر خزان جو پَٽ تي پوندا پَنَ ڇٽي،
وقت تي پھچي ويندؤ جيڪر، پَوندي بات بٽي!

روح منھنجي کي رات لڳي ڪا، 'راشد' رمزَٽي
من گھريا سڀ مطلب ٿيندا، مون جا ڳالھ ڳٽي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هلو تہ هلئون حيدرآباد!

دل جي آڳ اُجھائڻ خاطر، خوشين کي ڳل لائڻ خاطر،
غم جي پاڙ پٽائڻ خاطر، سُک سان دل وندرائڻ خاطر،
دردن کي ڪريون برباد، هلو تہ هلون حيدرآباد!

ڳٽتي پئي هِت دل کي ڳاري، خود نہ مري پر مون کي ماري،
درد چڙهيو آ ٻارڻ ٻاري، روئان ٿو مان ڪنهن کي ساري،
ڪا تہ گهڙي ڪِن رهجي شاد، هلو تہ هلون حيدرآباد.

جهونو شهر گهمڻ جهڙو آ، هر ڪنهن ريت ڏسڻ جهڙو آ،
قلب قرار وٺڻ جهڙو آ، بس ديدار ڪرڻ جهڙو آ،
جتي آ هر شئي جو بنياد، هلو تہ هلون حيدرآباد!

’راشد‘ روح جي راحت آ جت، منهنجي دل جي طاقت آ جت،
پيار ڪرڻ جي عادت آ جت، سِڪ وارن جي سعادت آ جت،
جتي پرين منهنجو آباد، هلو تہ هلون حيدرآباد!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ هلي، آءُ هلي! جانيئڙا آءُ هلي!
وس نہ هليو جذبن تي، ڇا ڪريان دل نہ پلي:
آءُ هلي آءُ هلي .........!

سُرنهن ڦُلاري منڙا، جانيي جا گُل ٽڙيا،
رنگ برنگي پوپٽ، گلڙن تي ڳئين مڙيا،
ساڳ چٽن، مٿرن جو موتي آ ڪاءُ پلي!
آءُ هلي آءُ هلي .........!

هيڪل وياڳُل منڙو تنهائي ٻيچاري،
جيئڻ جوڪي جهڙو موت نہ ٿو پيو ماري،
وچ نہ ڇڏي، تون وڃجان، آنءُ مران پوءِ يلي!
آءُ هلي آءُ هلي .........!

سيڪو ٻوڙي سُک ڏي، دردن ڪان گهٻرائي،
ڪونہ هُئو ڳوٺ ۾ ڪو ڳڻتن کي ڳل لائي،
سُور هٿا نڏٽڪا، 'راشد'! مون سام جهلي!
آءُ هلي آءُ هلي .........!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا جي لاءِ تنهنجي مُنهن تي رنج ۽ ملالُ آ،
حڪم ڪر مان حاضر آهيان، جهڙو منهنجو حال آ!

نيڻن ۾ نيرُ آهي، صورت غمگين آهي،
تون جي بي چئن آهين، مون کي تسڪين ناهي،
هَر هَر اُگهان ٿو ڳوڙها، هٿ ۾ رومال آ!

اڻ ٿيڻي ڪائي ناهي، تنهنجي دل ڇا ٿي چاهي،
تنهنجي لاءِ اُڀ تان آڻيان، چوين تون ته تارا لاهي،
ڪجهه ته چئي ڏي سهڻا، ڪهڙو دل جو خيال آ!

اکڙين ۾ آبُ ڇو آ، چئي ڏي حجاب ڇو آ،
ڇپن کي ته چور جاني! بند هي ڪتابُ ڇو آ،
ڏسي توکي ڏک ۾ 'راشد' وڃڻ محال آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳڻ تنهنجا ڳايان ها،
اي ڪاش اچين ها تون،
مان وارَ وِچايان ها.

اڄ عيدَ ملهايان ها،
ساٿين کي سَڏائي مان،
ڳئين طعام ورهايان ها!

دردن کي ڍُڪايان ها،
ٿَڪن جي سَهاري سان،
لُڙڪن کي تڙايان ها!

چو نيرَ وهايان ها،
ساريندي اچين ها تون،
مان چو گهبرايان ها!

مان نينهُن نيايان ها،
مان مرندس پوءِ چوندين.
’راشد‘ سان رهايان ها!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد ماضيءَ کي اي دل! ڪرڻو تہ ناهي،
روڄ راڙي مان ڪجھ پِي ورڻو تہ ناهي.

جيڪي ٿيڻو هو ٿيو آ. هاڻي ڇا ٿيندو،
بيوفا ٻُلجي نہ ڪڏهين، باوفا ٿيندو،
روز ٻڏتين ۾ ڪنهن جي، ٻُرڻو تہ ناهي.

جَن نہ ڳن جن کي، اُنهن لئہ ايڏي بيتابي،
ڏينهن جو اُلڪو ۽ راتين جو پڻ بي خوابي،
ذهن جيءَ جي جاندڀ ۾ ڏرڻو تہ ناهي،

ڏک ٿئي تو جو مري ويون، دِل جون سڀ آسون،
خونِ جگر تي يار 'راشد'! جيڪي پاليون مون،
پوءِ بہ مُئي جي پٺيان ڪو مرڻو تہ ناهي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڇڃان وڇڃان، ڪانگل وڇڃان،
وڇڃان تيز اُڏار!

اُڻ ٽُڻ ۾ اوسيئڙو آهي،
جهوريءَ جهوريءَ جيئڙو آهي،
تو تہ وِڏو ڪو ليئڙو آهي!
وسريئي قول قرار!

آڻي ڏي اَحوال تون اُڏري،
وقت گهڻو ويو آهي گذري،
شايد وياسون هُن کان وسري:
ڪانہ لڏائين سار!

ڪِنياتا ڪڻ هي خط 'راشا' جو،
ڏيج اسان کي ڪم قاصد جو،
هانءُ ٺري پيو آ حاسد جو،
دلبر جو ٿيءُ ڏار.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري شام آئي، وري يادِ آئي!
اتم دل تہ پنهنجي ۽ ٻئي پرائي!

غمن گوندرن جو ڪئي آ چڙهائي،
خُوشين فرحتن سان ڪيائون لڙائي،
ويا سُک، ڏکن جي هٿان هار کائي.

نہ ٿي دل ٿوي اڄ گهمڻ ۽ ڦرڻ تي،
پريو زور ڇو ٿا اي ساٿي! هلڻ تي،
وڃو يار! موٽي نہ آ واندڪائي.

اچي عشق 'راشد' ڪئي رهنمائي،
ٻٽيو شوق شينهڻ خوديءَ کي ويو کائي،
سَهون ارڻ سپ جي اجائي سجائي.
❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُلهہ تي سي دِل تي، اُسريا وسريا،
دنيا جا دستور.

اڱيان ويا سڀ يار ڪاڻ وسري،
پويان لڳائي محبوب ڪي مصري،
وقت غمن جو ويندو گذري:
سانڍي رکيا سُور.

درد ڏئي وئين جاٽي واٽي،
سهٽا، شال! جواني ماٽي،
واهہ ڪئي تو پيار پڇاٽي:
پلپل آهن پور!

آيا مون وٽ دوست الاهي،
سُور سُٽايا مون يڪ ساهي،
’راشا‘ تي ويا سيئي راهي:
رُئندا ويا رنجور.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سھڻا سانجھيءَ ويلي تنھنجي راھَ نھاريان،
ڪتيون تارا تڪيندي، رُئندي رات گذاريان!

جيئن جيئن سانجھي آئي، تيئن تيئن تانگھ توائي،
منھنجي گھر اونداھي، ھر ڪنھن جوت جلائي،
ھئہ ھئہ آس اُجھاڻي، ڏيئو ڪنھن لئہ ٻاريان؟

ھئہ ھُو سُک جا ڏھاڙا، ھَئہ ھي روج ۽ راڙا!
ڳايان ڳيچَ بہ کھڙا، ٻڌيا ٻول بہ ٻاڙا،
جوڀن لوڙ جيان مان، ڳڻتين ۾ پيو ڳاريان.

ھئہ جي اج ئي اچين تون، منھنجو عرض مڃين تون،
ويٺين يار وساري، ايڏو ڏور وڃين تون،
’راشد‘ ڏي آ موٽي، ھيڻو حال سُڏاريان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جشنِ روح رهاڻ، وهوا جشنِ رهاڻ!
سنڌيت جا پروانا آيا، مانجهي ڪي مردانا آيا،
ٿي نروار نشانا آيا، ديس سندا ديوانا آيا،
ڇا ڪريان واکاڻ، وهوا جشنِ روح رهاڻ!

ڪهڙي ڪريان ڳالهه جشن جي، حالت طاري، هُئي نشن جي،
محفل هُئي سنڌي سڄڻن جي، جَلي رهي هُئي دل غيرن جي،
ڪانه هُئي ڪنهن جي ڪاڻ، وهوا جشنِ روح رهاڻ!

صدقي تن تان جندڙي ساري، جن ڪوشش سان سنڌ سنواري
جشنِ روح رهاڻ بهاري، سنڌ سُڳنڌ سڄي سونهاري،
سرهاڻ ئي سُرهاڻ، وهوا جشنِ روح رهاڻ!

خوش ٿي دل ڏسندي محفل کي، آهه خوشي هت هر ڪنهن دل کي،
ويجهو پيا ته ڏسون ساحل کي، جاڻ ته پهتاسون منزل کي!
’راشد‘ موجون ماڻ! وهوا جشنِ روح رهاڻ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آٽي ڏي آنِيارو پلو ڙي جاني!
مون کي آٽي ڏي آنِيارو پلو!

چِلُرَ پلي جا چانديءَ سِڪا، پلو برابر پلو ڙي جاني!
مون کي آٽي ڏي آنِيارو پلو!

جُوهہَ وجهي تو لُوهہ ڏيڻ لئہ، هٽج ڪُتي کي کَلو ڙي جاني!
مون کي آٽي ڏي آنِيارو پلو!

ويچ مُئي جي ڳالهين کي ڇڏ، هر شيءِ آهہ مَلو ڙي جاني!
مون کي آٽي ڏي آنِيارو پلو!

آنگل منهنجا پورا ڪر نہ تہ، ڪڙُهِي پنهنجو چَلو ڙي جاني!
مون کي آٽي ڏي آنيارو پلو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃو وڃو دلدار جتي ملن قرار جتي باغن ۾ بهار
ڪڏهن ڪڏهن مون کي سارجو!

مون کي ڇڏيو ڪٽي پنهنجي حال تي،
اوهان قائم رهو پنهنجي خيال تي،
هتي غم بيشمار وک وک تي آزار دل دل تي غبار:
ڪڏهن ڪڏهن مون کي سارجو!

هن باغ تي نظر صَياد جي،
نِڙي گُهٽيو ڇڏي فرياد جي،
ڪوئي ٻُڌي نہ پڪار حق سچ لئہ ڏڪار هرڪو ڪري ڳڻَ تار:
ڪڏهن ڪڏهن مون کي سارجو!

ٻلي هليا وڃو پرديس ڏي،
احوال پيا مُنججو مون کي ديس ڏي،
سَهون ڪاتي ٿا ميار خط لکبا هزار پڙهي 'راشد' جا اشعارِ:
ڪڏهن ڪڏهن مون کي سارجو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلڪي هلڪي چانڊوڪيءَ ۾، ڏيري ڏيري پير کڻي،
ايندو آهين آڏيءَ ڏاري، منهنجي دل جو چور بڻي.

مور مهانڊا، ٻيل جيان تون، ٽِلندو ايندو آهين،
مُرڪن جو مَنَ، مينهن وسائي ڪلندو ايندو آهين،
ڪهڙي ڳالهہ ڪيان او جاني! مون کي تون ڪيڏو ٿو وڻي!

بند سنڌءِ لب مُڪڙيءَ وانگر، گُل جان ٽڙندا آهن،
گُفتن جي سرهاڻ تي ڪيئي، پوپٽ مڙندا آهن،
منهنجي مَن ۾ محبت تنهنجي، تنهنجي مَنَ ۾ مِهرَ گهٽي.

جاڻي واڻي تڏهن تہ سائين! قرب جي ڪاٽ پياسون،
تنهنجي اَچڻ سان پُڄنديون آهن هر ڪنهن دل جون آسون،
’راشد‘ تان لاهيندو آهين، دردن جي چِپَ ويهہَ- مُٺي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غم سهي چُپ يارو! ڪيان ٿو
ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪائي ڪڍان ٿو.

توکان جيڪي مليو مون کي منظور آ،
سُک آ سهنج آهي يا ڏک سورُ آ،
شال! ڪوسو نہ ڪو واءُ توکي لڳي:
مان تہ هر هر دعائون ڏيان ٿو!

درد دل جو ٿيو نيٺ انجام آ،
تون سدائين سُکيو ۽ ستابو رهين،
مان نہ ورچي ڪڏهن پيي وِهان ٿو.

مون تہ سمجهي ٻُجهي نينهن لاتو هيو،
پيچ توسان پرين پاڻ پاتو هيو،
هاڻ هر حال ۾، يار هر خيال ۾،
’راشدا‘ آنءُ راضي رهان ٿو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهون تون مان ٻئي هم خيال،
هجي حاصل اسان کي وصال،
او سهڻا، موٽي آ!

ڪارونجهر جي ڪور تي، ڪي نچن پيا مور،
ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي، چَرن پيا ڍور،
ڪيو نينهن نظاري نهال، هجي حاصل اسان کي وصال:
او سهڻا، موٽي آ!

سيوهڻ، رَني ڪوٽ ۽ ٿَٽ جو ميدان،
ٿر، عمرڪوٽ، ٽوڙي ڪاڇو ڪوهستان،
سڀ ۾ قدرتي آ حسن و جمال، هجي حاصل اسان کي وصال:
او سهڻا، موٽي آ!

سکر، بکر، روهڙي، اُتر ڪان اروڙ،
ڏکڻ روپا ماڙيءَ تي پيو وَسي ٻنا ٻوڙ
ڪري ڪڪرن ڇڏيو آ ڪمال، هجي حاصل اسان کي وصال:
او سهڻا، موٽي آ!

دادو مورو پُل تي، 'راشد' ساڻ رهاڻ،
سکر واري پُل هجي ۽ لبِ مهراڻ،
ڪيون محبت جو قائم مثال، هجي حاصل اسان کي وصال:
او سهڻا، موٽي آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيمار جي ڳرڻ پهہ ڪا ڪريو
منهنجي دردن جي ڪا دوا ڪريو!

هُن واهڻ مان، هُن وستيءَ سان،
هُن شهر منجهان، هُن بستيءَ مان،
منهنجي پرينءَ جي تہ پُڇا ڪريو!

شل! راضي ٿي هُو يارُ اچي،
مَن ڪنهن حيلي بيمار بچي،
سڀ گڏجي دوست دُعا ڪريو!

ڪري ياد 'راشد' جي الفت کي،
هن ميت تي، هُن تربت تي،
گڏ گلڙن جي وَرڪا ڪريو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي توريون ڪچايون ڏسي يار، ويا
اسان ڪان پرين! پيار نہ ڪسين
رهي سگهبو نہ توکان پرين ڌار ويا
اسان ڪان پرين، پيار نہ ڪسين!

مٺا، منهنجون مدايون ڪٽي معاف ڪر،
ڏڪي، ڏول ڏلايون، دل صاف ڪر!
ڪري قرب وري آ قربدار ويا
اسان ڪان پرين، پيار نہ ڪسين!

آءُ گڏجي سڄڻ، ڪجهہ سوچيون،
سُٺي سوچ ڪري پو گڏ لوچيون،
اڄ دور ڪريون هي انتشار ويا
اسان ڪان پرين پيار نہ ڪسين!

جيءُ جاني، جُدائيءَ ۾ جُڪي پيو
گيت عاشق اوهان لئہ لکي پيو
پڙهي 'راشد' جا ڏسو اشعار ويا
اسان ڪان پرين، پيار نہ ڪسين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِڪَ بلبل کي آ گُلشن جي،
پياس اسان کي آ سُهڻن جي.

هُت باغن ۾ تہ بهاري آ،
هت يارن جي چوِياري آ،
دل تار تري پئي سڄڻن جي.

هي عشق حسن جا ميل ڏسو!
هي ماڻهو ميلا، کيل ڏسو!
ڪيڏي پاڻ ۾ پِرت آ پنهنجن جي.

گڏ دوست دُلارا پسجن ٿا،
خوش ’راشد‘ پارا ڏسجن ٿا،
چا ٻولي مِٺي آ منٺن جي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل، ڪوئل ٻوليون ٻولن، مند بسنتي آئي آ.
عشق منهنجي، انگور ڪڍيا هِن، نس نس پنهنجي نچائي آ.

مرتئي ڪنٺهار جهڙيون، سُرهيون هوائون ويا
وري وري من کي منهنجي، مست ڪيائون ويا
موتي اڄ محبوب مليو آ، ڪئي ڪا بخت ڀلائي آ.

مُکري جي مُکڙين کي آهي، ماڪ ڀِڄايو ويا
سهڻي جي چهري تي جرڻ، پگهر ڪو آيو ويا
ڌرتيءَ سارَ گڏ دل جي دنيا ۾ پڻ ٿي سرهائي آ.

ڊاک جي، تہ ولين ۾ بيٺو منهنجو يارُ آ.
هُن جي گَلي ۾ سهڻو گلابن جو هار آ.
راشدؔ اڄ مسرور لڳي ٿو، اهنجن کان آجائي آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او ننڊپڻ جا ساٿي! تنهنجا پُور پچايان ٿو، پور پچايان ٿو
تنهنجي يادن سان مان پنهنجي، دل پرچايان ٿو!

ڪيئن وساريئي پرت پُراڻي چنڊ جي ياراڻيءَ کي
ياد ڪيان ٿو پيرا ڏيئي هر هر قرب ڪهاڻيءَ کي
توکي سرچائڻ لئه سَوَ سَوَ سانگ رچايان ٿو:
او ننڊپڻ جا ساٿي ..........!

صبح سويري طرف توهان جي تانگهه پئي ٿي تاڻي وو!
ماڻهن کي ٿو منٿون ڪريان، من ڪو توکي آڻي وو!
ايندن ويندن کان مان تنهنجا پارَ پڇايان ٿو:
او ننڊپڻ جا ساٿي ...........!

سانجهيءَ ويلي سِڪ سوائي، ياد ستائي ٿي
ٽڙ ٽڙي هير گهلي جڻ دل کي، ڇُهندِيون پائي، ٿي،
آڌيءَ رات اُٿيو مان 'راشد' نير وهايان ٿو:
او ننڊپڻ جا ساٿي ...........!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوريون ڇُرڻ سِکو، چوريون ڇُرڻ سکو!
چو ٽِئي ٻين جي وچ تي، ماڻهو کِکو وکو.
چوريون، ڇُرڻ سکو!

بيڪار بي هُنر آ، دنيا جي ريتِ آهي،
ليکو بہ آهہ چوکو چوکي پريت آهي،
ماڻهو انڌو علم ريءَ، خوش تي پڙهو لکو!
چوريون، ڇُرڻ سکو!

ميڙي وَٺو هي مُهڙي، اچڻو آ نيٺ ڦيرو،
ڪرڻو جو آهہ ڪريو، ورندو نہ پوءِ ويرو،
ايندو سياڻ سرتيون، طوفان کو ٽِکو!
چوريون، ڇُرڻ سکو!

هي ڳالهہ آهہ ڳُجھہ جي، احوال آهہ ڳُجھہ جو
پوندو پَتو سياڻي، سيني جي سمجھہ ٻُجھہ جو،
هي راز آهہ 'راشد'، ڪريو نہ واڪو!
چوريون، ڇُرڻ سکو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَنڍپڻ جو زمانو جي، وسري ته وِساريان مان،
يادن جي ڪٽاهيءَ ۾، تڇڪي تو گذاريان مان!

هٿ هٿ ۾ ڏئي ساٿي، هر روز هلڻ پنهنجو
گُلڙن کي گلي لائي، باغن ۾ گهمڻ پنهنجو
تصور ئي تعسور ۾، پوپٽ پيو اُڏاريان مان!

دنيا جي غَمن گهيريو سڄڻن به مُنهن آ قيريو
من محبت ڏي مائل، هِردو آ اسان هيريو
سِج سورن جو اچڪلهه سُڏڪي تو اُپاريان مان!

مُرڪن جي سهاري مان لُڙڪن کي لڪايان تو
غم پيئڻ جي ڪوشش ۾ ڳوڙهن کي ڇپايان تو
پرکي تو وڃي هرڪو جنهن ڏي به نهاريان مان!

اهڙو به سمو ايندو ڏک ڏور ڀڄي ويندو
خُوشين ۾ مزن وارو نئون دوُر شروع ٿيندو
آسن تي اجان 'راشد'! گهڙيو پيو نهاريان مان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَجُ منهنجو ڪبوتر! سُوال،
وڃي ڏي منهنجو پرينِ کي احوال!

رُئان راتيان ڏينهان سڄو کي تو ساري،
رڃي چئينسِ، جلدي وڃي مُنهن ڏيکاري،
پکيئڙا! مون کي، بِرهه ڪيو بيحال.

صُبحَ جو سَويرو وڃجان اُڏامي،
سلامي ڀري پو ڪجان خُوش ڪلامي،
ڪبوتر! مون سان ڪر هي قرب ڪمال!

ٻاجَهه ڀَري ڪا ٻولي، ٻولي،
چئج پرينءَ کي چُهنب تون کولي،
وفا جو ڪر ڪو قائم هاڻ مثال!

جلدي واپس آئج وَرندي،
دل ماندي پئي ڳرندي مَرندي،
رکجان پيارا، 'راشد' جو تہ خيال!
مَجُ منهنجو ڪبوتر، سوال!

❖

نِگهہَ ترڇيءَ سان ڏنائين، مُڏي ڪاتيءَ سان ڪُٺائين،
ڪري سينگار سهڻي يار وڏا ڪِيس ڪيا!

تي پِرن جي ڪمان هٽي تير تيز تر،
سيني تي سَهن گهاوَ اِها عاشقن جي ٻَرِ،
ڪري سينگار سهڻي يار وڏا ڪيسَ ڪيا!

ڪي واٽ مُسافر ٿا مرن، خُونَ تو ڪري
ڪي خُونَ تو ڪري تہ ڪي مجنون تو ڪري،
ڪري سينگار سهڻي يار وڏا ڪيسَ ڪيا

آ ديدَ جي شهيدَ جو مَهانُ مرتبو،
سؤ وار خوش تي ”راشدؔ“ هيءَ گهور سِرُ ڪبو،
ڪري سينگار سهڻي يار وڏا ڪيس ڪيا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽي آءُ موري، جدائي ٿي جهوري،
وڃي چوءُ پرينءَ کي، ڇَتون ڇُهنب چوري!

پڪي خاص مون سان، ڪا ڪر خير خواهي،
ويهي واٽ تي ڪا تون ڪٽجان نہ ساهي،
هتي حال منهنجو آ بي آب ماهي،
وڇوڙو هڏن تان پيو ماس ڪوري

”ميان جي ڦُبن“ تي ۽ ”النُور مِل“ تي،
تنهنجي انتظاري! ”دادو مورو پُل“ تي،
ڪيئي ڇا هِي جانيَ! ’جي چُلهہ تي سي دل تي‘،
ڪيمُ يارَ توکي، سچو ڏيهہُ ڏوري

هِتي ”پارڪ عوامي“ ۽ ”مدوي“ تي ٽوليون،
سيئي روڊ رستا، ڏئي سُونهن ڇوليون،
مٺا ماٺهو سندَ جا، مِٺيون تن جون ٻوليون،
ٿِلن ٿور سُهٽي، هلن هوري هوري!

هُونئن تہ منهنجا جاني! مورو ناهي، ٿورو
مگر آهہ ’راشد‘ تنهنجي سِر جو گهورو
سوا تنهنجي مون سان آ ناحق نسورو
اچين تون تہ عاشق توسان حال اوري!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇو نيڻ هيئن وَسو ٿا، ڳوڙها وهايو ڇو ٿا؟

ڪنهن جي رُئڻ تي پٿر دل ڪي، رحم نہ ڪوئي ايندو آ
ٽيڙو آ سو ٽيندو آ؟
غم پنهنجو پاڻ پوڳيو ٻئي کي ٻُڌايو ڇو ٿا؛

دنيا وارا دل وارن جي، لوڻ ڦٽن تي، ٻُرڪيندا،
وحشي غمَ رَتُ سُرڪيندا
ڪوئي نہ ساٿ ڏيندو پوءِ آزمايو ڇو ٿا؟

بستي بستي، پٿڪي پٿڪي، دل جو چئن ڦِٿايو مون،
رهندو حال وڃايو مون،
يادن جا ڦٽَ چِڪائي، زخم وڌايو ڇو ٿا؟

هيڏا ماڻهو هيڏو ميلو ڪوئي من جو ميتُ نہ آ،
سُک جو ڪو سنگيت نہ آ،
’راشد‘ جي دل رُئي ٿي، ويتر سَتايو ڇو ٿا؟
❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڏر ڪنياتا، يار الائي ڇو ڏاڍا ڏينهڙا لاتا،
وڃي ڇئجان، محبت وارن ساڻ نہ ڇنُ ناتا:
اُڏر ڪنياتا!

سانوڻ جي رُت آئي آ،
وَڻ ٽِڻَ ۾ سَرهائي آ،
مُحبت منڊ ٻُلائي آ- اُڏر ڪنياتا!

تنها ڪيئن گذارجي،
ماضي ڪيئن وسارجي،
جيون گڏجي گهارجي: اُڏر ڪنياتا!

خط 'راشد' جو پهچائجان،
روئي حالُ سُڻائجان،
ورندي جلد ورائجان- اُڏر ڪنياتا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازي چنڙي اڄ قاصد آهي آندي
خط آيو آ دلبر يار جو او سهڻي يار جو!

ڪانگ لنوي ٿو دل ڌڙڪي ٿي،
ڳِرهڻ ڪِريو ٿي، اک ڦڙڪي ٿي،
ڇرڪ پريم ٿي، جي ڪو هوا ٿي،
در لُڏيو يا دري کڙڪي، ٿي،
تازي چنڙي اڄ قاصد آهي آندي:
خط آيو آ........!

پُورا مڙيئي مَنَ مطلب ٿيا،
شُڪر ٿيو سڀ سولا سبب ٿيا،
سُونهن اسان سان ڪئي همراهي،
روشن روشن ڪارا قلب ٿيا:
تازي چنڙي اڄ قاصد آهي آندي:
خط آيو آ........!

قيمت وارو قرب جو ڪاڳر،
راز ٿيو سڀ 'راشد' ظاهر،
عشق خليفو آهي اُن جو
حُسن خدا ۽ پيار پيغمبر:
تازي چنڙي اڄ قاصد آهي آندي:
خط آيو آ........!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي خُوشين جي خاطر پنهنجو ساهہ ڇڏيان مان گهوري،
او ننڍڙا نينگرڙا، اچ اوري!

ڳِل ڳل ڳل ڳِل ڪير اچي ٿو؟ منهنجو ننڍڙو ڀائو
وڏڙو ٿيندين لوڏي ڪڍندين، ديس مان سڀ هڙڪائو
سينو تاڻي، آزاديءَ جو نعرو هڻ ڇَپ ڇوري:
او ننڍڙا نينگرڙا اچ اوري!

منڙا منڙا، ٻاتا ٻاتا، ٻول پرينءَ جا پيارا،
ساڳيا نعرا دودي، دولهہ، هوشو، هيموءَ وارا،
دشمن جا ناپاڪ ارادا، پورُو پتر جان پوري:
او ننڍڙا نينگرڙا، اچ اوري!

جيجل جي جهوليءَ ۾ توکي، جيڪا ملي ٿي لولي،
اُن جو مطلب آهي جاني! ”سنڌي قومي ٻولي“.
پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ ڪارڻ، ڪنڌ ڏجان تون ڪوري:
او ننڍڙا نينگرڙا، اچ اوري!

پيءُ جي اُميدن تي پڪَ آهي، پُورو اُتري ايندين،
روشن سج جان ’راشد‘، اوچي اُڀ تي اُڀري ايندين،
تنهنجي تربيت ڪرڻي آهي، خوب ٿڪي ۽ توري:
او ننڍڙا نينگرڙا، اچ اوري!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ياد سهاري گذري، منهنجي حياتي،
الا الا! ڪيڏا پيارا هئا ڏينهڙا!

وڻندڙ وڻندڙ باغن ۾، سهڻن سهڻن ٻوٽن ۾،
وندريل رهندا هاسون ٻئي، پيارن رنگن روپن ۾،
سُرهي هِير ڇُهي ٻئي تنهنجي، محبوب ڇاتي:
الا الا ڪيڏا پيارا هئا ڏينهڙا!

پيار تي پهرا ڪين هُيا، الفت کي آزادي هُئي،
نفرت جو هِت نانءُ نه هو، صحبت سرس سوادي هئي،
روحُ تڙپي رهيو آ اڄڪلهه دل آهه آتي:
الا الا ڪيڏا پيارا هئا ڏينهڙا!

سمجهيو هوم ته ساٿ اهو قائم رهڻو آهه سدا،
اهڙو ڪونه گمانُ نه هو تيندا سين هينئن پاڻ جدا،
’راشد‘ دنيا ڪئي آ ڏاڍي ويساهه گهاتي:
الاالا ڪيڏ پيارا هئا ڏينهڙا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄ نيٺ لڙيو تون ڪين لڙئين،
ديدار جا طالب تڙپن پيا.
هر پل آ هجر جو موت مثل،
هت پيار ٻا پياسا ڦٿڪن پيا!

جي سُونهن سهاري جيئندا ها،
اڄ تن کي مهارو ڪير ڏئي!
ڪوئي نہ ڪري ٿو دلجوئي،
ٿا نيڻ ٿمن، چَپ ڦڙڪن پيا.

اَڻ هيرين کي هيرايو تو
هاڻي تون هِرين جي هير نہ پُڄ!
معصوم دليون هي پونديون ڏُٺي،
صدما جو سوايا پهچن پيا.

روزو نہ ٽپهريءَ تي ٽِٽيو
مُنهن توکان موڙي ڪيئن سگهبو؟
هي نيڻ اُڃايل عاشق جا،
تولاءِ سدائين ترسن پيا.

تن تانگهي پيو تولاءِ پرين!
اڄ 'راشد' کي ڳل لاءِ پرين!
تن عوشاقن جي سار تہ لهہ،
جي سانجهيءَ ويلي سُڏڪن پيا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موٽي آئي عيدَ ڙي ڏوليا!
توکئه سڪايل ديدَ ڙي ڏوليا!

جيڏين سرتين ويسَ مٽايا،
سُرها تيل- ڦليل لڳايا،
بدنظرن کان ڪن ٽيون ويٽيون،
سُهڻيون، سؤڻ مزيد ڙي ڏوليا!
موٽي آئي عيد!

نياپا سنيها ڪوڙ مُڪا مون،
ڪيڏا توڏي خط لکيا مون،
سانڍي رکيم ساهه برابر،
هر هڪ موٽ رسيد ڙي ڏوليا!
موٽي آئي عيد!

پنهنجا هاءِ! نصيب نماڻا،
ڏينهن وڏي ٻه غريب ويڳاڻا،
ڪونه ڪري سگهياسون سائين!
خوشين جي ته خريد ڙي ڏوليا!
موٽي آئي عيد!

سڀ سُک ٻنجي ويا بي معنيٰ،
توکان سواءِ او جانِ جانا!
"راشد" جهڙا ڪئين ديوانا،
ڳيڙا شوق شهيدَ ڙي ڏوليا!
موٽي آئي عيد!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ جذبات سانديو تو وتان ۽ بظاهر تو بردبار لڳان،
ڳنڍ پاسي ملي جي تنهائي، رُئندي رُئندي تو چڙ ته ٻارُ لڳان!

حال ڪِن حالتن وڃايو آ، اڄ ته پنهنجو به ٽيو پرايو آ،
منهنجو ماضي ته شاندار هيو ڪالهه مون سان به ڪنهن جو پيار هيو
حادثن هانءُ ڪائي ڇڏيو آ، منهن مان ليڪن تو خوشگوار لڳان.

درد جي مشتعل هجوم اڳيان، سينو ٽاٽي ٻهاڙ تو ٻنجان،
منهنجي صورت وڃائي آ سُورن، پاڻ ٿاهڻ ڏنو نه آ پُورن،
سونهن سهڪار جي ڪري مون سان، خوبصورت ۽ باوقار لڳان!

پڙهي منهنجي هي ڏِس تون دل مضطر، پو پلي ڪاٻه راءِ قائم ڪر!
منهنجي نسبت ٻين کان ڇا ٻڌندين، ڪٿي نيڪي ڪٿي گلا ٻڌندين،
ٿورو ويجهو اچي تون ڏسُ ته سهي، ڏِس ته ڪيڏو تو قربدار لڳان!

’راشد‘! پيئڻ لاءِ زَر گهرجي، زندگيءَ واسطي سَمر گهرجي،
پاڻ وُسعت نٿا رکون اهڙي، رکي طاقت جهانُ تو جهڙي،
ڪنهن جي محبت جو هي نشو آهي، جنهن کان هردم تو پُر خمار لڳان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ويئي سري، هاڻي ٻئي جي سَري نہ سري،
تو تہ آرام ڪيو ڪنهن کي ننڊ اچي نہ اچي!

•سمجهي نہ سگهين ٿو تون احساس فقيرن جا،
ڪوليئي نہ حسن وارا! ڇو بند اسيرن جا،
جن نيڻ وڇايا پئي تنهنجي ئي تہ راهن ۾،
ڪيڏا نہ ٿيا ڪمتر سي تنهنجي نگاهن ۾،
تو جو ايذاءَ ڏنو اهو گهاءُ ڇٽي نہ ڇٽي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو وقت هئو توکي مون گيت ٻڌايا ٿي،
هِن پيار تنهنجي مون ڪان، ڪي، شعر لکايا ٿي،
وهواهه، چئي مون کي اُتساهه تو بخشيو ٿي،
جذبو ڪو نئون مون کي، والله تو بخشيو ٿي،
اڄ تون به رُنين، ڪوئي گيت چوي، نه چوي!

مفهوم محبت جو سمجهي نه سگهيس شايد،
توکي مون چيو پنهنجو ٻُلجي مان پيس شايد،
سنگم نه هئو ٽيٽو ڪو مختلف سوچن جو،
قتلام هئو ٽيٽو مسڪين جي جذبن جو،
توکي پرواهه نه ڪا ڪوئي ساٿ رهي نه رهي!

’راشد‘ جي غريبت کي ڏسي مُنهن تو مٽايو آ،
مجبور ۽ بيوس کان ڪٽي ڏيان هٽايو آ،
ماضيءَ جون سيئي ڳالهيون ڇڏيون تو وساري ڇو؟
هاڻي تنهنجو عاشق پيو عذابن ۾ گذاري تو!
تنهنجو ڇا وڃي ڪو بيمار بچي نه بچي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جندڙي آ سُڪَ تي وئي، ڪٿي اتڪيا نيڻ اياڻا،
اوڪي هنڌ دلڙي لڳي، ويٺا روئن روز نماڻا.

جاتي سهڻن جا هن ديرا،
ڏينهن پر اوڏهن ڏهه ڏهه پيرا،
هيڏن پهرن وچ تان، خيال وچن تا اُڏاڻا.

تيل ختم ٿيو رَتُ پري تو
وَٽِ جلي وئي، ساهه سڙي تو
ويٺو تڪيان دروازي ڏي، آڏيءَ ديپ اُجهاڻا.

جڳ جو هوءِ سُڪون سلامت،
پنهنجو عشق جُنون سلامت!
ياڻءِ پئي بيتابي دل کي، وسريا هنڌ وڃاڻا!

دل هڪڙي ۽ درد هزارين،
ڪونه ڏنوسين هڙئي پارين،
'راشد' جيان جو ڏک سان، اوري ويٺو اوراڻا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو هئڻ ضروري آ،
مهڙي ڏينهن جهڙالي ۾!

خط تصويرون ڳالهه چڱي پر،
آس اڃان اڻ پوري آ:
مهڙي ڏينهن جهڙالي ۾!

هيڏهن هيڪل وياڪل هينئڙو
هوڏهن بند بند مزوري آ:
مهڙي ڏينهن جهڙالي ۾!

ٻن تفريحون تن تنها جون،
دل وارن جي دوري آ:
مهڙي ڏينهن جهڙالي ۾!

پلئه پيون 'راشد' محروميون،
ڪيڏي هيءَ مجبوري آ!
مهڙي ڏينهن جهڙالي ۾!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪاريون دنيا کي، تون مان پيار گڏجي،
محبت مٿان ڪنداسون سرڙا نثار گڏجي.

جهل پل نہ ڪنهن جَهلياسين، هٿ هٿ ۾ ڏئي هلياسين،
سِرُ سَاهہ جو هو سانگو سڀ آسرا پلياسين،
توڙيون تہ بندشن کي اڄ بار بار گڏجي.

من من کي پيارُ موهي، ٻير ٻير ۾ سِڪ سَموهي،
اُڏري هلون فضا ۾ آزاد کَنڀ کوهي،
ڳن پيار جا پکيئڙا، حاصل قرار گڏجي!

محبت جا جام پريون، اُلفت کي عام ڪريون،
پوڄا پريم جي پيا، هر صبح شام ڪريون،
ماحول کي بڻايون، سڀ سازگار گڏجي!

رسمون ڪِنيون، پُراڻيون، سي ڏيان ۾ نہ آڻيون،
نئين سوچ، نئين دنيا ۾، نئون رنگ ڍنگ ماڻيون،
ريتن جو ڪريون ’راشد‘ شاعر شڪار گڏجي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي عرصي کان هُو جدا ٿي ويو آ، دل تان هُو ڪونہ ٿو لهي.
ڏينهن گذر ٿيا، مهينا گذريا، سال گذر ٿيا سارا.
اڄ بہ اکين جي آڏو ڦرن پيا، ماضيءَ جا پل پيارا.

آئين جي موسم آ، آئون پيا سيڪيون،
هُو جي ڪالھ ويا تن جون ڳايون پيا نيڪيون
سرنهن جي ڦولر ۾ گڏجي ٿي گهميا،
چانڊوڪيل آڱر تي، سهڻا ٿي سُمهيا،
ڪيڏا سُندر ڪيڏا پيارا، ڪيتن جا ها ٻارا ٻارا،
نبٽن ڪي ڪيڏو موهيندا ها رنگين نظارا،
اڄ بہ اکين جي آڏو ڦرن پيا، ماضيءَ جا پل پيارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڇي جان هر ويلي ساٿي رهندو هو
ٿاڪ منجهند جو ٻڙ هيٺان گڏجي وِهندو هو
جُونِ مهينو گرمي، لُڪون ۽ جهولا،
ساٿ سندس سان گذريا ڏينهن پئي سولا،
ڪنڌ منهنجي تي ٻانهن ٻڌگهيري، زلفن ۾ پيو آڱريون ڦيري،
اهڙيءَ حالت ۾ ڏِڪ ڏيندا ڪهڙي، چوءَ ته اونهارا!
اڄ ٻه اکين جي آڏو ڦرن پيا، ماضيءَ جا پل پيارا.

اُپ تي ٻَسجن ٿيون اَڄَ، ڪڪريون ڪي ڪاريون،
ياد پيون برساتيون گڏجي جي گهاريون،
زلفن مان برساتي پاڻي ڳڙندو هو
ٻُت پُسيل چولي ۾ ڪيڏو وڻندو هو!
هيل ٻه ساوڻ ڪي آ سعيو هاءِ، نه منهنجو ساجن آيو!
'راشد' هي بي روح گذر تي ويندا ڇا وسڪارا؟
اڄ ٻه اکين جي آڏو ڦرن پيا، ماضيءَ جا پل پيارا.
❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڏ پينگهہ ڪي لوڏ، سکي ڙيا لوڏ پينگهہ ڪي لوڏ!
واهڙ واهڙ خوشيون تي ويون، آئي ڪچي ۾ ٻوڏ:
سکي ڙيا لوڏ پينگهہ ڪي لوڏ!

هڪ فصليءَ لئہ ڪري ڪمائي
جهنگ ڪيڏي سڀ ڪيون صفائي،
ڄانيي، سرنهن، ڇٽن، مٽرن سان،
جُوءِ سڄي تي ويندي سائي،
لوڙهہ تي ايندو منهنجو دلبر، ٻڌي ريشمي گوڏ:
سکي ڙيا لوڏ پينگهہ ڪي لوڏ!

ساڳُ ڇٽن، مٽرن جو رڌبو
سرنهن جو ڏار سُڪائي رکبو
ڏال مزي جي ڪڳُلن واري
تنهن جو سواد بہ خوش تي چکبو
ڏاڏڙيءَ ان لئہ تاهيم جنهن سان قرب ڪيم پٽي ڪوڏ:
سکي ڙيا لوڏ پينگهہ ڪي لوڏ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ئي چوءِ ڪيئن تنها گذري، ولهه تي مون ويچاري جي،
هيڏي رات سياري جي!

آنگ ڍڪڻ لئه اوڇڻ گهرجي،
ٻُت کي آخر بوڇڻ گهرجي،
هيڏهن غربت آهي، هوڏنهن ڳل ٽڙي پئي پاري جي!

آهُون منهنجون اُڀ تيون ڦاڙن،
دانهون درديِ عرش لتاڙن،
سيءَ سيڪائيو پاري ساڙيو سمجهيم گُهرج سهاري جي

سيءَ ۾ جيءَ کي ڪيئن سرچايان
جُهريل جندڙيءَ کي پرچايان،
ڳائي ٻُت پگهرايان، ليڪن، تار ٽُٽي يڪتاري جي!

لڱ ڏڪن ٿا، ڏند وڄن ٿا،
سرديءَ ۾ پيا اَڪ سڙن ٿا،
'راشد' پيڙي غرق ٿئي شل! ههڙي تنگ گُذاري جي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچهريون هي قائم رهن قيام تائين،
ڀلي آيا سائين! ڀلي آيا سائين!

الله پاڪ رکندو سلامت سڀن کي،
هميشه دعائون رهن ٿيون لبن تي،
وڏي عُمرِ ماڻيو جيو پيا سدائين!

ڏئي سُک سڀن کي، سٺي سوچ پنهنجي،
ڏئي رنگ آخر گڏيل لوچ پنهنجي،
خدايا، اسان جي چمن کي وڌائين!

اوهان جي اچڻ سان، اسان مانُ ماڻيو
اسان جي صحن آ، وڏو شانُ ماڻيو
اسان جا قبولي، ڳچيءَ هار پائين!

رکيا سِرَ تي 'راشد'، جنين ٻاجهه جا هَٿ،
سندن قُرب جي تون، ڪرين ڪيئن تو ڳت؟
اُهو نينهن ناتو عُمر ڀر نڀائين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوڻ آيو سهڻج ڪيائين، مينهن لاتا وسڪارا،
موتي آ منهنجا پيارا!!

ڪانگا وجي پرديس پرينءَ کي، منهنجو ڏيج نياپو،
توريءَ منهنجي جذڙي جيءَ جو، ڪونهي ڪو جياپو،
درد ڳُجهن وانگي ٽڳلن تي، ڏيندو آهي لامارا:
موتي آ منهنجا پيارا!!

ٻُوندن لاتي آهه بهاري، ٿر تي ٿي ٽڏڪاري،
ههڙي رُت ۾ ڪيئن وساري ويٺين پنهنجي ياري؟
منڌ خوشي جي آهي پوءِ ٻه، گهر منهنجي ۾ اُوسارا:
موتي آ منهنجا پيارا!!

طعنا 'راشد' کي تہ ڏئي ٿي لانڍ آڇي سهڻن جي،
موتي آءُ تہ ماڻهن کي مان موٽ ڏيان مهڻن جي،
ساريو توکي سپرين پريان هر هر ٽڏڙا شوڪارا:
موتي آ منهنجا پيارا!!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون تہ رُئندي رات گذاري،
هائي ڙي سهڻا! ڪانہ ڪيئي پوئواري،

منهنجي توسان محبت آهي، وچ تون نباهي،
وجهہ ياريءَ ۾ تہ نہ گهاري،
هائي ڙي سهڻا، ڪانہ ڪيئي پوئواري!

لڳيون درَ ۾ رهن ٽيون ديدون، پُڄن اُميدون،
مون تہ شام ڪان راهہ نهاري،
هائي ڙي سهڻا، ڪانہ ڪيئي پوئواري!

~~ڇپيلن~~ (ٿُڌڙن جو) 'راشد' رُئندو رڙندو سُڪ ڇو سُمهندو،
جنهن جي رهندي آ آس اُجاري!
هائي ڙي سهڻا، ڪانہ ڪيئي پوئواري!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوکي جڳهه تي مون پنهنجي، اک ته وجي آ اٽڪائي،
ڳالهه ڪيان مان ڪنهن سان ڪهڙي، ڳالهه ٽئي نه مون کان ڪائي!

دلڙي آ ماندي منهنجي، روح آ آتو
سمجهيو نه سوچيو مون، پرکيو نه ڇاتو
اکين اکين کي آ پري ڪان سڃاتو
نظرون مليون جو نظرن سان، لڳي نيڻن جي لڙائي.

ڇاٽي ڀڄهي مون پنهنجو سيڪي وڃايو
سُکن ڦٽائي ياري، ڏکن نڀايو
چاهَه اَچي آ منهنجو چَئنُ ڦٽايو:
هُو جي اچي ها هڪ ڀيرو، غم ڪان ٽئي ها هلڪائي!

خونِ جگر تي يارو، غم پلجي ٿو،
ياد اچي ٿي هُن جي، دَم گهُٽجي ٿو
جيئڻ جيئڻ ساريان اُن کي، ساهه مُنجهي ٿو
جڏهن ڏسان ٿو آئون ان کي، ساهه کي ملي ٿي سرهائي.

’راشد‘ پنهنجو آهي پنڌ اڻانگو
سودو سِرن جو ناهي، يار سهانگو
نينهن َ ۾ ٽيڙو آهي نانگو
سُونهن مٿان هُون سر گهوري، قائم رکي آ مون سچائي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانگل! ڪڻ ھي نينھن نياپو،
وچع اُتي ڄِت جيءُ جياپو.

سڪ سچڻ جي ھيڏي آھي،
ڪيئن چوان مان ڪيڏي آھي!
ڪھڙي تور ۽ ڪھڙو ماپو!

دَرد سَھڻ جي آھي طاقت،
تولئہ ڪانھي ڪاب شڪايت،
ڪڏھن نہ ڏيندس مان ڏوراپو!

ايندين تان اَحسان مڃيندس،
لوڏيندي تہ بہ تو وٽ ايندس،
ٻئي سان ناھي لڳ لاڳاپو.

سُور اسان جو ساٿي آھي،
’راشد‘، دل تہ نہ لاٿي آھي،
عشق آ تورڻي سِر جو ڪاپو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي سُور آهن ڪي پنهنجي سڄڻ جا،
وساري ڇڏيا قول جنهن نندڻپڻ جا!

هُتي هُو گذاري سدائين سُکن ۾،
هِتي مان تہ هر دم رهان تو ڏکن ۾،
ٻُلائي ڇڏيا يارَ وعدا اچڻ جا!

او دل جا ڌڻي! آ، هي دل هڪ چٽي آ،
گهٽي دير چالئہ گهڙي ئي گهٽي آ،
نہ موٽي ملن ٿا هي موقعا ملڻ جا!

اي ناصح! چرين کي اَجايو نہ ڇيڙيو
اسان پيار ماڻيون، اوهان مالُ ميڙيو
اسان آهيون ڏاڍا، جفائن سَهڻ جا!

ڪنڊِي ڇا اسان کي اي 'راشد' رقابت،
رهي شال! پنهنجي محبت سلامت،
نتا ذڪ تين هاڻ خلقن کِلڻ جا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪين ڪندس ڪو يار نئون،
هڪ توکان سوا!

توسان ئي مون پِرت لڳائي،
جيڪا مون کي راس نہ آئي،
پوءِ بہ نہ تيندو پيار نئون:
هڪ توکان سواءِ!

نينھُن نَئين سر نئون ساماڻو
ڪڏهن نہ تيندو پيار پُراڻو
هي دِل نہ ڪندي دلدار نئون:
هڪ توکان سواءِ!

’راشد‘ کي تون ياڻين نہ ياڻين،
تون ئي منھنجي سِر جو سائين،
ڪنھن سان نہ ڪبو اقرار نئون:
هڪ توکان سواءِ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باد صبا پيغام سُڻايو آيو آھ بھار، دل کي آھ قرار،
رُت بہ نئين آ، رَتُ بہ نئون آ، ٿُرت ڇرين تي تيار:
تا ھلئون ٻئي ھُن پار!

ڏِس تہ ھتي ھن دنيا ۾ آ ظلم ستم انڌير، بغض ۽ ڪينو وير،
جيڪي اڳ ۾ جوڙا ھا، سي ھڪ ٻئي کان ٿيا ڌار:
تا روئن زارو زار!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ وسايون نئين دنيا جت، محبت زنده باد، هرڪو آ آزاد،
”گهُر ته گهران“ جي رسم جتي آ، پيار جي عيوض پيار:
پيار جو آ وهنوار!

هَل ته ڪچي ۾ قرب ڪمايون، من کي ڪيون مسرور جت ٻيرين جهليو ٻور،
چاڻ جگر جا ٻير پڪا، پو پٽبا لاڙي تار:
ٿي ويندا انبار.

جن جي پرت پَڪي آ پوري، گڏيا آهن گڏ، سڏَ ۾ ڏيندا سڏُ،
تنهنجي گل رخسار تي چو آ، اڙڪن جي اڄ لار:
رئندا آهن ٻار!

هن ساري سنسار ۾ ساٿي، آهي سُور ٿي سُور، پيا پچايون پُور،
پاڻ پري يَر، ڪيون ڪري ڳر، برپٽ کي گلزار:
اهڙي ڪِريون ڪار.

توکي ناز ته نياز مون کي، پر توتي مون کي ناز جو منهنجو تون همراز،
’راشد‘ جو آ راض، چُمان رخ روشن چمڪيدار
ٿئي غم جو دُور غبار!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُنو تو پوي ياد ڪري ڏينهن اڳوڻا،
سَهڻا ٿا پون روز مون کي درد جا ڏوڻا.

هڪ جان ۽ قالب جي مثل هوندا هئاسين،
هڪ پل نہ هڪ ٻئي کان جُدا ٿيندا هئاسين،
جيڪي مون لکيا هُن تي ڇپيا، گيت سلوڻا.

جيئن مون تي ڇيو هُن تي ڪيو هُن جو ڇيو ٿي،
ڪيڏي ۽ مصيبت سان ڏٺي مُنهن، مون ڪيو ٿي،
ڳل ناهہ تہ ڇو وعدا ٻئجي ويا ٻٽوڻا!

پيرو نہ ڪيئي وقت ٿيو پاڻُ پليو تو
آئي جي عزتِ ڪانہ ڪيئي، ڇڻ تہ جهليو تو
هڪ وار اچين تون تہ ڪيان پنڌ ڏهوڻا!

'راشد' نہ وٽيئہ ٿي، تہ پهريان پيارُ نہ ڏين ها،
جي پيار ڏنئي ٿي تہ پو آڌار ۽ ٿين ها،
جي سُک تو ڏنا، تن کان ڏنئي سُور چئوڻا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي عشق کي آزمائين متان،
دنيا جي ڇوڙ تي ڀُلائين متان!

جو دل ۾ هُيو سو ٻُڌايو اٿم،
نہ توکان ذرو ڪو لِڪايو اٿم،
اهو راز ٻئي کي ٻڌائين متان!

تنهنجي سِرَ لئہ هر ڪا مصيبت سهان،
تنهنجي ڪاڻ مان سِرُ ڏئي ٿو سگهان،
گهرين جو بہ گهُرتون، نٽائين متان!

زماني اڪيئي ستايو گهڻو
غمن آهہ 'راشد' تپايو گهڻو
ڏکويل کي ويتر ڏُکائين متان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻهي پيدا پنهنجي لئه آزار ڪجان سوچي
او گوري، پيار ڪجان سوچي!
نعرو هڻندي نينهن نسنگ نروار ڪجان سوچي!
او گوري، پيار ڪجان سوچي!

مستقبل تي نظر ڌري، پوءِ پلي کو قرب ڪري،
پاڻ سان گڏ مون کي به پياري، خُوار ڪجان سوچي
او گوري، پيار ڪجان سوچي!

جڏهين ڪي به وڪيل اچن، توکان تنهنجي راءِ پڇن،
آزادي ڪسجي ويندي، اقرار ڪجان سوچي،
او گوري، پيار ڪجان سوچي!

گهرَجي جهنجهٽ مٿي پئين، پڙڪيل پنيٽ مٿي پئين،
پيار وراهجي ويندو پيدا ٻار ڪجان سوچي،
او گوري، پيار ڪجان سوچي!

هلندي پڄندي واري تون، سُک ۾ سرندي واري تون،
’راشد‘ جهڙي سادي سان، سهڪار ڪجان سوچي،
او گوري، پيار ڪجان سوچي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارا پنائي، پيارا پنائي!
جيئي بيتُ تنهنجو جيئي تنهنجي وائي!

سنڌي قوم کي جو رِسالو مليو ويو
جيئڻ لاءِ جڻ کو سهارو مليو ويو
مِٺي سنڌي ٻولي اَمر تو بنائي!
پيارا پنائي!

تون ٻوليءَ کي وئين ڏيئي لفظن جو لوڙهو
سوا تنهنجي سنڌ جو هُيو ساهه سوڙهو
اچي سُونهن سنڌ جي، ڪئي تو سوائي:
پيارا پنائي!

ڪٽي لاٽ 'راشد' لطيفي اُتي پوءِ!
اڳيان ڪات جي ۽ اڏيءَ جي ڪُڏي پوءِ!
وڏو تن جو طالع سِسِي جن سَهائي:
پيارا پنائي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهارين راهون تيون اڪڙيون اُجايون،
هلي آ تہ ديدن سان ديدون ملايون!

ويو آهہ اُجڙي اُميدن جو گلشن،
جَلايو ويو آهہ منهنجو نشمين،
سُڪي سوڪ ُآسون تيون ڇهڇ سايون:
هلي آءُ تہ.........!

ڪري قربداري اگهڻ يارُ ايندو
نہ نندپڻ جو ناتو ڇِني هُو ڇڏيندو
سدائين ٻَلن ڪان تہ تينديون ٻِلايون:
هلي آءُ تہ.........!

ڪئي آ اسان ڏي اچڻ جي عجيبن،
مگر راهہ روڪي آ 'راشد' رقيبن،
نصيبن ڪي ويئا اجا آزمايون!
هلي آءُ تہ.........!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستي مستي محبت محبت حاصل ٿي، مون پيار ڪيو
دلبر جو ديدار ڪيو.

نياز سان گڏ آ ناز مون ڪي، همراز ٿيو هُو منهنجو
سوزُ سان مان پرپور سدا ۾ ساز ٿيو هُو منهنجو
هُو جي شمع آ مان، پروانو سِر ڪي وتان ٿو نثار ڪيو:
دلبر جو ديدار ڪيو.

مسرور آهيان جو دور هُيو منظور نظر سو آيو
پيار جي نظرن ساڻ ڏسي ٿو پيچ پرت جو پايو
هُو منهنجو آ مان هُن جو هُن ۾ مون هي اقرار ڪيو:
دلبر جو ديدار ڪيو.

گُل جي مُکڙيءَ جهڙو منهن، اکين ۾ شرارت آهي،
هُن جي مون سان منهنجي هُن سان، بيحد محبت آهي،
پئونر جان پيرا 'راشدُ' ڏئي رُخ روشن گل رخسار ڪيو:
دلبر جو ديدار ڪيو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تکي روز تکو هان چارا،
اچي مل قرب ڪري پيارا!

رڳو تات توهان جي طاري، جنهن باهه بدن ۾ ٻاري،
زاري زاري، ڪاري واري، لُٽجي ويا تہ سهارا:
اچي مل قرب ڪري پيارا!

موکي، بند نہ ڪر مئخانو ڪر رنج نہ هي ديوانو
ڏي پئمانو ڪر مستانو دور ٿين تہ خسارا:
اچي مل قرب ڪري پيارا!

هي 'راشدُ' نوڪر تنهنجو مان تنهنجون، تون ٿي منهنجو
اهنجو سهنجو ڪر هِي پنهنجو دور نہ ڪر دل وارا:
اچي مل قرب ڪري پيارا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪيئن ڪيا اُن جي اَبرن ڪو ڪِتي لچي ڪو ڪِٿ ڦتڪي،
جڏ ڪتڙا ڪيا خنجر نظرن، ڪو ڪِتي لچي، ڪو ڪٿ ڦتڪي،

جي ديدن جان ديدار ٿيا، سَوَ برهه سندا بيمار ٿيا،
هي نيڻ عجب آزار ٿيا، ڏِس! عاشق ٻيڙا پار ٿيا،
آ ڦتڪي جانِ ڏني ٻِيرن، ڪو ڪتي لچي ڪو ڪِٿ ڦتڪي!

جنهن ڏنو آ قهري قاتل کي، سو پڳو آ موت جي منزل کي،
هُو وٺي رهيو آ هر دل کي، آ رونق بخشي محفل کي،
بس پيار پرين اُن جي پچرن، ڪو ڪتي لچي، ڪو ڪٿ ڦتڪي!

ڏسندي ئي ڪم تمام ٿيا، تي عاشق بي آرام پيا،
جي نيڻن سان قتلام ٿيا، تن سان پرپور مقام ٿيا،
آواز ڏنو آهي قبرن، ڪو ڪتي لچي، ڪو ڪٿ ڦتڪي!

آ آس، حُسن جو شاهه اچي، تا جڳ ڪري وهواهه اچي،
پل منهنجو لبن تي ساهه اچي، آيو پورو پورو چاهه اچي،
مشتاق ڪيو ’راشد‘ خبرن، ڪو ڪتي لچي، ڪو ڪٿ ڦتڪي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ديد ڪيو ديوانو
پرين! تون شمع تہ مان پروانو.

تنهنجا نيڻ هِي نيم خوابي، چڙ آهن پيگ شرابي،
مُنهن مهتابي، ڳل بہ گلابي، مارڻ لاءِ بهانو:
پرين، تون شمع تہ مان پروانو!

هِي سِرُ آ حاضر جاني! سا قبول ڪيو قرباني،
دل ديواني، آ حيراني، محب وتان مستانو:
پرين، تون شمع تہ مان پروانو!

آ ڳالهہ اسان جي پُوري، دلدار نہ سهبي دُوري،
دم منصوري، پيار ضروري، خيالُ 'راشد' رندانو:
پرين، تون شمع تہ مان پروانو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِجهو تا پهچون منزل تي!
اجا وڪ ڪٽبي ڪا اڳتي.

اسان جو عزم بہ آ پختو، اسان جو قول بہ آهہ سچو
اسان ئي دشمن لاءِ ڏچو اسان جو آهي جاءِ جُسو
نہ ورنداسين ريءَ حق ورتي،
اجا وڪ ڪٽبي ڪا اڳتي!

اسان جو آهہ يقين محڪم، اسان جو آهہ سجايو دم،
ٻين جو غم آ پنهنجو غم، هلڻ منزل ڏي آهي ڪم،
تہ موٽڻ مهڻو آ پٽتي،
اجا وڪ ڪٽبي ڪا اڳتي!

ذرو پرواهہ نہ ڪا ٿيندي، محبت پيش اگر ايندي،
وڏي پو همت پئي ويندي، تہ محنت ڏونگر ڏاريندي،
جبل پئي آيو جي وچ تي،
اجا وڪ ڪٽبي ڪا اڳتي!

هي مظلومن جو رَتُ وهندي، غريبن ساڻ ظلم ڏسندي،
قصورن ريءَ ڪَيئن ڪُسندي اي 'راشد' هينئن هتي رهندي
اسان ڪي بارُ ٿيو دل تي:
اجا وڪ ڪٽبي ڪا اڳتي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڪر تون دلربا اچي ديدار منهنجا يار!
آهينِ برابر عجب اسرار منهنجا يار!

ها، چاڻ ختم ٿيا هي ڏکيا ڏينهن، وُٺا مينهن،
ڏِسُ رنگ لايو آهه نئين نينهن، اسان شينهن،
ڏسجن ٿا خوب خوش هي ٻُڍا، ٻار منهنجا يار!

ڏس موجَ ۾ منهنجا مٺا مهراڻ، آهي هاڻ،
هِت ڇوليون ڇل ڇل، مٿي آ مينهن جي ماندڻ،
موٽي هي وري مُند آ ملهار منهنجا يار!

ٿي ڏينهن پنيان نيث ٿئي شام، چون عام،
شادين جي ٿين ٿا پرين، انجام ٿي ماتام،
ڪڏهين ٿا ملن گل تہ ڪڏهن خار، منهنجا يار!

موٽي هي وري مُلڪ ٿيو آباد، ٿي دلشاد!
’راشد‘ سان ڪري ٿي پئي بيداد، تنهنجي ياد،
اڄ پڙهہ تون اچي هڪ دفعو اشعار منهنجا يار!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندي ويندي يار، ڪيان ٿو منٿون لک هزار،
ڇڏي ڏي ضد سهڻا!
نانءُ ڏٽيءِ هڪوار سڄڻ تون نيڻ کٽي ته نهار:
ڇڏي ڏي ضد سهڻا!

يار اوهان جو نئون نيارو، ناز غضب آ،
آزيءَ تي تون راضي ناهين، اور عجب آ،
پاڻ ڪري اقرار ڪيئين ٿو تاڪ ڪري ناڪار:
ڇڏي ڏي ضد سهڻا!

حسن دنيا ۾ ٻيو به گهڻو پر مون کي وڻي تون،
وئين اسان جي دلڙي دلبر يار کٽي تون،
مون کي ڏکاري ڏار، تون ويٺين دور وڃي دلدار!
ڇڏي ڏي ضد سهڻا!

’راشد‘ کي تو روز ستائين، ڪجهه ته رحم ڏر!
مرضي تنهنجي ڇاهي آخر، ڳالهه صفا ڪر،
محب مٺا منٿار خدارا ڪاءِ نه ايذي خار!
ڇڏي ڏي ضد سهڻا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوريءَ جيئڻ وِهُه تي ويندءِ،
پيار ڪرڻ ڪان پوءِ، مون کي چاهيئي ڇو؟

پاهڻ جهڙي سخت حياتي،
پل پل آ ڳوڙرو مون کي چاهيئي ڇو؟

سسئيءَ وانگي رڻ ۾ رُلنديءَ،
واڪا ڪنديءَ ووا، مون کي چاهيئي ڇو؟

ڇو تي حياتي زهر بڻائين،
خيال تہ ڪر پنهنجو مون کي چاهيئي ڇو؟

موت تہ 'راشد' مشڪل ناهي،
جيئڻ آ جوکو مون کي چاهيئي ڇو؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون جي ويندين رات الا او رات، تہ منهنجي رات زهر تي ويندي،
آهہ وڏي شيءِ ڏات، ملي جي مات، تہ ڏاڍي ڏات، زهر تي ويندي!

ڳوئل جي ڪوڪار پرين!، يا بلبل جي ٻِنڪار تہ خوش گفتاري!
هونئن تہ منٺڙي لات، مگر حالات ڪري هيءَ لات زهر تي ويندي

آهن گفتا گُل، ڪي چندن ڦُل ۽ موتيءَ مُلَ مگر اي سائين!
پياري پياري بات، وڏي جذبات تہ هر ڪا بات، زهر تي ويندي

سهڻا سانوڻ ڏينهن، وَسن ٿا مينهن ، دنيا ۾ نينهن نئين سِر نسرن،
هوندي جي فڪرات ڀري ظلمات، تہ پو برسات زهر تي ويندي

رات ٺري تي، باهہ ٻري تي، ياد وري تي ۽ بيتاب ڪري تي،
هونئن تہ طاري تات، سڄي آ رات، مگر پريات زهر تي ويندي

عشق ۾ تيو ايمانُ تہ اعليٰ شانُ، مِنيءَ ۾ مانُ ملائي ڇڏيم،
’راشد‘ هَو سادات، مگر هي هر ڪنهن وائي وات، تہ سنلس ٺات زهر تي وينلي

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي شايد مزو اَچي تو رُئان تہ پيو پرچائين،
منهنجا سائين!

توکي مان چاهيندي رهنديس، موت جي منزل تائين،
منهنجا سائين!

نارِ نماڻيءَ سارِ عُمر ير، پِريتڪ جي ريت نيائين،
منهنجا سائين!

دل تي چاهي ڀَر ۾ ويهي، منٺڙا ٻول ٻُڌائين،
منهنجا سائين!

پنهنجي ڪوسيءَ ڪُچ ۾ مون کي ڪوپل ننڊ ڪرائين:
منهنجا سائين!

’راشد‘ منهنجيءَ دلڙيءَ کي شل، سات ڏئي سرچائين!
منهنجا سائين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنڌُ ٻڇي، ٻنڌُ ٻڇي، ٻنڌُ ٻڇي ٿو
موٽ مٺا، موٽ مٺا، ڳوٺ ٻُڏي ٿو!

آ ٻنڌ ٻڇڻ تي ۽ برسات وَسڻ تي،
هِي هيٺ سِمي پيو تہ مٿان مينهن وسي پيو
موٽ مٺا................!

موٽ مٺا، ٻوڏِ ڪري ڳوٺُ لَڏي ٿيو
دانهن مٿان دانهن ڪيان، ڪونہ ٻڌي ڪو:
موٽ مٺا................!

آءُ سڄڻ! خوفَ ڪري ٻار رڙن ٿا،
هانءُ ڏري، هانءُ ڏري، هانءُ ڏري هو:
موٽ مٺا................!

ڳوٺ ڊٺو ٿو ٿئي، موهن جي دڙي جيئن،
’راشد‘ جي ڪيئہ دير، هوندو ڍيرُ مٽيءَ جو:
موٽ مٺا................!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچائي آ پار پرينءَ کي، پرت سندو پيغام، ڪنياتا!
ڪڻ هي خط اُڏام!

اَدبن نيازن ساڻ ڪجان تون، سهڻن جو تہ سلام، ڪنياتا!
ڪڻ هي خط اُڏام!

حال حقيقت پيش پِرين جي، قصو ڪج تمام، ڪنياتا!
ڪڻ هي خط اُڏام!

قرب وندن جو ڪانگل! گهجان، آهيان خاص غُلام، ڪنياتا!
ڪڻ هي خط اُڏام!

مذهب ماڻهن ساڻ محبت، انسانيت اَسلام، ڪنياتا!
ڪڻ هي خط اُڏام!

عاقل آبي آب تہ اڄڪلهہ جاهل جي هٿ جام، ڪنياتا!
ڪڻ هي خط اُڏام!

بڻيو عشق اِمام تہ 'راشد'!، سوچيان ڇو انجام، ڪنياتا!
ڪڻ هي خط اُڏام!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيان پيو ٿو اڃان دل ۾ هٽان،
عاشقي ۽ عيش مان، ڇا ڪي ڪٽان!

مان بہ هڪ انسان آهيان دوستو!
۽ الهڙ نوجوان آهيان دوستو!
آزمودي جا ڪپن تورا ڳٽان!

اڻ ڏٺل آ واٽ، اڻ سُونهون ميان!
ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي چوان؟
راهبر مشڪل ملي، رهزن گهڻان!

عشق 'راشد'!، ڪاڄ سَمجهيم ٿي، مِٺو
هاڻ ڳلّ پئي، جڏ مِليو سوُرن ڇِٺو
پيار ۾ چَپِڙيا پيا، رُڪ جا ڇِٽان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي اوڇڻ، بوڇڻ ماءُ، نہ ڪوئي اولو يا ڪا اوٽ،
امان، اڄ سيءُ بہ ڏاڍو آ!

اوتي اُتر واءُ لڳن ۾، ڏڪٽيءَ جي ڦڙڦوٽ:
امان، اڄ سيءُ بہ ڏاڍو آ!

ڪوئي ٻيءُ نہ ڪواڄ ڀاءُ، اڇن شل موٽي وقتي ووٽ!
امان، اڄ سيءُ بہ ڏاڍو آ!

ڪيڏو غريبي گهاءُ، يتيمي ڪيڏي آهي چوٽ!
امان، اڄ سيءُ بہ ڏاڍو آ!

’راشد‘، ساٿي ٽيٽا آهن، ڇامَ ٿہ ڪي ڇاموٽ:
امان، اڄ سيءُ بہ ڏاڍو آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو اُميدن تي زندهہ رهان،
تون نہ آئين، نہ آئين اَجان!

ياڳُ منهنجو ويو ٽيلهجي،
باغُ دل جو ويو پيلجي،
سڙان، ڪامان، پَچان ۽ لُڇان،
تون نہ آئين، نہ آئين اجان!

دل چوي ٿي تہ توکي ڏسان،
اڄ تہ توکي ڏسي دم ڏيان،
موت بيٺو آ منهنجي مٿان:
تون نہ آئين، نہ آئين اجان!

آنهہ 'راشد' جو تون رازدان،
اڄ تہ توکي ڪي ڳالهيون چوان،
توساڻ ڳالهيون ڪري پو مران،
تون نہ آئين، نہ آئين اجان.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون نہ رُنئين، جڻ جڳ رُنو

آءُ توائي ڏاچيءَ وانگي، موٽ ڪان منهنجو وڳ رُنو:
تون نہ رُنئين، جڻ جڳ رُنو!

لوڪ لَڏڻ ۾، چَري اَڏڻ ۾، ڏالو ڇيلو جڻ ڪو ڏَڻَ ۾
ماڳ نہ ڪائي منزل آهي، ڪڏهين شهر، ڪڏهن واهڻ ۾
مان سو پِنڪيل واٽهڙو هان، جنهن ڪان آهي دَڳ رنو:
تون نہ رُنئين، جڻ جڳ رُنو!

جاڏي ڪنڌ اوڏاهين آ پنڌ، ڪاٿي ٿي لاهور، ڪٿي سنڌ!
ڪاڏي منهن مَريم جو آهي، ڪاٿي الهيار سَندي جندُ!
مُونجهہ منجهايو موڳاٿي ڪي، موڳي ڪان مارڳ رنو:
تون نہ رُنئين، جڻ جڳ رُنو!

ڪنهن نہ جَهلي آ، ڪنهن نہ پَلي آ، ڪنهن بہ نہ ڪئي ڪا بند ڳلي آ،
منهنجي، پنهنجي دل نہ ٺئي ٿي، منٿ ڪيان ٿو موٽ هلي آ،
چورن ڏوهہ ڏجي ڇا 'راشد' ياڳئي ڪان آ سڳ رنو:
تون نہ رُنئين، جڻ جڳ رُنو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ڀُونءِ ۾ نئين ٻُلجي، پرتي نہ ڪري ويهين،
غلطي نہ ڪري ويهين!

آ هامَر هٽڙ سوڪي، پر ڪوٽِ وفا جي آ،
ماٺهوءَ جي دغا ڪان دل، ڪڏهين نہ صفا ٿي آ،
برباد اِئين دل جي بستي نہ ڪري ويهين!
غلطي نہ ڪري ويهين!

ڪو ڏيانُ رکج ڏاري، پنهنجي ۽ پرائي جو
اوڳو آ اُهو سونَ مٿان سيڙِ مٿائي جو
ڏارين جي حوالي هيءَ ڌرتي نہ ڪري ويهين!
غلطي نہ ڪري ويهين!

ڪُوڙن ڪي چڙي، سچَ تي سِرُ ڏين تہ چڱو ٿيندءِ
سَچ آهہ اگر ڪؤڙو تہ بہ پيين تہ چڱو ٿيندءِ
’راشد‘ آ سچو اُن تي سختي نہ ڪري ويهين!
غلطي نہ ڪري ويهين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انب جي ٽاريءَ تي ويهي تون، ڳڻتين ۾ ڪجھ ڳاءِ!
او پنڇي، گيت ٻڌاءِ!

تون بہ ڏکي آن، مان بہ ڏکي هان، دردن کي تہ ڏڪاءِ!
او پنڇي گيت ٻڌاءِ!

هن ڏکياري ديس ۾ آهي، ڪو بہ نہ ڪنهن جي لاءِ:
او پنڇي، گيت ٻڌاءِ!

ڏاڍو آنءُ ڏکايل آهيان، تون بہ ڏکويل، هاءِ!
او پنڇي، گيت ٻڌاءِ!

تنهنجو باغ سِڪي ٿو، منهنجو ماڳ بهاريءَ لاءِ:
او پنڇي، گيت ٻڌاءِ!

تون ٿو ڳائين، مان ٿو وندران، وريو تون ورجاءِ!
او پنڇي، گيت ٻڌاءِ!

روح گھڻو بي چئن ٿيو آ، 'راشد' کي ريجھاءِ!
او پنڇي، گيت ٻڌاءِ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالھ تہ ٻُڪ ۾ بيماريءَ ۾ تنھنجو خيال نہ آيو
اڄ چاقائيءَ ۾ ڏوَ تي آ، تنھنجي ياد ستايو ۽ تڙپايو:
جاني، جلدي آءُ!

'جيءُ خوش آ تہ جھان بہ خوش آ'، سچ فرمايو سياڻن،
ڪالھ تہ ڪابہ نہ ڳالھ وڻي تي، اڄ مُرڪايو ماڻن،
تنھنجا ماڻا ياد پيا، جن آھ سڪڻ سمجھايو ۽ تڙپايو:
جاني، جلدي آءُ!

بي چاقائيءَ بس ڪئي مون ڪان، بارُ برھہ سِرِ آيو
بيھوشيءَ مان هوش ۾ آيس، مدھوشيءَ ڳل لايو
دل جي جذبن جيءُ خوش آھ تہ جوش اچي جاڳايو ۽ تڙپايو:
جاني، جلدي آءُ!

مَنَ جا مورَا! سگھو آ ھاڻي، دل جا چورَا! سگھو آ،
زوران زور آ عشق اوھان جو ويندس گھورَ سگھو آ،
رمزن وارا، 'راشد' کي چو ايڏو تا ترسايو ۽ تڙپايو
جاني، جلدي آءُ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر پر پيا ڪن جا پئمانا
اوتِ اوتِ، ڪجھ اوت پرين!

ڪُلنديون هاڻ خموش جون ڳالهيون، محفل ۾ مئہ نوش جون ڳالهيون
جذبي جون ۽ جوش جون ڳالهيون، ڪير ڪندو اڄ هوش جون ڳالهيون
دانا تي پوندا ديوانا،
اوت اوت، ڪجھ اوت پرين!

موتي ـمي مند بنستي، ڪول مٿن ڪي ماٺيون مستي
مئہ سان پنهنجو نينهن الستي، ريءَ نشي برباد آ بستي
مئہ سان وسندڙ تيا مئخانا:
اوت اوت، ڪجھ اوت پرين!

آهہ عقل جي ڳالهہ اَجائي، سڌڙين سمجھ ۽ سُرت سجائي،
پاڻ شراب سندا شيدائي، رندن کي نہ کپي دانائي،
ڏي تون جام تہ پجن بهانا:
اوت اوت، ڪجھ اوت پرين!

پيگ مٿان بيو پيگ پري ڏي، نيڻ ملائي ڏيانءِ ڏري ڏي،
'راشد' جو شل هانءُ ٺري، ڏي قرب ڪري ڏي، پيار ڪري ڏي،
ڏوَ تي ڏي آهيون نيرانا
اوت اوت ڪجھ اوت پرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهين ڪان جو وِڇڙيا آهيون، ايڏي وقت پڇاڻان،
آنءُ نہ ڄاڻان، ڪاٿي هوندين!

توکي ڳوليندي او جاني! مون تہ ڏٺا جهرجهنگ،
اندر ٻاهر، اوسي پاسي، جاچيم سيئي دنگ،
جيئن جيئن ورڙيان، تيئن تيئن لوڙيان، ڏک جا ڪاڙهم ڏنگ:
پيار اُهوئي آهي ليڪن، منهنجا يار پُراڻا:
آنءُ نہ ڄاڻان، ڪاٿي هوندين!

تنهنجي ڪارڻ سهڻا سائين! مون تہ رَچايا سانگ،
تنهنجي پُور پلڻ لئہ ٿاهيم، نوڙيءَ مان ڪئين نانگ،
ڪين نيايو هاءِ! نصيبن، ياڳ ٿيا پڙيانگ،
سورن ساري گسرون ڪيون، سَنڌ ڪيائون ساٿا:
آنءُ نہ ڄاڻان، ڪاٿي هوندين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڙڪ نہ ڀاڪيان، دنيا ڪِلندي، ماڻ رهڻ آزارُ
سيني تي تہ سَٽو مون آهي، ستمن جو هر وار،
گل ئي ناهہ تہ ڇا ڪان تي وئين، ايڏو تون بيزار!
روئڻ ويٺا راتون ڏينهان، تولڻ نيڻ نماڻا:
آنءُ نہ ڄاڻان، ڪاتي هوندين!

جڏهن بہ ڪو رنگين نظارو ڏسندو آهيان، آنءُ،
جڏهن بہ منهنجي آڏو ونندو آ ڪو تنهنجو نانءُ،
تڏهن ڀِڄي آ ڀورا ٿيندو دل منهنجيءَ جو ٿانءُ،
ڏيَ ڏِئي مون دِل کي آهن ٿَرڪايا ڪِئين ٽاڻا:
آنءُ نہ ڄاڻان، ڪاتي هوندين!

توڙيءَ منهنجي مَن جا مالڪ! ڪُوماٽي آ ڪاڪ،
موتي آ تون، باهہ ٻرهہ ۾، ڪاڪ سِڙي تي خاڪ،
سِڪَ جي سُئي ڏاڳي سان سائين! چاڪ گريبان ٽاڪ،
توريءَ راڻا ٿيا ويڳاڻا، مومل جا ڍهي ماڻا!
آنءُ نہ ڄاڻان، ڪاتي هوندين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي ڪاري ٻاٽ هجي، ڪا ونداهي اڌ رات،
منهنجي دل ۾ پيار سنڌ جي جرڪي پئي جذبات.

هونئن ته ماڻهو مِٽي، پر ڪا ڪستوريءَ مُلهه خاڪ،
راڄُ سڄو آ راڻا ليڪن، ڪو ڪو ماڻي ڪاڪ،
سِيرت جي ئي سونهن برابر واسي آهِ ولات،
منهنجي دل ۾ پيار سنڌ جي جرڪي پئي جذبات:

ڪُوڙ ڳُهڙي ڪن ڪوهيڙو سجُ ڏسبو سچَ جو صاف،
ماڻيندو ماڻهوءَ جو ٻچڙو هر ڪو حق انصاف،
تارَ منجهاران تارِي پار پُڄائيندي آ تات:
منهنجي دل ۾ پيار سنڌ جي جرڪي پئي جذبات.

ڪوڙ نپوڙي ڪونه سگهيو آ، سچ جو هرگز ساهه،
نيٺ پڄي ٿيو پورا پورا، توڳين جو هر ناهه،
ڪيڏا زور لڳايا دنيا، ذات نه ڪاڏي مات!
منهنجي دل ۾ پيار سنڌ جي جرڪي پئي جذبات.

'راشد' سان جي رُسندا منڙا ماڻهو مَن جا ميت،
هي ڪم وارو ماڻهو ويهي رُئندو لکندو گيت،
ڪوڙ نه چاهيندو ته وَسي پئي مُندَ سوا برسات:
منهنجي دل ۾ پيار سنڌ جي جرڪي پئي جذبات.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راس نہ آئي، رات الا ڙي، راس نہ آئي رات!

ڏينهن ڏکن جا ڏونگر ڏوريون، محنت تان پيا تن من گهوريون،
پوءِ بہ شامون، هاءِ! ندوريون، ٿَڪُ، اوجاڳو اکيون ڳوريون،
جاڳي جاڳي جيءَ کي جهوريون:
ڏينهن لڙئي کان پوءِ ڏهاڙي، ڏنگ هڻي ٿي ذات:
الا ڙي، راس نہ آئي رات!

لوڪَ سچو آهي آرامي، منهنجو من ساڳيو ماتامي،
رهڻو پيو آ مست مدامي، چئن لُٽي وئي اک بادامي،
ڪاج پرائو پر مان ڪامي:
تن کي جَن نہ ڪن جنين جِي، مون تي طاري تات:
الا ڙي، راس نہ آئي رات!

محنت کان پو فرحت گهرجي، دولت، عزت، شُهرت گهرجي،
جي غربت آ محبت گهرجي، بي مروت کان مروت گهرجي،
بهتر آ تہ مصيبت گهرجي:
ڪجهہ بہ نہ گُهرجي گهاٽي ۾ هڻ، گُهرجن جي فڪرات:
الا ڙي راس نہ آئي رات!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا ڇا جندڙي سُور سهي ٿي، ڳَٽتين ۾ پئي جان ڳَهي ٿي،
دل بہ ڏکن جيئن نارُ وَهي ٿي، پوءِ بہ سهڻا خوابَ لهي ٿي،
خيالي جا محلات ٺهي ٿي:
دردن جي طوفانن ۾ سا پَٽِ پَئي ٿي محلات:
الا ڙي، راس نہ آئي رات!

هڪڙي جانِ هزارين جهوريون، لونءِ لونءِ ۾ يَر لکَ لکَ لوريون،
آءُ تہ ساجن! ڏک سُک اوريون، ٿورو وقت تہ ڳالهيون ٿوريون،
آءُ! نفعو نقصان بہ توريون:
حاصل آهہ ڪيو ڇا پنهنجي جنگ لڙي جذبات:
الا ڙي، راس نہ آئي رات!

موتي اڄ تون مون ڏي ساٿي! ذات مٿان هِن ڏمريا هاٿي،
سوچيو ائئي پوندو ڇا ٿي، آس جيئڻ جي مون جي لاٿي،
جلدي جاني! پهچ هَوا ٿي:
سڄي ٿي رُئندي 'راشدُ' ڪئي آهي پريات:
الا ڙي، راس نہ آئي رات!
الا ڙي، راس نہ آئي رات!

❖


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محفل وچ ۾ ويهي ڪڏهين، ڳالهايو نہ سجايو هوندءِ!
پنهنجي منهن پڇتايو هوندءِ!

منهنجو خال پيرڻ لئہ جاني! ڪنهن ڪي جي ڳل لايو هوندءِ!
پنهنجي منهن پڇتايو هوندءِ!

مون سان گڏ رهڻ جو موقعو ياد اگر ڪو آيو هوندءِ!
پنهنجي منهن پڇتايو هوندءِ!

زنده آهہ ضمير اڃا جي، ساٿي! سات سهايو هوندءِ!
پنهنجي منهن پڇتايو هوندءِ!

ضرب هڻي روحاني 'راشد' ڪي ايذاءَ رسايو هوندءِ!
پنهنجي منهن پڇتايو هوندءِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙيا ڪنڌار جاني! ڪڙيا ڪنڌار:
آئي منڊ بهار!

مهڪيو موتيو، ٻهڪيو مُگرو، تڙيا ٽانگر ٽار:
آئي منڊ بهار!

رنگا رنگي گُل گلابي، چمڪي پيا چوڌار
آئي منڊ ملهار!

ڏور خزان جو ڏور ٿي ويڙو رنگ مٽيو گلزار:
آئي منڊ ملهار!

رات جي راڻيءَ 'راشد' ڪيڙا، سورنهن ئي سينگار:
آئي منڊ ملهار!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

ڪعبي ڏي ڇڪيو ٿا ڇو ’راشد!‘ بس رهڻ ڏيو بتخاني ۾،
اڳي مومن هوندو هوس، هينئر ايمانُ سلامت ڪين رهيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باغ ۾ ڪنڊا ڪين هجن، گُلڙن جي حفاظت ڪير ڪري،
ڪنڊا ٿا حفاظت گُل جي ڪن، ڪنڊن جي شڪايت ڪير ڪري!

آ چاهت جو چانڊوڪيءَ سان، پو چنڊ جا داغ ڏسون ڇالاءِ؟
ڇو سُونهن مان ويهي عيب ڪڍون، سُهڻن جي شڪايت ڪير ڪري!

ٿو پاڻ قبوليان پابندي، هي آزاديءَ کان قيدُ چڱو،
زنجير به زيور ڄاڻان ٿو، زلفن جي شڪايت ڪير ڪري!

ماڻهو ته چَرئي کان چرڪن ٿا ۽ ڇُهڻ به ڇيهو سمجهن ٿا،
جي تنهنجي سودائيءَ کي لڳا، پٿرن جي شڪايت ڪير ڪري!

ڀرجي ويو شڪايت جو دفتر، يا ’راشد‘ سُڌري ويو آهي؟
هُن موت ۾ مُرڪي فرمايو: ڇرين جي شڪايت ڪير ڪري!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄن نہ ڳن ~~جهڙيلن~~ جهڙيڪي، اُنهن سان پيچ ڇا لئہ پائجي،
هاءِ! دل نادان توکي، ڪيئن ڀلا سمجهائجي!

دل کي دِل سان راهہ ٿيندي آهہ، سالڪ ٿا چون،
بي قدر انسانَ ڪنهن سان، لَنءُ نہ ڀلجي لائجي!

ڪجهہ ڪرڻ کان اڳ ذرا، سوچڻ جي عادت ڏارجي،
پير پهريان ڪڍُ سنڀالي، پوءِ ڇو پڇتائجي!

سُونهَن آهي تازگيءَ ۾، زندگي آ سُونهن سان،
گُل ڀيو اڇجي ڪٽي، جي گُل اڳيون ڳُومائجي!

ڏِس غريبيءَ ۾ مطلبي يارَ ڪاوِڙجي ويا،
هِن کي هِت پرچائجي، يا هُن کي هُت سرچائجي!

خيرخواهي ناهِ دنيا ۾، ءِ دل بي سمجهہ آهہ،
’راشدا‘! ڪهڙي طرح رنجور دل ريجهائجي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساقي جو اُٿي ويو محفل مان، سامانُ سلامت ڪين رهيو،
سڀ جام ٽُٽيا پُرزا پرزا، پئمانُ سلامت ڪين رهيو!

جنهن دِل ۾ آسُون پاليم ٿي، افسوس! اُها دل ٿي نہ رهي،
هر حسرت ٿي ڇيهون ڇيهون، ارمان سلامت ڪين رهيو!

ٿي شام شروع ٿي شمع جلڻ، ۽ باک ڦٽيءَ جو بس ٿي وئي،
دم رُڪندي ڏٺائين شايد ڪو پروانُ سلامت ڪين رهيو!

هاڻي تہ هلي آ توکي ڏسي، سڪرات بہ سهنجي ٿي ويندي،
محبوب! بچڻ جو باقي ڪو اِمڪانُ سلامت ڪين رهيو!

ڪعبي ڏي ڇڪيو ڇو ٿا 'راشد' بس رهڻ ڏيو بت خاني ۾،
اڳ مومن هوندو هوس هينئر، ايمانُ سلامت ڪين رهيو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِتي زندگيءَ جي شمع گُل ٿِئي ٿي، ٿُتي سيج سُرهي وچائي وئي آ.
هتي ته دفن ٿئي خوشيءَ جو جنازو هُتي عيد خوش ٿي ملهائي وئي آ.

مِلن ٿا دنيا ۾ ڳري ڪنهن بها سان اڙي او چري دل! وفا جا ته موتي،
غريبن جي ساري عُمر جي غلامي، اڙي دل اياڻي! اجائي وئي آ.

اسان جنهن کي نيڪي تصور ڪيون ٿا، انهن وٽ اُهائي بَدي ليکجي ٿي،
چڱائيءَ جو بدلو چڱو ڪونه مليو، ڀلائي به بنجي بُرائي وئي.

هي خودغرض ماڻهو تباهيءَ جا ڪارڻ، هي مطلب جي ياري جڻادار ناهي،
ختم خود شناسي زماني مان ٿي آ، دنيا ۾ وڏي، خود نِمائي وئي آ.

حسينن کي هاڻي اچي شال! ساڃهه دنيا ۾ قدر ڪو ٿئي عاشقن جو
مٿان سونهن گهوري ڏَئِي ساهه ’راشد‘ رسم عاشقيءَ جي نيائي وئي آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئونرن کي اُهائي محبت آ، محبت ڪان بغاوت ڪير ڪري،
گلڙا تہ چِني سگهجن ٿا پر، خوشبو سان خِيانت ڪير ڪري!

ديدارَ جي دولت چاهيم ٿي، پينار جو پالهو پاند رهيو،
ڪنجوس جي هٿ آ سرمايو نظرن جي سَخاوت ڪير ڪري!

هن خود پسنديءَ جي دؤر هٽي، نقشو آ اُلفت جو بدليو،
هر ماڻهو پنهنجي مستيءَ ۾، زخميءَ جي عيادت ڪير ڪري!

حق جا تہ اَسان حامي آهيون، هٿَ وارن جو نہ سلام ڪيون،
مظلوم ٿي رهڻو پيو تہ پلي، ظالم جي اِطاعت ڪير ڪري!

مُنهن يارَ جو آهہ قرآن مثل، مان تصور ۾ جڻ حافظ هان،
هِن پاڪ ڪتابَ جي مون وانگر، هر روز تِلاوت ڪير ڪري!

بيمار جي حالت آهہ بُري، هُت پيش حقيقت ڪير ڪري،
آ موت اچي ويو مروت جو، ’راشد‘ سان رعايت ڪير ڪري!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي دلي ٿيندي دفع، جي دل لڳي پيدا ڪريو
دشمنيءَ کي دُور ڪريو دوستي پيدا ڪريو!

چڙ تہ آهي راڄ تي، راڪاس جو پاڇو پيو
موت جهڙي ماٺِ ۾ ڪا زندگي پيدا ڪريو!

باغ ٿيو برپٽ جيان، اُن ۾ بهاري آڻيو
مُکڙيون مُرڪن، گُلن ۾ تازگي پيدا ڪريو!

ڏاڍ ڪان جيڪا ڏڄي ٿي، ڏاتِ سا گُهرجي نہ ٿي،
جا پٽي شاهي قلعا، سا شاعري پيدا ڪريو!

گُهگهہ اوندهہ جي گهڙيءَ ۾ گهاٽ جو ڪهڙو پتو،
رات ڪاري آهہ 'راشدا' روشني پيدا ڪريو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا تار سلامت ڪيئن رهي، مان روز ڳنڍيان تون روز ڇني،
سَٺ نازڪ ڌاڳو ڇا سهندو، ڳرِ خيال پچاڙي ٽٽي نہ ڪِني!

پيا دل جا آهن چاڪَ چڪي، اڄ ياد اچي ويو آ ماضي،
مون توکي دل سان پوڄيو هو ۽ تو بہ مون کي تعظيم ڏني!

گلڙن جي ڳلن تي ماڪ ڦڙا، ۽ منهنجي ڳلن تي لڙڪ لڙيا،
محبوب! نظارو ڏس تہ اچي، هي دل جو پِڄڻ، هيءَ پيچ پِني!

سخي، سرنهن، ڇٽو چوندا آهن: پيلڻ سان پلا ٽيندا آهن،
سردار سخي! اِنڪار نہ ڪر، محتاج وٺن ٽا خيرُ پِني.

سختي نہ ڪرين ها قاصد سان، ناراض هُئين جي ’راشد‘ کان،
تو نيت ڪري سو ڏيکاريو جنهن کان تہ اڳيئي دل ٽي ڊني.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ خيالِ ٽٽل هڪ جاءِ ڪري، خط خونِ جگر سان لکان ويٺو
پلٽيو مون پيار ٻني تي پر، پنهنجو پُرزو پاڻ پڙهان ويٺو

پنهنجي پيار جي پهرين ورسيءَ تي، ڏئي ڪوٽ گهرايم يارن کي،
مرحوم محبت کي ساري ساٿين جي اڳيان سُڏڪان ويٺو!

مون کي ساڙي ڇڏيو يادن جي بٺي، هن دوزخ مان ٻَرَ ڪير ڪڍي!
ڇو هُن جو ٿو ڪو نانءُ وٺي، مان اڳ ۾ ئي ته جلان ويٺو!

ڪنهن ڳالهايو جي گهنڊ وجهي، ڇڻ ڇوري ٻار کي ڇڙٻ ملي،
يادنْ جا پيا ڇڻ ڦَٽ اُٿلي، ٻي چئن لُڪيان، ڦٿڪان ويٺو.

ڪنهن جي فوٽن جي ته فريمن کي، ويٺو ’راشد‘ لڙڪن سان ڌوئي،
ڇو ڳوڙهن جا ٿو ڳُل پوئي، هُو ڪيچي ئي نٿو مان پچان ويٺو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چؤ طرف سُڃ خزان ڪئي، نيڻن نهارَ تائين،
محبوبَ ڪيرُ جيئندو ايندڙ بهار تائين!

اُڀ ڏانهن ئي تڪيندي، هر رات ڪاٽڻي آ،
ڳُڻجيو پوان ڳڻيندي، تارا هزار تائين.

ڪجهه ئي نه ٿيو دوا مان، ڦيڻا ڇنڊا ڪرايم،
ڪوئي اثر نه پهتو دل جي غُبار تائين.

قاصد وڃينس پوءِ اچي يا نه هُو اچي پل،
بيمار جي خبر تون پهچاءِ يارَ تائين!

ڪهڙي به ڳالهه نڪري، موجودگيءَ ۾ منهنجي،
پهچيو وڃي ڪچهري، تنهنجي پچار تائين!

ڳوڙها وهڻ شروع ٿيا، دامن ڀڄڻ لڳو آ
يادن جا ڏاند پهتا جو دل جي نارَ تائين.

دشمن دليون ڀڄي پيون، پٿر دليون پُسي پيون،
افسوس هو نه آيو 'راشد' مزار تائين.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڏور هيو رهڻو توکي، ڇو دل منهنجيءَ ۾ تئين داخل،
بهتر آهي تہ نباهہ ڪجي، هن شوخيءَ مان ڇا هٿ حاصل!

تنقيد نلهي سوکي آهي، تعمير ڪرڻ ڪجهہ اوکي آ،
ڪو آجو ڪونهي عيبن کان، انسان تہ ڪوبہ نہ آ ڪامل.

تو پُور ڏنا، مون جهول جهلي، تو سُور ڏنا، مون سامر ڪنئي،
تو منهنجي خلوص کي ٺُڪرايو، تون منهنجي خوشين جو تئين قاتل!

تو پِياڪن کي تہ پياريو پئي، مون هڪ ڏُڪَ لاءِ نهاريو پئي،
يا ساقي تو ڪئي ڪنجوسي، يا آنءُ نہ هوس پيئڻ قابل!

شڪ ڏور ٿيا تو ساٿ ڇڏيو وهواهہ جو تنهنجو ناتو هو
مان سادو هوس تڏهن توکي، مون پاڻ سان ٿو سمجهيو تي شامل.

هي منهنجي آهي ڪمزوري، مان پيار ڪرڻ جو عادي هان،
جيئن جيئن تو ڏڪارين راشدؔ کي، تيئن تيئن من توڏي آ مائل.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون غريبن جي تڏي تي، برتري ڪاڏي وئي؟
چوءِ پلا محبوب سائينءَ! بي رُخي ڪاڏي وئي؟

ٺهڪ ٽڙندا ها جتي، اڄ مهڪ ڪانهي ڪا اُتي،
مُرڪ منهن تي ڪانه آهي، تازگي ڪاڏي وئي؟

ڪيئن پٽرن ماں، پيا چشما ڦُٽي او سنگدل!
چو جنازي تي رُنين، ناراضگي ڪاڏي وئي!

لاش ڪي چنبڙي چوين ٿو، واءِ قسمت! هاءِ هاءِ!
يا خدا! منهنجي ڪلهوڪي زندگي ڪاڏي وئي؟

شاعرِ محبت مُئو احساس سُهڻن ڪي ٿيو،
سونهن جي تعريف واري، شاعري ڪاڏي وئي؟

موت بيپرواهه سان گڏ، تون نہ بي پرواهہ ٿئين،
’راشدا‘ آزي نيازي، بيوسي ڪاڏي وئي؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون بلبل کي ٿو بند ڪرين، جا هاڻ اُڏامي آئي آ،
پر، خوشبو روڪڻ سان نہ رهي، سُرهاڻ اڏامي آئي آ.

ڪي پوپٽ پَرَ لکجي آيا، ڪا ڀؤنئرن ڀٽڪي ڳالهہ ڪئي،
ڪنهن پرِ تہ بهار جي آمد جي، واڪاڻ اڏامي آئي آ.

جي پيار تي آهي پابندي، ۽ ملڻ جُلڻ تي بندش آ،
هِن ياد کي سوڳهو جهل تہ ڀلا! ڇاڪاڻ اڏامي آئي آ؟

اي دلڙي! دوکيباز نہ ٿي ۽ مون سان ايڏو ڪوُڙ نہ هڻ!
جي ڪين رُنو اٿئي، ڳل تي آلاڻ اڏامي آئي آ؟

هِن مُرڪ ڦڪيءَ مان سمجهان ٿو آ آس نراسائي گاڏڙ،
ڇو لال لبن تي هاڻ ڪٿان، پِيلاڻ اڏامي آئي آ؟

ٿو لفظن جي ورڪا ڪريان، اڄ 'راشد' ڏاڍو خوش آهيان،
جو دل جي بلبل ڀٽڪي، ڀاڻِ اڏامي آئي آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ آهي حال محرم، ڇا ڪجي؟
روز وڌندو ٿو وڃي غم، ڇا ڪجي؟

هاءِ
هبلاءِ دل نادان جوڻ مجبوريون،
عيد واري ڏينهن ماتم، ڇا ڪجي؟

لوڻ ٻُرڪن تا ڦٽن تي ڪيترا،
ڪنهن بہ هڪ، آندو نہ مرهم، ڇا ڪجي؟

سو نہ ٿو وسري، وساريو جنهن مون کي،
ياد ۾ گُهٽجي پيو دم، ڇا ڪجي؟

عشق ۾ ڪم ڪار دنيا جا ڇُٽا،
’راشدا‘! اُجهي نٿو ڪم، ڇا ڪجي؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شُڪر آ عشق جي ٻولي وئي سمجهي اشارن ۾،
ڏنو مون پيار جو تحفو هَنيئين گل پنهنجي وارن ۾.

جو ڪيڙينڊو سو ڪائينڊو ۽ سوشلزم ڪندا نافذ،
اها اُميد ' ڪيئن رکبي، ڀلا جاگيردارن ۾؟

اسان جنهن تنهن جي ڪريون ڪونہ پيا ٿا ناز برداري،
اهو هڪڙو ئي ماڻهو آهہ جهڙو چنڊُ ٿارن ۾.

غلاميءَ جي ستن طعامن ۾ ايڏو ساءُ ڪونهي ڪو،
مزو جيڪو آ مارُن ساڻ گڏ ڍوڍِن جوارن ۾!

اسان کي پاڻ سينگارڻ جو اهڙُو شوق ڪونهي ڪو،
وجهو پٽ جا پيا ڳانا، تليون ڏاندن ڀٿارن ۾.

خبر ناهي ڪڏهن سُک جِي ٻڌي بادِ صبا ايندين،
اسان 'راشد' گذاريون پيا، اوهان جي انتظارن ۾!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ عشق لڳو يرَ شاهن سان،
اظهاريم تڏڙن ساهن سان.

آ، زاريءَ زوراور جي اڳيان،
ڪيئن پُڄجي بي پرواهن سان!

اڄ رات ته پار پُڄائيندا،
رک ياري يار! ملاحن سان.

هُو ذات آ بيحد پاڪيزه،
۽ مان تمتارُ گناهن سان!

هونئن آءُ اياڻو هان بيشڪ،
پر سنگت آهي ڏاهن سان!

ڪم آهه گهڻو ڪامي تورا،
اُڪلاءُ ٿيندو همراهن سان.

بيهار نه ساهه بلا ڪٽندي،
جي مغز چٽيندؤ پاهن سان.

خوراڪ فقيرن کي ته ڏيو
ڇا ڪُتندؤ چند گراهن سان؟

پاڻيءَ کان سوا وئي آهه سُڪي،
وڙاهه هئي جا واهن سان.

’راشد‘ نه ڪڏهن مايوس ٿيس،
دنيا جي چاڙهن لاهن سان.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇو ڪيون مذاڪرو مناظرو نہ ٿا ڪريون،
اجايو بحث پاڻ ۾ اي پائرو! نہ ٿا ڪريون!

ٻڌايون گيت انقلابَ جا پيا عوامَ کي،
سُڪونِ قلب واسطي مُشاعرو نہ ٿا ڪريون.

اَڪيلو ئي سفر ڪبو جو راهہ آهہ پُر خطر،
ابي، ادي، عزيز جو ڪو آسرو نہ ٿا ڪريون.

ڦِٽاسون پانهنجن سان، ڪيترو ذليل جڳ ڪيو،
وسيع پيارَ جو اجا بہ دائرو نہ ٿا ڪريون.

اوهان کي پاڻ کان اُتم سدائين سمجهندا اچون،
ڪڏهن بہ پاڻ کي پرين اُتامرو نہ ٿا ڪريون.

حسين مهہ جبين متان ڏکوئجي وڃن، ٻڌي
پرين اڳيان تہ پيش پنهنجو مامرو نہ ٿا ڪريون.

اسان غريبِ جڳ تي، پڙهيو دنيا کي ’راشدا‘!
مطالعو جهان جو متاچرو نہ ٿا ڪريون.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ۾ حاضر آهين يا پرڏيهه ڀلاٽيو ٿئي،
ڇا جي ڪري هن هفتي ڪوئي خط نہ اُماٽيو ٿئي!

ڪيڏا سوال لکي مون توڏي موڪليا آهن،
هڪڙي جو بہ جواب اچا تائين نہ وراٽيو اٿئي!

تون هڪ ظالم ماڻهو آهين، محبت جو دشمن،
ڪل ئي ناهہ تہ منهنجي سهيلين ڇو واڪاٽيو ٿئي؟

وات جو منڙو آهين، لفظن جو پڻ جادوگر،
ناحق پيار اسان جو هيڏو چوڙيو ماٽيو ٿئي!

ياءَ ستان بندوق سِڌي هر روز ڪرين تو هاءِ!
دشمن تي اِن طرح ڪڏهن هتيار نہ تاٽيو ٿئي!

هونئن تہ اڪيلائيءَ ۾ توکان ڪو ڪم ٿئي تو ڪونہ،
شوق سان ڀنگ جو ڪوندو گهوٽيو ٿئي ۽ چاٽيو ٿئي!

آهہ دعا اِحسان مندن جي نيبهہ شال هجئي!
عشق جنهين جي سان اي’راشد‘! جيءَ ڪي واٽيو ٿئي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکان نيڻ منهنجا نماڻا پڇن ٿا،
وساريئي ڇو وعدا پُراڻا، پڇن ٿا!

پڇن تنهنجي باري ٿا هر روز مون کان،
فلاڻا، فلاڻا، فلاڻا پُڇن ٿا!

غريبن جون خوشيون بہ ماتام جهڙيون،
ڪيوَ عيد ڪيئن؟ وڏ گِهراڻا پڇن ٿا!

اسان جون سنيارون لهڻ ڪڏهن ايندا،
مون کان روز مندر، تِڪاڻا پڇن ٿا!

اتن خوب مارئيءَ جي لوري لڳي پئي،
عُمر! روز منهنجو اباڻا پڇن ٿا!

گهري دل گهڻو ٿي، مگر هاءِ غربت!
گُهرن خرچ ٿا آجياڻا پڇن ٿا.

نہ عاقل ڏُکن ڏانهن مائل تين ٿا،
ڪبو عشق ڪيئن آ؟ سياڻا پڇن ٿا.

اوهان يي نہ پنهنجو ڪيو ٿا اي 'راشد'!
وچن ڪاڏي ڏرتيءَ ڏڪاڻا پڇن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر روز اڱڻ تي اچڻ جي ڪيڏي احساني تو ڪرين
مون کي عشق ڪرڻ ڪاٿي تو اچي، تون پاڻ مهرباني تو ڪرين!

حيرت ۾ آهي راڄ سڄو هر ماهه سڏي تو قرب ڪرين،
مون عام رواجي ماڻهوءَ جي، محبوب تون مهماني تو ڪرين!

احسان عمر ڀر ڳائيندس، مان ڳائي لوڪ سُڻائيندس،
مان گهور وڃان تنهنجي ٿورن تان، ڇاڇا نه مون لئه جانئي تو ڪرين!

مون سادي سُودي ماڻهوءَ کي، تو مانُ ڏئي مهمان ڪرين،
۽ دولت، عزت، شهرت جي ڪيڏي نه تون قرباني تو ڪرين!

سڙو نه هُئو خوش دم جالڻ، هر ساهه هو سوريءَ تي چڙهيل،
دشوار حياتي ڪيڏي هئي، تون اُن ۾ آساني تو ڪرين!

’راشد‘ جو سهارو آهين تون، تو ريءَ ته گذارو مشڪل هو
شل! جڙيو هجين، من جَسُ هجئي، جذبن جي قدرداني تو ڪرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪجهه هُيم سو هُن جي حوالي ڪري ڇڏيم،
خود کي بہ پنهنجي يار جي نالي ڪري ڇڏيم.

ايڏي عُمر تہ ناهہ جو پوڙهو چون مون کي،
ڪمزور عشق جي تہ ڪشالي ڪري ڇڏيم.

ورهين کان مون لئہ تنهنجي دل جو در نہ ٿو کُلي،
حيران اُنهي قلب جي تالي ڪري ڇڏيم.

افسوس عامَ کان نہ ڳُجهي عاشقي رهي،
پڌرو سين ۾ حال اٻالي ڪري ڇڏيم،

ديدن دونالين کان اڳيئي مري ويس،
لوڪو! شهيد پرونءَ جي ڀالي ڪريم ڇڏيم.

محبوب جي مُنهن پاڪ تي جا جوت پئي جلي،
روشن دماغ اُن جي اُجالي ڪري ڇڏيم.

ماٺهو نہ آنءُ خاص ڪو موري جي شهر جو
مشهور مگر نينهنَ نرالي ڪري ڇڏيم.

اڻ ڄاڻ ۽ اٻوجهُہ هُيس عام آدمي،
ڄاڻو تہ شاهہ جي ٿي رسالي ڪري ڇڏيم.

هاڻي نشو نہ لهندو عُمر ڀر اي 'راشد'!
مخمور انهيءَ پرت جي پيالي ڪري ڇڏيم.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالھ سوچيو سٽي ناھ سائين!
ڏبي پيارَ کي هينئن پُٽي ناھ سائين!

ترين جان پريشانُ آگم لئہ آئون،
اجا بُوند بُٽ تي اُٽي ناھ سائين!

پرين تون بہ سادو ۽ ڪائين بہ سادو
ڪُڪڙ مون بہ تولئہ ڪُٽي ناھ سائين!

منهنجي آھ توبھ بلوچن سان زاري،
ائين ڪابہ مون جيئن مُٽي ناھ سائين!

ڏنا ڏنجھ ڏاڍا ۽ صدما اوهان پر،
منهنجي دل اي ’راشد‘! رُٺي ناھ سائين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جي ڇانوَ ۾ ڇپرَ ۾ آهيون،
رهندا سونهن نگر ۾ آهيون.

ڏيهه ڇڏڻ جو ڇا لءِ سوچيون،
تازا پنهنجي تر ۾ آهيون.

پاڻ به هُن کي تاڙيون پيا ٿا،
دشمن جي به نظر ۾ آهيون.

ٿيندو هُو مهمان سياڻي،
گهورُ ٿيڻ لءِ گهر ۾ آهيون.

لاتِ لطيفيءَ کي سمجهون ٿا،
جي. ايم جي ته اثر ۾ آهيون[1]

’راشد‘ ڏسندا ڪوڙ ڇڱايون،
حاڪم[2] گل مهر ۾ آهيون.

جاڻ ته پهتاسون منزل تي،
ساري رات سفر ۾ آهيون.

ماٺ به اهڙي سنڌي سوڍا
جيئري جڻ ته قبر ۾ آهيون!

’راشد‘ ترسيا وينا تولءِ
موري جي ته شهر ۾ آهيون.

❖

---

[1] قوم پرست سياستدان سائين جي ايم سيد

[2] حاڪم گل مهر، شڪارپور ضلعي جو هڪ شاعر دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر منت منهنجي مڃي ته سگهو.
اڇو جيڪڏهن اڄ، اڇي ته سگهو!

محبت ورهائي ونڊي سڀن سان،
مزو زندگيءَ جو وٺي ته سگهو.

اسان جي حياتيءَ جو آهي سوال
پرين! هَٽَ تان ڪجهه لهي ته سگهو.

اول سچ چئو پاڻ کي ساٿيو!
پلي پوءِ سڀ کي چئي ته سگهو.

ٻڌيءَ ۾ آ طاقت، سگهارا ٿيو
ڏئي ساٿ گڏجي هلي ته سگهو!

ڪيو جيڪڏهن ڪوششون محنتون،
سگهو راند ’راشد‘ کٽي ته سگهو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجان شهر، برَ ۾ يا پنهنجي ئي گهر ۾،
تصّور توهان جو آ منهنجي نظر ۾.

اهو سهڻو نينگر تہ صوفين جو ناهي،
فرق آهہ گيڙو ۽ ڪيمل ڪلر ۾.

شهادت تو ماڻيان، پو هِن سان يا هُن سان،
تفاوت ئي ڪونهي، ڪو اک يا تبر ۾.

حسينن جي بستي پريمين جو ڳڙهہ آ،
مزو ئي مزو آ حسن جي نگر ۾.

اهو گونگو ٻوڙو، ڏِسڻ کان بہ بيوس،
الائي خدا ڪيئن ڏنو تو پٿر ۾!

وري نند نيڻن کي ويجهو نہ ٿي ٿئي،
اٿاريو جو اُڏمن آ پوئين پهر ۾.

اسان جا تہ لوڏيا ٿي حورن هندورا،
پئي رات راشدؔ پرينءَ جي شهر ۾.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو ماري مُرڪي نِهاري مون کي،
اُها ياد پئي تي جِياري مون کي.

سَڏيان سوز مان ڪيس مان سِيرَ مان،
سَهارو ڏئي ڪاش تاري مون کي،

نہ واضح ڪئي ڳالھہ هُن فون تي،
ڏڪايو آ لهجي ڏڪاري مون کي.

نظر ڪانہ نڪري سَگهي سُونهن مان،
وڏو آھہ موهي نظاري مون کي.

سَڏي تو حُسن هن طرف ڪان پيو،
پَئي قوم هوڏهن پڪاري مون کي.

پُڇائج اُتي جاتي منهنجو پرين،
ڪٿي هَلُ هوا! تون اُڏاري مون کي

اُهو پاڻ پرچڻ لئہ پيو تو چوي،
ڇڏيو ڪالھہ جنهن هو ڏڪاري مون کي.

رڳو مَن ۾ آ خيال محبوبَ جو،
اچيو رات آڏيءَ اُتاري مون کي.

الهڙ پائي 'راشد' ڇڏي وئي صفا،
ڇڏيو شوق تنهنجي سُڌاري مون کي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چورڻ وارؤ! اوهان کي ڪوبہ هت سرڪار ڪونهي ڇا؟
اجا تائين هتان جو لوڪ نَڪئون تار ڪونهي ڇا؟

ضرورت قوم کي تو جهڙي ليڊر جي تہ ڪانهي ڪا،
سنوا تنهنجي تہ بيڙو هاڻ ٽيڙو پار ڪونهي ڇا؟

سنڌوءَ تي ڊيم جو حامي هُجي پنهنجن سندو ويري،
هجڻ اُن جو تہ سنڌي قوم جي لئہ گار ڪونهي ڇا؟

حقيقت جو بڻي منڪر سچائي ڪونہ تو سَچ ڪئي،
اُهو ماڻهو تہ انڌي جي اجا آچار ڪونهي ڇا؟

منجهائنس چو ٿيا بيزار آهن گهر سندا ياتي،
اُهو پوڙهو ڏسو هڪليندو هاٽي جهار ڪونهي ڇا؟

عبادت آهہ افضل 'راشدا!'خدمت غريبن جي،
اچي جو ڪين ڪنهن کي ڪم، اُهو بيڪار ڪونهي ڇا؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِتي چاهہ تنھنجو چڙهيل چوٽ هو،
اُتي عشق منھنجو بہ اَڻ موٽ هو.

پريشان، بيمارَ جا مِٽَ نہ ها،
نوشهري ۾ جيسين نوَل گهوٽ هو.[1]

سفر نامي ۾ ڪو ذڪر ڪونہ هو
گُهميو تو نہ شايد رَني ڪوٽ هو.

خطا نيٺ اِنسان کان ٿيو وڃي،
ڏنو ڪيس تو ڪو وڏو نوٽ هو.

ڏنو پئسي ڪم اُت، نہ هو ياءُ جِت،
نہ ڪو سؤٽ، ماسات، ماروٽ هو.

ٿئين نيٺ پڌرو ائين عامَ ۾،
ميان، دل سنڌءِ ۾ وڏو ڪوٽ هو!

لڳو عشق 'راشدُ' کي اِن عُمر ۾،
وَهي ڪاهي چڙهيو هو اڏڙوٽ هَو.

❖

[1] نول گهوٽ: مشهور حڪيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَنهين دم ڏئي مِٺيون هڪ ٻئي کان روئي موڪلايوسين،
ٿنهين دم خيال آيو، واسطو ڇو ٿي وڌايوسين!

اَسان جو ياڳ ٿي اهڙو نہ هو، جو پيار نيبهہ ٿئي،
گهڻا پيرا ڪري ڪوشش مقدر آزمايوسين.

اَوهان سان عشق جو اِظهار بيوس ٿي ڪري ويٺس،
اِهو ئي راز هو جيڪو سڀن کان پئي لڪايوسين.

مِلائِي ديدَ هُن، خنجر کُپي ويو ڄڻ تہ سيني ۾،
بدن ۾ وئي ڊُڪي بجلي، پرينءَ سان هٿ ملايوسين.

توکي تصوير ڏيٺي هئي، اُنهيءَ جي ئي ڪري جانان!
رِسالي ۾ پنهنجي شعرن سان گڏ فوٽو ڇپايوسين.

سَهي صدما هينئر سوچڻ تي دل مجبور ٿي آهي،
اجايو پاڻ ڏاڍن ساڻ 'راشد'! نينهُن لايوسين.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شل ماڻهپو نہ ڪڏهين ڪنهن آدمي مان نڪري،
خوشبوءِ ڪانہ ٿي پئي گُل ڪاغذيءَ مان نڪري

سيّاح عورتن کي ڍؤ ٿئي نہ ٿو ڏسڻ سان،
اک ڪانہ ٿي اسان جي چمڙيءَ اڇيءَ مان نڪري

هڪ جاءِ تي ڪُپي ويو پٽر جيان تہ آهيان،
ٿو چنڊ جهڙو چهرو روشن، دريءَ مان نڪري

محبوب سائين! مون کي اطلاع فون تي ڪج،
جڏ قافلو اوهان جو واپس مريءَ مان نڪري

مُنهن تان هٽائي ڇڏجو يارو! ڪفن جو ڪپڙو
'راشد' جو لاش جڏهين ريشم گليءَ مان نڪري،

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي ڪالھ ڪان ئي انتظاري ٿي پئي آهي،
سگهو محبوب پُهچج! بيقراري ٿي پئي آهي.

هونئن تہ ٻوري وٽڻ جهڙي، مگر ڪجھ ٻورڙي آهي،
رکيائين يارَ سان ياري سو ڪارِي ٿي پئي آهي.

مرڻ جي لئہ اسان تيار آهيون تڏهن ڪان يارو!
جڏهن ڪان اک پرينءَ واري ڪٺاري ٿي پئي آهي.

پُڇو ٿا رات ڪيئن گذري، تہ يارو! رات جو اڪثر،
اسان جي ڪارِ بس اختر شماري ٿي پئي آهي.

ڳِلا ٻرپٽ ڪيائون ٿي، جڏهن اڄ روبرو آيا،
اسان آڏو اُنهن کي شرمساري ٿي پئي آهي.

ٻِئي جو غم ڏٺو يا ڏک سَٺو مون ڪان نہ ٿيندو آ،
ڪجهي ڇا دوستو! دل درد واري ٿي پئي آهي.

در۔ دلدار تان جڏهين مليو آ درسُ محبت جو،
تڏهن ڪان سوچَ 'راشد' جي سگهاري ٿي پئي آهي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فون تي ئي آواز سڃاڻي مُرڪي پيو،
لفظ ها ڏاڍا مٺڙا، ماڻي مُرڪي پيو.

عام ڏنو تہ اڳهري عاشق ويٺي رُنو
تعجب آهي هاڻي هاڻي مرڪي پيو.

پنهنجي ڪنن سان پاڻ ٻڌائين هي جملو
"ايندس تو وٽ آنءُ، سياڻي"، مرڪي پيو.

موقعو آهہ غنيمت حال ونڊڻ جي لئہ
وقت ڏِنو آ پيار پُراڻي، مُرڪي پيو.

لوڪَ لڪا جو خيالُ ڪري هُو ماڻهن ۾،
مُنهن ڪي ويڙهي، چادر تاڻي مُرڪي پيو.

ماضيءَ جي ڪا ياد اچي وئي ڪيس آهي،
آلاپيو جو گيت پناڻي[1] مرڪي پيو.

’راشد موراڻيءَ‘ جو مزاج بہ چا چئجي!
صُبح رُنو پئي، سانجهيءَ تاڻي مرڪي پيو.

❖

[1] پناڻو خان: ڳائڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هڪ سادو ماڻهو ۽ تون روشن خيالُ پرين!
تون ئي سنڀالج مون کي، منهنجو ڪونهي حال پرين!

قاصد تُنهنجي طرف مُڪر تا معلومات ڏِئي،
سَربستو پُڇجانءِ انهيءَ کان تون احوال پرين!

سِڪ سَمجهايو صديون گُهرجن، ورهين جي ته نه وَسِ،
ڪافي ناهي صحبت جي لئه هڪڙو سال پرين!

شوقَ جي شاهوڪاري آهي، چوندو ڪير سُڃو؟
قربَ ڪيو آ تنهنجي مون کي مالا مال پرين!

جائز ناهه نماز عِبادت، جيسين آهه نشو
تات توهان جي طاري مون تي آ في الحال پرين!

ساري جڳ کان ڪتجي تنها رهندو 'راشد'! پر،
توکي وساري ويهي عاشق، آهه محال پرين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوق آ يا آهہ شامت، ذوق آ يا زلزلو
مان ٿيس ڳڳُ پڻُ تہ واچوڙو ٿيو آ ولولو.

ڪير آتت ڏئي اَبوجهن کي، وچان ڪاڏي لڙي؟
ڏاڳ هر ڪنهن دل مٿان آ، ٽاڪُ هرڪو ٿرٿلو.

دل خدا جو آهہ گهر، حُرمت آ واجب هن سندي،
جو ٿا ڪعبي کي جلايو شرم ڪريو جاهلو!

دادَ وارو دؤر اچڻو آهہ ايندو انقلاب،
جلد ٿيڻو آهہ سيني ئي بُراين جو بِلو.

يا خدا! منهنجي پريںءَ ڏي خير ڪر، شل خوش هجي!
بند ٿي ويو آهہ ڇا جي لئہ خطن جو سلسلو!

مانُ لهڻي تو مون کان هر فردُ بيشڪ محترم،
معتبر مون لاءِ آ تنهنجي ڪري ٿُنهنجو ضِلعو.

شاعريءَ تي جيڪڏهن ڪو بحث ڪرڻو آ تہ پو،
اڳ پڙهو "ديوان راشد" پوءِ 'راشد' سان مِلو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باطن ۾ مون لاءِ محبت، ظاهر ۾ تہ ڌڪاريو ويو آ،
تنهنجي نظرن کي ڇا سمجهان، معنيٰ خيز نهاريو ويو آ.

مون سان دل نہ لڳي ٿي تُنهنجي، پوءِ هِي ڏيکارڻ جو مقصد؟
جن فوٽن ۾ نَر مادين کي، پيار ڪندي ڏيکاريو ويو آ!

ساقي! تنهنجا لک شڪرانا احسانن جا، ٿورا ڀانيان،
هاڻ خمار عُمر ڀر رهندو، اهڙو جام پياريو ويو آ!

سنگت ۾ آ بحثُ ڇڙيو پيو هر ڪنهن جي آ راءِ نياري،
تنهنجي طبيعت جي باري ۾، رات سڄي ويچاريو ويو آ.

هونئن نہ تہ هِڏڪِي ڇا لئہ ٿئي ها، نانءُ وٺڻ سان آهہ ختم ٿي،
شايد سُهڻن پاران مون کي، سانجهيءَ ٽاڻي ساريو ويو آ!

”جو دم غافل سو دم ڪافر“، ڪنهن پل وِسريو ناهين مون کان،
ذهن ذڪر سان روشن ٿيو آ، ياد سان جيءَ جياريو ويو آ.

آءُ! رُٺل دل کي ريجهائي، آٿت ڏيئي ڇڏ اُتساهي!
بي دردن جي پاران تنهنجي ’راشد!‘ کي تہ رُئاريو ويو آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ چُمي‌ءَ جو سوال آهي،
زندگي‌ءَ جو سوال آهي.

لاءِ سيني ساڻ سينو
دل چري‌ءَ جو سوال آهي.

رات ڀر پوڇا ڪجي ٿي،
بندگي‌ءَ جو سوال آهي.

ڪوڙ دنيا ۾ حَسين پر،
سادگي‌ءَ جو سوال آهي!

خيالَ جو پرواز گهُرجي،
شاعري‌ءَ جو سوال آهي.

نِرڙ ڪان پو ڇا ٿئي ٿو؟
هر ڪلي‌ءَ جو سوال آهي.

ياد ماضي ٿو اچي ڇا؟
آمري‌ءَ[1] جو سوال آهي.

نوڪري‌ءَ ڪان نابري آ؟
خودڪشي‌ءَ جو سوال آهي.

ڇا نہ سَهڻو ٿو پوي پيو
دوستي‌ءَ جو سوال آهي

سِرُ تہ ڏيڻو آهہ ’راشد!
عاشقي‌ءَ جو سوال آهي.

❖

[1] آمري: سنڌ جو موهن جي دڙي ڪان بہ اڳ جو شهر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ڏڏ تو جو ڏُکارا هئاسين،
مِليو تو کان شربت، اُڃارا هئاسين.

تنهنجي ٻاجهه هئي ۽ تنهنجي مِهر سان ئي،
بڻيا عظمتن جا مُنارا هئاسين.

انهن پنهنجي غلطيءَ تي پڇتائيو آ،
جنين جي تہ نظرن ۾ ڪارا هئاسين.

•

هينئر سِيرَ ۾ ساهہ تو سُونهن ساري،
ڪنڌا عشق کان اڳ ڪنارا هئاسين.

اَچڻ وارِي محبوب شخصيت اچي وئي،
گِهٽين ۾ تہ ڏيندا ٻهارا هئاسين.

تنهنجي در جا دربان ساڳئي جا ساڳيا،
ڪٽي ڪيترو ناميارا هئاسين!

چڱو ٿيو جو آئين، اُميدون پڄايئي،
ڪنڌا صاف تولاءِ چارا هئاسين.

اچي عشق، ڏرتيءَ تي 'راشد'! گهمايو،
ڪڏهن اُڀ جي زينت، سِتارا هئاسين.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات هوءَ مهمان ٿي پئي،
زندگي آسان ٿي پئي.

دشمنن جي واسطي آ،
ڳَڪِ وارو ڪان ٿي پئي.

خيرخواهن لاءِ جڻ ڪو
عيد جو سامان ٿي پئي

ڪالهه مُڪڙيءَ جي مثل هئي،
اڄ تہ نڪري جوان ٿي پئي.

ٿي وئي سَقلي حياتي،
عشق ۾ قربان ٿي پئي.

عشق جو اَرمان هُئي جا،
درد جو درمان ٿي پئي.

مالڪياڻي سُوئرن جي،
پاڻ ئي سنعان[1] ٿي پئي.

ڪيترن جي واسطي آ،
موت جو سامان ٿي پئي.

جنهن بہ پئسي ڪي آ پوڄيو،
ڏُر اُها ڏنوان ٿي پئي

'راشدا!' منهنجي اڇي هُوءَ،
شعر جو عنوان ٿي پئي.

❖

[1] سنعان زاهد، جيڪو يهودڻ جي عشق ۾ پهريان پنهنجي مذهب تان هٿ کڻي ويٺو ۽ سوئر چارڻ لڳو پر هوش آيس تہ ڇوڪريءَ کي ڇڏي واپس وريو تہ وري ڇوڪري پٺيان لڳس ۽ سندس مذهب اختيار ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر ۾ اهڙو نہ هو جيڪو سندم مارو نہ هو
دوستي ٿوسان رکي مون، پيو تہ ڪو چارو نہ هو!

منهنجي ڪاتي ۾ تہ جاني! ڪو ٻني ٻارو نہ هو
ويو هيس وَنگار تي ڪو منهنجو لاٻارو نہ هو.

دردَ ههڙي جي دوا لُقمان ڪان بہ تہ ڪانہ ٿي،
عشق جو هو مرض ڪوئي، ٻيڙ جو وارو نہ هو.

هاڻ پَرچڻ وقت ڪنهن کي شرمساري ڇو ٿئي،
ٻوڙ تو هاريو نہ هو ۽ مون ڏريو ڏارو نہ هو.

ڇا بيان هُن جو ڪيان، ٻولي ئي ٻاجهاري هئي،
لفظ سندس سڀ مٺا ها، ڪو ڪٺو ڪارو نہ هو.

ٻيئي پُورا نوجوانيءَ ۾ قتل ناحق ٿيا،
ضاعفان ڪاري نہ هئي ۽ مرد پڻ ڪارو نہ هو.

دل پَڇي پئي 'راشدا!' سالم سڄي ٻيهر نہ ٿي،
روح کي هُئي رُوڻ پئي، ڪو شاخ جو گهارو نہ هو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تي جي تون آئين، تہ نياپو مُنجين ها،
اسان ئي اَچون ها، اسان کي سَڏين ها!

دوناليءَ جا ٻئي نالَ، مُون ڏانهن ڇوڙيئي،
ڏسي مون ڏي ائين ڪين آرس پَچين ها!

چئون ڪيئن: "گهنور خان جو کوهہ کارو"،
اگر سچ چوان ها تہ ناراض ٿين ها.

ڪُتيءَ ڪاٿو ناهيون، ڏئي رَت سگهون ٿا،
نہ تي پڪ تيئي آزمائي ڏسين ها!

نہ هو تيل اوندهہ ٽڙڻ لاءِ 'راشدؔ'
ڏِيئي ۾ وجهي رَت اُجالو ڪرين ها.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبوب پنهنجا وارَ تون پٽتي ورائي ڇڏ،
۽ سينڌِ ڪي تون ڪهڪشان جهڙو بڻائي ڇڏ!

اي بورچي هوشيار! سَت رڇيءَ ڪي تيار ڪر،
منهنجو جگر ۽ جيرو بہ هُن لئہ پچائي ڇڏ!

ياڪر پري مِٽي ڏئِي ماڻهن جي ميڙَ ۾،
ويريءَ جا اُن طرح سان پرين! وڻ وڃائي ڇڏ!

نفرت جا پاسبان، ڪن محبت سان دشمني،
ڏرتيءَ انهن جي واسطي تامون بڻائي ڇڏ!

دعوي تہ ڪري هرڪو هِتي عاشقيءَ سندي،
هڪوار هر ڪنهن کي ڪڏهن آزمائي ڇڏ!

ُراشدڪي ڇئج ڪانگا! پرين پاڻ تا اچن،
بيشڪ تون پنهنجو گهر، صفا سهڻو سَجائي ڇڏ!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين پيارَ جي اِبتدا تي ڇُڪي آ،
پراڻي زخم جي دوا تي ڇڪي آ.

آدا هُن جي هر ڪا قِيامت، غضب آ،
الائي تہ ڇا مان هو ڇا تي ڇڪي آ!

زماني جي مرضي، دنيا ڇا بہ چئي پل،
منهنجي لاءِ هوءَ باوفا تي ڇڪي آ.

حُسن ڪئي اِمامت، ڪيا عشقَ سجدا
نمازِ محبت ادا تي ڇڪي آ.

اڄُس سِرُ ترِيءَ تي، اجهو تو وڪامي
ڇِڳي خاصي هُن جي بها تي ڇڪي آ.

اسان ۾ گُلن خوب خوشبو ورهائي،
گواهيءَ ۾ بادِ صبا تي ڇڪي آ.

سڄو ساٿُ سَرهو سڄڻ، دوست راضي،
بپا غير لئہ ڪربلا تي ڇڪي آ.

مِلي هر ڪا نعمت اسان کي اي 'راشد'!
پريِنءَ جي طرف کان عطا تي ڇڪي آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ڏيکاري، نينهن نکاري، من کي مست ڪيو آ تو،
بُت پوڄيندڙ هاسون هاڻي سُونهَن پَرست ڪيو آ تو!

ڪانهي ڪَسُ انهيءَ ۾ رهندو اُتل اسان ڏي ٿيءَ آهي
چاهہ ڏئي سِرُ ورتئي، سودو دست و دست ڪيو آ تو!

شامل شال اسان تي سگهئون تنهنجي مرضيءَ موافق ٿي،
”جشنِ عيد“ ملهائڻ جي لئہ بندوبست ڪيو آ تو!

منهنجا جاني! منهنجي آخر قرباني نہ قبوليئي ڇو؟
ڪيڏو جذبو عاشق ۾ هو دل شڪست ڪيو آ تو!

هونئن تہ وڏي ڪم وارا هئاسون، عشق بڻايو ناڪاره،
ذهني طور اسان کي ڏاڍو پيارا! پست ڪيو آ تو.

دير نہ ڪر دم تيار ٿي جلدي، پُورو ڪر انجام اُهو
جيڪو وعدو ’راشد‘ سائين، روز الست ڪيو آ تو!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيم لسٽ ۾ سونهن وارن جا نالا،
نہ مَٽ تنهنجي ها مهلقائن جا نالا.

ٿرياڻيءَ جي آڏو رکيئون کوڙ ڪاڏا،
نہ ايندا ها جنهن کي طعامن جا نالا.

ذڪر ۾ فڪر ۾، عبادت جيان ئي،
ڳڻيا ياد مارئيءَ اباڻن جا نالا.

سڄڻ پيز جا پيا ٽا پرڪار سڀ کي،
ڪٽي پيو ٿو نانن ۽ ڏاڏن جا نالا.

ڪنيئين ناڻ منهنجو مقالي ۾ ليڪ،
ڏئي جيئن ڪو مددي ڪتابن جا نالا!

ڪري ڪم ويا ها، فلاڻا فلاڻا،
لکيا ٿاٽي وارن فلاڻن جا نالا.

قبوليئہ رهائش "واڏن شاهہ"[1]، پاڙيہ
پڏا جو بخاريءَ[2] مقامن جا نالا.

هلي پاڻ سوريءَ کي سينگار راشد!
ڪٽين چو ٿو ماڻهن پراون جا نالا.

❖

---

[1] واڏن شاهہ: دادوءَ جي هڪ مقام جو نالو
[2] بخاري: استاد بخاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتيءَ ۾ مليو آهي جهجهو غم ۽ خوشي ٿوري،
ڳپل عرصو ويو گذري، بچي آ زندگي ٿوري

خدا کي جي ميڙيندڙ آن، خدا جي واسطي ڪِل ٿون،
منهنجو سِر تي نِئي تنهنجي اها ،ناراضگي ٿوري

اباڻي ديس ڏي ويندڙ! اگهائج عرض هي منهنجو،
وطن منهنجي منجهان مون لاءِ تون آڻج مِٽي ٿوري

حسين ماڻهو! نه مِل مون سان، نه کِل مون سان پري رهه تون!
منهنجي مَن جي ته ملڪ جي طبيعت آ شڪي ٿوري

نظر توکي صحيح تصويرَ هاڻي ڪيئن پِلا ايندي،
وئي آ زنگجي تنهنجي ته دل جي آرسي ٿوري

منهنجي دل آهه ريگستان 'راشد'! اک اَبَرُ هُن جي،
اُجي ڌرتي گهڻي آهي مگر بارش اُتي ٿوري

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو تڪي توري ڇَنڊي ڇاڻي تہ باقي ڇا ڪبي،
ڳالھہ منھنجي ذھن ۾ آڻي تہ باقي ڇا ڪبي!

آھہ ڪو ھمدرد جو ھُن کي وڃي واقف ڪري،
حالِ دل منھنجو ٻڌائي جاڻي تہ باقي ڇا ڪبي!

ڪونہ ٿو سگھجي خريدي قلبَ جو زر سان سُڪون،
چئنُ دل جو گر سلي ناڻي تہ باقي ڇا ڪبي!

پاڻ مان جنھن تي فدا آھيان سر جي پاڻھي اڇي،
پاڻ مون کي پاڻ ڏي تاڻي تہ باقي ڇا ڪبي!

رات ساري عيش ۾ جي گذري سگھي ٿي ’راشدا!‘
ھُو اچي پھچي سنجھا ٽاڻي تہ باقي ڇا ڪبي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبع جي تازگيءَ جي لاءِ مواد ٺاهوڪو،
ملي ٿو ساڻ سنڌ مان سواد ٺاهوڪو.

مٺو آ ساهُ مگر آهه سونهن تان صدقي،
قبول ڪوسُ آ، جي آ جلاد ٺاهوڪو!

دنيا جي زورَ تي ڪيڏو نه ڪم ڪري ويو هو
بنائي بهشت ويو هو شداد ٺاهوڪو.

ڳڻتي جي تِرَ وٽي آ جانِ منهنجي اي يارو!
ڪري ويو ڪيس اِهو نامراد ٺاهوڪو!

وجود هُن جو اَسان لاءِ تِرَ غنيمت آ،
"اسد"[1] آ موري شهر ۾ نقاد ٺاهوڪو.

وڏو جي پاڻ کي شاعر تون سمجهندو آهين،
لکي ڏيکارِ مون کي مستزاد ٺاهوڪو!

انهيءَ کي ووٽ ڏيڻ لاءِ دل چيو 'راشد'،
ڪري جيڪو ٿو غريبن جو داد ٺاهوڪو

❖

---

[1] اسد سولنگي: موري شهر جو تنقيد نگار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ آ ڪنهن جاءِ جهڙو تنهنجي پاسي جو سُڪون،
ڪيئن ڇڏيان پنهنجي هٿان زلفن جي ڇانوَ جو سُڪون.

مان بہ چاهيان ٿو گھمڻ ۾ خرچ جي پڻ ڳوڻ ناهہ،
پر ملي پرديس ۾ ڪيئن، تنهنجي پاڙي جو سُڪون.

هي بہ گھر آهي خُدا جو ڪا گهڙي ڪن ترس يار!
دل اندر ملندءِ مٺا محبوب! ڪعبي جو سُڪون،

سِرَ ڪلر وارن گھرن کي، پوءِ ٿئي برسات مان بہ،
مينهن سان واڳيل مگر آ ٿر ۾ ڪاڇي جو سُڪون.

دل کي ٽُڪرا ڪرڻ ۾ شايد مزو ايندو هجيس،
ڪاٿ کي ڏارڻ ۾ جيئن هوندو آ واڍي جو سُڪونَ

اڄ وري بي چئن آ، نازڪ بدن هُو نازنين،
ڪاش! هُن کي ٿي ملي ها، منهنجي ڀاڪُي جو سُڪون

'راشدا!' دل لائي رکبي هر طرح ڦهلاءَ سان،
آ گل و گلزار بنجڻ ۾ ئي داڻي جو سُڪون.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا دل کي درد و الم ڏيندي آهي،
تنهنجي ياد ڪيڏو نه ڪم ڏيندي آهي!

زماني کان پهتل زخم چو نه چُڀندا،
چُمي ڏئي مون کي جڻ ملم ڏيندي آهي.

ڪسي مون کان بندوق وٺندي آ زوريءَ،
منهنجي هٿ ۾ پيارِي قلم ڏيندي آهي.

پوي ساهه سُوريءَ تي لڙڪي ٿو اُن دم،
پِري پنهنجي زلفن کي خم ڏيندي آهي.

جڏهن ظالمن جي حمايت ڪندو آن،
تڏهن تنهنجي غيرت به دم ڏيندي آهي.

الا! آس ڪيڏيءَ سان تڙپي هُو نارِي،
سنڌي ماءُ پٽ کي جنم ڏيندي آهي.

شرم کان درياهه آهه سُڪندو اَمڙ ڪا
جڏهن مڙس سهڻيءَ کي ڏم ڏيندي آهي.

رڙي روح 'راشد'! غلط فيصلن سان،
جڏهن پنهنجي سنگت به غم ڏيندي آهي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُک گھورن جو آهہ ويڃايو ڏاڍو وقت وِرھہ.
رات انڌيري ڄاڻ ختم ٿي، پسبي نيٺ پِرھہ.

ايندين، شامل ٿيئدين نِي، ھن موقعي تي مون ساڻ!
مارچ پنجينءَ تي آ منڍ، منھنجي سالگِرھہ.

مرضِ "انا" جي ۾ جو خوش آ، اُن جو ناهہ علاج،
ٿِيرُ عقل جو تنھن کي لڳي ڪِيئن، اوڏي جنھن بہ زرھہ.

نيڻ اُهي نابين ڪرڻ جي لاءِ ڪريان پيو سوچ،
آهن اڄ اولاد منھنجي جا ٽڪيا جن بہ گِرھہ.

سِرَ تي آيا، سي سَھسايا، سڀ سرھائيءَ ساڻ،
'راشِدُ' يار، ڪٽايا آهن، جيڪي بار بِرھہ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيز طوفان سنگ باري آ،
زندگي ناهه قيام ڪاري آ.

ڳوٺ تنهنجو آ محترم مون لئہ،
ڇو تہ توسان يارُ ياري آ.

نيٺ خود ئي شڪار ٿيو ماري،
موت بيشڪ وڏو شڪارِي آ.

واپسيءَ لاءِ آ ملي مون کي،
ڇڙ تہ هيءَ زندگي اُڌاري آ.

ساهہ ساڙي وجهن نہ ساروڻيون،
ياد ڪيڏي نہ باهہ ٻاري آ!

ڏاڍ ڏاڍن جا خوب سهندو آ.
ڇو تہ جاهل اجا بہ هاري آ.

نوجوانن جي جُهد جي صدقي
سنڌ آزاد ٿيڻ واري آ.

چانوَ زلفن جي جنهن مٿان ڪيئي،
بس، انهي لاءِ ئي بهاري آ.

اُٿ عمر جو روان دوان راشد!
موت اُن جو ٿيو مهاري آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهه ۾ آيو سين کي مامرو ٽورو گهٽو
ڪم ٽيڻ جو آهه مليو آسرو ٽورو گهٽو.

سنججي ويا هِن سوير ٿي، بور چينو ۽ ڪُميت،
[1]جلد ڪر سنجاف کي هڻ ڪرڪرو ٽورو گهٽو.

گُل ۽ بلبل کي تہ ڳايو ظالمن جي روبرو
سچ پيي چوندا ڪريو: اي شاعرو ٽورو گهٽو!

باگڙي، ڪا تي لڳي تو باگڙيائيءَ جو ٻچو
آ وڏيري جي مهانڊي چوڪرو ٽورو گهٽو.

گهر سلامت آهہ، گهر وارا بہ خوش آهن مگر،
پيو ڏهي طوفان ۾ آ ڇاپرو ٽورو گهٽو.

دشمنيءَ ترقي ڪئي آ سا بہ ڪا ٽوري گهٽي،
دوستيءَ جو پڻ وڌيو آ دائرو ٽورو گهٽو.

همتِ مردان وجي منزل کي پهتي 'راشدا!'
ور وڪڙ واقعي ڏکيو هو پيچرو ٽورو گهٽو.

❖

---

[1] بور چينو ڪُميت ۽ سنجاف: گهوڙن جا قسم آهن.
ڪريرو: گهوڙي جي ٻُت کي صاف ڪرڻ واري شيءِ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حَسين ماڻهو حسن وارن جا لب سهڻا، ذهن سهڻو
ڳڻين جيڪو به ٿا گفتو اُهو گفتو ڪڻين سهڻو.

اگهي ٿو مُنهن مهانڊي مان، صفا شهڪار قدرت جو
اکيون سهڻيون ۽ نڪُ سهڻو ڳِچو سهڻو ۽ ڪنُ سهڻو.

ٿنا هن چيلهه سنهڙيءَ جي، ڪيان تعريف سيني جي؟
سمورو سِر کان پيرن تائين آ سيمِ بدن سهڻو.

فضيلت فهم سان ڏيکيائون قيامت جي نشانين کي،
بدن سهڻي مٿان پهريل، پريل چولو اٿن سهڻو

سدائين نيڪ ماڻهن کان چڱائيءَ جون اُميدون هِن
اِهي سهڻا هميشه لاءِ ڪم جيڪو به ڪن سهڻو.

سندن هر فعل تان صدقي ٿيان سؤ وار اي 'راشد'!
اُٿن سهڻو وِهن سهڻو هلن سهڻو گُهمن سهڻو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍپڻ کان، ٿي ڪيم پئي عاشقي ٿوري گهڻي،
مائٽن جي ٿي ستم ناراضگي ٿوري گهڻي.

گور ڏورن جيان وَتان ٿو ڇيڪ گهمندو برزمين،
اي مٺا محبوب! ڪر ڪا مالڪي ٿوري گهڻي.

خط وجهي ڪيسي ۾ پيو ٿو ترجمي جي لئه وڃان،
چاڻندو آهي "نجم"[1] پَرَ فارسي ٿوري گهڻي.

سيڪُ مون کي ڏيڻ لئه چٽنگون پئي جنهن ميڙيون،
باھِ اُن جي لاءِ پڻ آهي ٻري، ٿوري گهڻي.

جڳ سڄي کان پاڻ کي سهڻو ٿو سمجهين سيبتا!
دوستا! ڏسندو ڪر ڪڏهن ڪا آرسي ٿوري گهڻي.

خيالَ کي ماپڻ ۾ آٽڻ، آهه ڪم اوکو گهڻو،
مس وزن ۾ آهه آئي شاعري ٿوري گهڻي.

گهور منهنجيءَ تي هُو گهري سوچ ۾ آهي ٻڏل،
بات سمجهي وئي آ دل جي، ڇوڪري ٿوري گهڻي.

عشق توڙي مُشڪ لڪندا ڪونه، لک پردا وجهو
ڳالهه تي وئي آهه 'راشد'! وائکي ٿوري گهڻي.

❖

---

[1] نجم: سابق سيڪريٽري س.ا.س مورو: نجم سرهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ عشق اڪيلو آهي، ٽنهنجو شوق تہ شامل ٿي نہ سگهيو
اِي يارا آڌورو رهجي ويو ڪم آهہ مڪمل ٿي نہ سگهيو.

احساسِ گناهہ ستائي ٿو منزل کان اڳ هي ڇا ٿي ويو
ڪجھ توبہ تڪڙ کان ڪم ورتو مون کان بہ تحمل ٿي نہ سگهيو!

سڀ سياڻا گڏجي سوچڻ پيا، مجنونءَ جي مشڪل جي باري
افسوس خسيسُ مسئلو هو ڪنهن کان بہ اهو حل ٿي نہ سگهيو.

لک حيلا هلايو ڇا بہ ڪيو ڪڏهين تہ نہ تو ٿئي ٿُوهہ منو
جو ڄاهل هو سو سياڻن جي صحبت ۾ عاقل ٿي نہ سگهيو

سڀ سنگتي سُک جا ڳيرا ها ڪنهن سُور جو پاسو ڪونہ وٺو
هي درد غنيمت جهڙو هو ڪنهن دل ۾ داخل ٿي نہ سگهيو.

'راشد' نہ پُڄو منزل کي هن کان جُهد مسلسل ٿي نہ سگهيو
محبوب قبول ڪريس ڪٿي، هِي ان جي قابل ٿي نہ سگهيو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪَ سان مليو پئي، مون سان ملڻ ڪان عارُ هوس،
گُل ٽيو مون لاءِ هُو هن لاءِ ڄڻ مان خار هوس.

ايڪهٽ سالن ڪان پوءِ پيو، مان نياپان ٽو پيو
دل ڏنم دلبر کي جڏ، ٻارهن ورهين جو ٻارُ هوس.

گڏ جيئڻ ۽ گڏ مرڻ جا، هُن ڪيا ها واعدا،
اڄ ڏِٺو مون ڇئن سالن بعد ڪچ تي ٻارُ هوس.

ڏڙَ سٽي دلدار پِئي، ايندن ۽ ويندن جي گهٽي،
بس پَري ٻيڙيءَ ۾ ٽيو مان ئي تہ هڪڙو بارُ هوس.

چاپلوسن، چغلخورن آ چڪر ڦيرائيو
ڪلھ ڪلھوٽي دوستو! ڪيڏو نہ مون سان پيارُ هوس،

هو مون کي آيو پُڇڻ هو ڇا تہ يَرَ سينگار هوس،
حيف آ مون تي مان اهڙي لئہ ٽيو بيمار هوس

بَکُ بکڻ جي ويل ٽئي، پرپور بَکُ هِن واءَ ۾،
مان بہ ٿاندو هوس ڪڏهين جو جَلي ٽيو ڇارُ هوس.

ڪين لکندو هو ڪڏهن نندا غزل "دادن فقير"[1]
شعر جيڏو ئي وڏو ايڏو سٺو معيار هوس.

هرڪو 'راشد'! هِت حقيقت آشنا ماڻهو نہ آ،
سچ چيو مون چو تہ مان منصور جو ڪردار هوس.

❖

[1] دادن فقير: دادو ضلعي جو مشهور شاعر، جنهن جي ڇپيل ڪتاب ۾ نندا غزل ڇاپيا ويا آهن.
جڏهن تہ مرحوم ڊگها غزل لکندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان پنهنجن پُورن ۾ چُلهه تي داڳ سڙي ويو آهي،
مون کي تنهنجي معصوميت تي، پيار اچي ويو آهي.

تنهن ماٺهوءَ جو من موهيندا، ڪيئن دنيا جا ٽولَ،
جنهن جو جيئڻ تان ئي پَرَ ارواحُ ڪڇي ويو آهي.

گهرَ ياتي آرامَ ۾ آهن، ماٺو آ ماحول،
جاڳ ته پيار ڪيون او جاني! هِڪُ وڃي ويو آهي.

خالي ڪُنو چُلهه تي چاڙهي، ٻار کي چٽي تي ماءُ،
روءُ نه منهنجا منڙا ٻچڙا! پَٽ رجهي ويو آهي.

توهان ڪو ٻيو گُل ٽاڙ جو وندر جو باعث بنجيئي!
هِن گُل جو اڳ ۾ هڪُ پؤنرو واس وٺي ويو آهي.

روڪي رکيو حملي آوَر پنهنجي هٿ کي مون،
ڇا ڪريان اغيارَ جي آڏو يارُ اچي ويو آهي!

خُشڪ اکيون ٿر تي ويون آهن، اُٿلڻ جو خطرو آ،
هاڻ ته دريا ۾ هيڪاندو آب اچي ويو آهي.

پوليس ڪنهن کي ڪونه ڇڏيندي، چورُ هجي يا چاڪي،
ڳوناٺو ٻڌجي پيو آهي، چور ڀڄي ويو آهي.

مليو نئون اُتساهه برابر، مايوسي تي مات،
’راشد‘ رات اسان کي ڪوئي ڏات ڏئي ويو آهي.

❖


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ سڄڻ سائينءَ سَڄر فوٽو ڪيڏائي موڪليو،
منهنجي وندر لاءِ ٻيو ڇا ڇَا الائي موڪليو.

ڪيس هيءَ آهي خبر، بيمار آهي ڪِريءَ ۾،
محب مون ڏي ڪٽڪ جو ڏارو ڏرائي موڪليو.

حال منهنجي کي ڏسي قاصد هتان رُئندو ويو،
جَسُ هجي جانيءَ کي جنهن واپس، کِلائي موڪليو.

پَهرَ موري مان جو آئي آ، سلامن ساڻ گڏ،
"پروءَ جو حلوو"[1] پرينءَ لوڪان لِڪائي موڪليو.

خوش ڪبوتر کي مُڪمر پر، رَت ڳاڙيندو وريو
ڏس تہ ڪيئن بيدرد ظالم ڪيس گهائي موڪليو!

هُن چيو اڻ پڙهيل کي بس ڪونہ ٿا لکئون جواب،
منٿ پڙهيلن کي ڪري مون خط لکائي موڪليو.

دردِ دل کي ڪر دفع: مون هو لکيو درخواست ۾،
"ٻيو دفعو لکجانءِ نـا!" هُن چِٽ مان چوائي موڪليو.

موت منهنجي بعد، منهنجي وارثن کي هُن لکيو
شاعري 'راشد'! سندي ڪيسٽ پرائي موڪليو.

❖

[1] پروءَ جو حلوو: موري جو مشهور حلوو، جيڪو پري پري تائين سوکڙي ڪري موڪليو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڪان چو ڪائين ٿو ڪٺُ؟
چوءِ چوءِ! جو چَوِڻو ٿئي چٺُ!

دل هُئي وَٽُ وڏي سا وئي،
ڦُرئي ڪان پو کهڙو يَٺُ!

هيَچي هر دم ٻُڪ ۾ پاهه،
ڪين حريص کي ٿيندو ڍءُ!

مَنَ جا مالڪ موٽئين ڇو نه؟
موٽي آئي مند سرءُ.

هُن جو ڪو مَٽ ثاني ناهه،
سهڻن جو آ پورو سَٺُ

سات اچي ڏي ڪرڻو آهه،
پيار جي ويرين ساڻ پلٽُ.

سچ سان 'راشد'! نينهن نڀاءِ!
ظلم سندو سهه تاپُ ءِ تَٺُ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچهريءَ جا ڪوڙيا ڪانيون ٻڌي ويهي رهيا،
سامهون هڪ ٻئي جي ٽولن ۾ ٺهي ويهي رهيا.

سَوَ حديثون پيش ٿيون، پر بيت باسي ٿي نہ ٿو
هِن طرف وارا هُنن کي "ڏور" ڏئي ويهي رهيا.

جوانمردن جو جياپو آهہ جاري جُهد سان،
ڪارِ مردان مان تہ ڪانئر هٿ ڪڍي ويهي رهيا.

آ غُلامن ۾ خُوشامد جي پڪي عادت پئي،
حاڪمن آڏو سدا، ٻانهون ٻَڌي ويهي رهيا.

عالمن، دانشورن، ساڃاهہ- وندن جي اڳيان،
مون جيها معصومڙا پاسو وٺي ويهي رهيا.

بي سُريون ۽ بي ٺُڪيون مقصد کان وانجهيل لکيتون،
پاڻ کي پاڻ ئي پڙهي ٿي پيا لچي، ويهي رهيا.

تاج تجمل جا ڏٺي رهڻيءَ ۾ 'راشد'! رئيس ها،
ٿي ڀتر غيرت کي ڏئي، آرس ڀڃي ويهي رهيا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرهه ڦٽيءَ جي ويلا آهي، سانت ۾ دنيا ڪُل،
آءُ پريتم! طرف اسان جي، هِيرَ ٽڙي تي گهل!

پيار ڪرڻ نئين ڳالهه نه آهي، ٿيندو رهندو آ،
ننڍڙي ڳالهه تي چو ٿيو آهي، هيڏو سارو هُل!

هونئن ته لکين انسانَ دنيا ۾، هن جو ناهه جواب،
سادو سودو ماڻهو آهي، بيشڪ موتين مُل!

آهه طبيعت سجَ جي تيزي، اکيون چڻ شبنم،
باقي چا گهُرجي تو توکي، ڪُل اي مُکڙي ڪُل!

خوشبو پاڻ چکي تي آخر، ڪيئن ڪجي انڪار
پيش ڪري ٿو موتئي جهڙو هڪڙو ”حاڪم گل“[1]

هِت هُت جاتي ڪاٽي آهي، سنڌ سجي سرهاڻ
خوشبو پويان ’راشد‘! هاٽي ڏور وڃي ته نه رُل!

❖

[1] حاڪم گل: حاڪم گل مهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنهن جي ذات ڏسيو يا صفات، ڪهڙا ها؟
ڪئي جن قلب مٿان واردات، ڪهڙا ها؟

نہ پيرُ ڪُر ٿو لڳي، ۽ نہ پتو پارُ ملي،
هئا ماڻهو يا ملائڪ، جِنات، ڪهڙا ها؟

خبر جو ڪيس منهنجي موتُ جي ڏنئي، قاصد!
سچي، ٻڌاءِ! سندس تاثرات ڪهڙا ها؟

ڇوَن ٿا وار ڪان سنهڙي، ترار ڳان بہ تِکي،
ٽَپي ويا جي اها پلصراط ڪهڙا ها؟

ڏيو ها مون کي لسٽ نامرادن جي،
ٿيا مايوس، ڪيئون آپگهات، ڪهڙا ها؟

صرف هڪ سِرَ جي حاصلات پيار محبت لئہ
ويا ٽڪرائي جيڪي ڪائنات، ڪهڙا ها؟

هئا جي ڄاڻ سندي، ڪاڻ ۽ معنيٰ جا ڏٽي،
پنهنجي سيني ۾ ها رکندا لغات، ڪهڙا ها؟

اسان جا هونئن بہ ڀلا تعلقات ڪهڙا ها؟
ڳتا الفاظ اڄ ماڻهن جي وات، ڪهڙا ها؟

ڏٺو جو مون کي پريشان حال پاڙيچن،
پڇيئون: ’راشد! سنڌ ۾ مهمان رات، ڪهڙا ها؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شُڪر آهه ماٺهن مِٺن موٽ ڪاڌي،
ڏکن، موڪلايو، سُکن موٽ، ڪاڌي

جوانن رکي جنگ جاري تہ گڏجي،
وڙهڻ لاءِ پوڙهن پَڪن موٽ ڪاڌي

خزان تي ختم باغ آهن بهاريا،
وٽن تي آ ساون پنن موٽ ڪاڌي

هنيو نعرو هوشوءَ تہ وانگِي وري پيا،
هَٺي جي ويا ها، اُنهن موٽ ڪاڌي

چڏي جُوءِ ويا جيءِ ڪي ماريءَ جي پؤ ڪان،
مُئو نيٺ ماريءِ هُنن موٽ ڪاڌي

اسان جي آ ’راشد! رڱين رنگ لاتو
سُٺي راڙ ننڍين وڏن موٽ ڪاڌي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳمي تنهنجي، حُسن ۾ ڪابہ عاليجاهہ ڪانهي ڪا،
مگر افسوس جو هت سونهن جي ساڃاهہ ڪانهي ڪا.

چيم جو شانَ ۾ تنهنجي، سراسر سچ آ سائين!
خوشامد، چاپلوسي جي، اِها ساراهہ ڪانهي ڪا.

نہ چڙهہ تون پيلهہ او پيلي! ٻُڏي چنڊ، ڏينهن پرٽو آ،
سنڀالي سات ڏي، هِن واٽ ۾ وٽراهہ ڪانهي ڪا.

نراسائيءَ ۾ ناڪامي، ڏنم حدِ نظر تائين،
سوا تنهنجي وِلهين جي پيءِ تہ ڪائي واهہ ڪانهي ڪا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعجب ٿئيس تون شڪوه ڪري تون ۽ ڏمرجي تون
حقيقي راهه اڄ تائين ڏني گمراهه ڪانهي ڪا.

زمانو زور لائيندو رهي، آخر ٽڪي پوندو
سهارو آهه تنهنجو پاڻ کي پرواهه ڪانهي ڪا.

فخر جهڙي اها آ ڳالهه اڇرج راڄ کي آهي،
گذاري رات ڪنهن وٽ هيئن، حسن جي شاهه ڪانهي ڪا.

گهٽائي دل شڪسته ٿي، ويا ديدار بازيءَ کان،
اسان جي هارَ ڪاڏي پر، چُمين جي چاهه ڪانهي ڪا.

گهٽن جا خيال ۽ نظريا، وئي لوڙهي آ مايوسي،
مگر ٿي ذهن منهنجي ۾، ڪڏهن پيچ ڊاهه ڪانهي ڪا.

غريبن جا قُباڻي مال، شاهوڪار ٿيا آهن،
اُنهن کي ايءَ دنيا دولت ڏني الله ڪانهي ڪا

سلامت سِرُ آ 'راشد' جو ڪهين جي چا مجال آهي،
ڪنئي ڪا بدنظر تو ڏانهن ڪنهن بدخواهه ڪانهي ڪا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوا تنهنجي منهنجي سريءَ، پوءِ ويجھان،
پرين پيار وارا! پري پوءِ ويجھان.

ڏٽي ڏڻ جا ويهہ ڪيون راند نوتڻ،
ٻلي مال ڪک پن چريءَ، پوءِ ويجھان!

اٿو ڳوهجي پيو ۽ ٿوبي ٽپي پئي،
پچي ڀوڙو ننگر ڪريءَ، پوءِ ويجھان!

اُلا سج ٿو اچلي، ۽ ڌرتي آ ٿامون،
ٽتل ڏينهن ٿورو ٽريءَ، پوءِ ويجھان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذرا ترس ڏوٽي وٺون ٻير، جاني!
تہ ٻيرن جي جھولي ڀري پوءِ وڃجان!

جدوجھدِ ۾ ٻڌُ رھجانءِ مون سان،
ڏمر، ڏاڍ ۽ .ڏونگر ڏري پوءِ وڃجان!

ڏجان ڏيِ ڏينھنِ ڏکين ۾ ڏھاڙي،
اسان تان مصيبت ٽري پوءِ وڃجان!

پيو آ نصيبن جي رڍٽي ۾ رولو
جڏھن بخت ٻيھر وري پوءِ وڃجان!

اتاويھين تاريخ، بجلي بہ بند آ،
گھٽيءَ ۾ بتي ڪا ٻري پوءِ وڃجان!

حياتي پئي ٿي پڄاڻيءَ ڪي پھچي،
گھڙي ڪن ڪچھري ڪري پوءِ وڃجان!

اجا چؤ تہ ڍوليا!، ڪٿي ڊيءِ ٿيو آ،
اجا رات ’راشد!‘ ڍري پوءِ وڃجان.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آهہ پرواهہ ڪابہ جڳ جي، چٽو چيائون ثبوت خاطر.
اسان اوهان جا، اوهان اسان جا، لِکي ڏنائون ثبوت خاطر.

ڪلاسُ ۾ چُپ چُپات ڇئي پر، نگاهہ ٻُڪَ ۾، تہ جوش دل ۾
رسيس ويلي عوام آڏو چُمي وتائون ثبوت خاطر.

پچا ڪئي ڪنهن، ڪکر منجهان ڪيئن ڪِرن ٿا قطرا پيا مينهن وارا،
تہ وارَ آلا ڪلهن تي پنهنجي کُليل [illegible] چڏيائون ثبوت خاطر.

ڏُرين جي راضي هجڻ کان پوءِ ڪنهن رسم ادا جو ضرور ڪونهي،
تڏهن بہ لائون لڏائون، سهرا سکي! پڏائون ثبوت خاطر.

آلي وجڻ يا نتاءِ سان ڪوبہ ڪرتيل نڪري سو ناهہ ممڪن،
جو ڪئمرا جي جهٽي وتيون اک، سندءِ ادائون ثبوت خاطر.

اگهيون صدائون، سُڪون مليو سُکن کي ماٺي، شُڪر ڪيوسون،
پُنيون مرادون، سو پيرَ تي مون، ڏنيون سُکائون ثبرت خاطر.

عبادتن جان ملامتن کي رکيوسين 'راشد'! چُمي اکين تي،
ڪنيون سين سِرَ تي ثواب سمجهي، سوين گلائون ثبوت خاطر.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بارُ رکجي هي ڪنهن ڏُر سگهاريءَ مٿان،
لاهي ڏک ڏات منهنجيءَ ڏکاريءَ مٿان.

تو ڇو بدذوق، بندوق ڪئي آ سِڌي؟
ڳيرو گُهوڪي ٿو زيتونَ ٽاريءَ مٿان.

اک ڳاڙهيءَ ڏسيو خونُ تو آ ڪيو
رت لاٿو نہ ٿئي ڇو ڪٽاريءَ مٿان؟

وارَ ڪاندارجي وِيا جو خط ڪي پڙهيم،
گهور ٿيان آءٌ منظر نگاريءَ مٿان.

نيٺ مرڻو هو هرڻيءَ کي آخر مُئي،
ڦِٽ ملامت وسي پنئي شڪاريءَ مٿان.

پيچ راشدؔ! وڌءِ پاڻ ڏاڍن سان ڇو؟
پيرُ تنهنجو پيو ڪيئن ڪاريءَ مٿان!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن رسيلو ٻولُ ٿيندو ٿو وڃي،
پُرڪشش ماحولُ ٿيندو ٿو وڃي.

جيئن سَخا محبوب جي پئي ٿي وڌي،
تيئن ڪُشادو جهول ٿيندو ٿو وڃي.

اڄ تہ ٻُک فقراءَ جي ٿيندي ختم،
تارِ جو ڪشڪول ٿيندو ٿو وڃي.

چوڏهين تاريخ ويجهو پئي اچي،
چنڊ چهرو گول ٿيندو ٿو وڃي.

ذهن منهنجي کي هنيو هٿ سالڪن،
ڊول ۾ بي ڊول ٿيندو ٿو وڃي.

پيار ڏئي پنهنجو ڪري قابو ڪرينس!
ڏس تہ 'راشد' رول ٿيندو ٿو وڃي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون اگر پرچين تہ جڳ دنيا سڄي پرچي پوي
جان جانان! زندگيءَ جي هر خوشي پرچي پوي

مان ڪناري تي، اڪيانَ لهرون سڏن پيون ٿيون مون کي،
تون ۾ٿو پرچين تہ شايد، سمنڊ ئي پرچي پوي

تون وئين جاني! تہ مون کان ذات ڪَوَيئي آ رُسي،
تون ڪ ٿهي مون سان وڃين تا، شاعري پرچي پوي

يارَ بيپرواهہ جي بيحد ڪيان ٿو بندگي،
مَن ٿئي محبوب جي ڪاوڙ ڍري پرچي پوي

آسرو لاهيان نہ ٿو منٿن ڪي جاري ٿو رکان،
من ڪڏهن ٿي مهربان، معافي ڏئي پرچي پوي

دينِ محبت ۾ وري جن 'راشدا!' رُخنو وڌو
دشمنانِ دين کان شل تنگ ٿي پرچي پوي!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي ته عيد آهه پر روزا ختم نه ٿيا،
مسڪين ۽ غريب جا فاقا ختم نه ٿيا.

هي عيد، هي يتيم جون لڙڪن پريون اکيون،
ڳوڙها اکين جا، نَڪ جا بوڙا ختم نه ٿيا.

ڏسٺي اٿو ڊِسو اَچي، حالت هي سنڌ جي،
حاتم ڏئي ٽڪي پيو، ٽولا ختم نه ٿيا.

ڪو ڳهورڙئي ڪي چئي، نه گهٽيءَ مان گذر ڪري،
روئي سَمهي پيا ٻار ته به هوڪا ختم نه ٿيا.

لومڙ ٻُڪيو لڙي تو پوي، شينهن سان ڏسو!
ٻُڪ جي ستايلن سندا نعرا ختم نه ٿيا.

بنگلو ٺهيو انڊن، منڊن، جڏن جي خرچ مان
زڪوات فنڊ جا مگر پئسا ختم نه ٿيا.

سڀ ڪجهه ختم غريب جو اُمراءَ ڪري ڇڏيو
پوءِ به ڏڪار پيار جا جذبا ختم نه ٿيا.

’راشد‘! انهيءَ جو ڪنهن جي به غربت سان ڇا وڃي،
دنيا ته چالبازِ جا نخرا ختم نه ٿيا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرھہ جا پيرا ڪٽي پھتا اچي،
منزلن پيڙا ٽيا ماندا اچي.

رات ساري مون سان گڏجي جاڳيا،
هاڻ سمجھان تو ٿڪا تارا اچي.

هاءِ! تنهائيءَ جون بُڇڙيون راتيون،
تنگ ڪن ٿا ڪوڙ ٻوَ پولا اچي.

انتظاري، بيقراري وئي وڌي،
هانوَ تي حاڪم ٿيا اُلڪا اچي

نانگ نڪري ويو تہ پو پھچن پيا،
هاڻ ليڪي ڪي ڪُٽيندا ڇا؟ اچي!

ڪو دلاسو ڏيو ذرا ترسو ڪٽي،
ڇو وڃو ٿا ايترو تڪڙا اچي!

بھشت ۾ خچر، اُهي آيا ڪٿان؟
بي وڙا وچ تي وري وِهندا اچي.

هي غلامن جا، غلامن جا غلام،
ڪير هي قيدي ڪندو آجا اچي.

’راشدا!‘ رڪندي اصولن جو پرم،
موٽيا پياسا لب، دريا اچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيدرد ساڻ پيار ڪرڻ ڪيئن ٿي ڪَتو
الفت کي آشڪار ڪرڻ ڪين ٿي ڪتو.

ڏنگيندا ڪين ڪير پياريان تو ڪين مان
نانگن تي اعتبار ڪرڻ ڪيئن ٿي ڪتو.

هاڃو رسي ها ڪين، رهين ها اگر سجاڳ،
سسئي! ائين قرار ڪرڻ ڪين ٿي ڪتو.

افعال ڏسي هاڻ چون ٿا سيئي° اِئين،
خود غرض سان سهڪار ڪرڻ ڪين ٿي ڪتو.

پڇتاءُ پوء جي ڪان اڳي سوچين ها، مون کي،
محبت ڪرڻ لئه تيار ڪرڻ ڪين ٿي ڪتو.

سورهيه پرين! تون شينهن پيو مارين ها چڱو هو
هرڻن جو هينئڻ شڪار ڪرڻ ڪين تي ڪتو.

هاڻي ڪو وفادار ملڻ ئي محال ٿئي!
انڪار بار بار ڪرڻ ڪين ٿي ڪتو.

'راشد' ته پرين آ سچو ڏوهن جو مجسمو،
عيبن جو ائين شمار ڪرڻ ڪين تي ڪتو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن ۽ هُنن جي تڏا ويڙهه ٿيندي،
امن- دشمنن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

لَچڻ لوڪ جا سڀ سُتا هوندا سنڌ ۾
سين اوگڻن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

ڪندا ديس پنهنجي تي پورهيت حڪومت،
لُچن، لوفرن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

وري رونقون موٽيون مهراڻ ڏي هِن،
ڏکن ڏاڪٽرن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

جڏهن ماڻهپو موٽي ماڻهن ۾ ايندو
تہ نالائقن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

وڏي اوج ماڻن چڱا ۽ چڱايون،
بُرن بي وٽن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

جيڪي سنڌ جي لاءِ ڪُڇندا نہ لڇندا،
اُنهن شاعرن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

اگر سوچ پنهنجي سگهاري تي ’راشد!‘
سماجي بُتن جي تڏا ويڙهه ٿيندي

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهپ ناهي تہ دم ٻرين ڇو ٿي،
عشق ڪنهن سان اِي دل ڪرين ڇو ٿي؟

نيڻ پُرنم وري ٿيا ڇا لئہ؟
سرد آهون اِئين ڀرين ڇو ٿي؟

سِرُ وڃائيندين نيٺ سارو ٽيون،
ڪنهن جي ڳُٽين ۾ تون ڳرين ڇو ٿي؟

لوڪ آ ٻوڪڙُ جو ڇوڪ، ٻيو ڇوڪ،
ڏيان ڪنهن ڏي ڀلا ڏرين ڇو ٿي؟

ڪانگ لنويو ڳِرهہ ڪِريو آهي،
هُو اچي ٿو ڇا، اک! ڦرين ڇو ٿي؟

ٿون سدا صورتن جي دوکي ۾،
رُڃ پوڀان رُلي مرين ڇو ٿي؟

تيز طوفان ۾ بہ 'راشد' جيان،
ٻاٺ ۾ لاٿ ٿي ٻرين ڇو ٿي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي بہ ضرورت آ، مون کي بہ ضرورت آ،
منھنجي بہ جواني آ، تنھنجي بہ بلوغت آ.

مون کي نہ لھر لوڏو، توکي نہ ھوا ڪوسي،
خوش ھئڻ لئہ ھڪڙي ئي گڏ رھڻ جي صورت آ.

اُتيھہ اونداھيءَ ۾ ھيڏي ھي سھائي ڇو؟
ڪنھن چنڊ جي ڇھري جي ڌرتيءَ تي مھورت آ.

سعيو ڪو سياڻي جو ساقيءَ کي ڪيو ساٿي!
اڄ جيڪي مليو آ سو ھڪ رات جي پورت آ.

ڪا ٻڙڪ نہ ٿو ٻاڦي، ڦورن ۾ لُٽيرن لئہ
باقي رڳو رندن سان واعظ جي ڪدورت آ.

مندر ۾ پنھنجي مَتَ جي ھُن کي ٿو رکڻ چاھيان،
’راشد‘ مون ڏٺي ڪائي اھڙي تہ نہ مورت آ.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَڏيو ٿا، چئون ٿا: اِجهو ٿا اچون،
اچون ٿا، پُڇو ٿا تہ ڇو ٿا اَچون.

دعائون گُهري دل کي آٿت ڏَيِي،
ڀٽائيءَ جي درَ تان ٽيو ٿا اچون.

ڇڏيو نوجوانن نياڳو نشو،
ٻَڇي مَٽ، هاري، نرو ٿا اچون!

جي حامي ٿين ٿا پيا ڌئر جا،
کَنيو اڄ انهن لئہ تئو ٿا اچون!

سياسي ڌُرين جي نمائندن اڳيان،
رکيو پنهنجو موقف چِٽو ٿا اچون.

جنٽ جي آ حُورن ڪئي آجيان،
ڪيوڪم ڪوشايد سُٺو ٿا اچون.

نہ آ شاعريءَ جي ڪا 'راشد' خبر،
اوهان جو تہ ڪائڙ مٿو چا اچون!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد مان تو ڏانهن خط لکئون پيا،
تون نہ آئين پاڻ ئي اچئون پيا

حالتن آهر پيا حملا ٿين،
ڪنهن بهاني سان مڙئي بچئون پيا.

ياڄ ڪائن حملي- آور قوتون،
پير ڪوڙي جنهن پلڪ اٿئون پيا،

آهہ وڏيو هاڻ پنهنجو حوصلو،
ڏينهن ويا گذري جڏهن ڊڄئون پيا.

ڪا خبر ريڊيائي سُڻندي رت رُئون،
ڪنهن ڪي ٿي، ويءَ تي ڏسي ڪِلئون پيا.

پانهنجو ايمان آ جاڪوڙ ۾،
ڪڏهن هارايون، ڪڏهن ڪٽئون پيا.

پل غريبن ڪي سهارو ڪين ڏي،
رئيس! تنهنجي ٽيڪ ريءَ هلئون پيا.

آيو آيو نيٺ آيو آ پرين،
راهہ جنهن جي 'راشد' ڏسئون پيا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا ڪين پرايا هوندا،
جن ۾ ديپ اجهايا هوندا.

ماڻهو لوهہ مروڙ هُيا، پر
مارايا ڪنهن مايا هوندا.

جڏهن بہ آيو هونديں تولئہ
مون پئي وارَ وِڇايا هوندا.

مون ٿي ڀيهر ڀاريا هوندا
تو جي مَچ وِسايا هوندا.

هل تہ هلي اي دل! ڪجهہ وندرون،
شاعر شعر ٺهايا هوندا.

سچ ڀيو ڀرجي ڪوڙ بہ شايد،
ڦاسي گهاٽ اڏايا هوندا.

مؤج متارن ۾ ٿي ڏسجي،
موڪيءَ مَٿ ڇِڪايا هوندا.

جن هي جوڏا جوان ڪُٺا هِن،
سي بہ تہ سنڌڙيءَ ڄايا هوندا.

تنهنجي پيار مون کان اي ڌرتي!
ڪيئي گيت لکايا هوندا.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هامَر هٽي ويا هئا هيڪاندا،
ڪنهن ڪنهن ڪنڌ ڪپايا هوندا؟

مُرڪي پوندي ذاتِ ذُڪاري،
لايا جڏهن سجايا هوندا.

دير گهٽي ٿي وئي آ ساٿي!
مقتل ۾ هو آيا هوندا.

سينو چڙ تہ پهاڙي آهي،
ڪيڏا راز سمايا هوندا.

مون پئي ظلم سٺو هوندو ۽
تو پئي لغز اُڏايا هوندا.

'راشد' ياڻ رُنو هوندو پر،
رُئندڙ ڪوڙ ڪِلايا هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڪافر دل کي قيد ڪيو، ايمانُ سهارو ڏئي نہ سگهيو
هِن مرضِ محبت ۾ يارو! لقمان سهارو ڏئي نہ سگهيو.

هي رنگ برنگي گلدستو، گُل جنهن ۾ سهڻا نقلي ها،
دل- ڀؤنر کي خوشبو ڪانہ ملي، گلدان سهارو ڏئي نہ سگهيو.

جو ويج مريض ڏسڻ آيو، علاج بنا ئي واپس ويو،
هُو نبض ڏسي خود ئي ٻڌيو حيران، سهارو ڏئي نہ سگهيو.

بيمار جي پرسان گهرياتين، پئي ساري رات تلاوت ڪئي،
پئسا نہ دوا جي لاءِ هئا، قرآن سهارو ڏئي نہ سگهيو.

اوناڙ گدڙ هڪڙي جو ڪئي، ڪُئين ان جي سُرَ ۾ شامل ٿيا،
افسوس جَو هڪ انسان کي ٻيو انسان سهارو ڏئي نہ سگهيو.

اڳ پيئندو جيئندو هوس پيو، غم دنيا جو اوڏو نہ هُيو،
اڄ ايڏي مصيبت آهہ وڏي، پئمان سهارو ڏئي نہ سگهيو.

مون کي منهنجي عقل آ دوکو ڏنو، اڄ تڪليفن ۾ سوچيان پيو،
بي سمجھ ٻڌايو دوست هئم، نادان سهارو ڏئي نہ سگهيو.

جو بهشت جي در تان پير ٿڙيو تنهن توڙ ڪيو وڃ دوزخ ۾،
جنت ۾ هجان ها 'راشد'! پر، رضوان سهارو ڏئي نہ سگهيو.
❖


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن تي نقش اُڪرجي چِٽو بيٺو آهي،
تون وئين تنهنجو تصور تہ هتيڪو آهي،

سرد آهون ۽ گرم لڙڪ، دلي بيتابي،
ها، اهو دل جي لڳائڻ جو نتيجو آهي،

هو ٿيون ڏينهن ٿيو موت دلي جذبي جو،
اڄ تہ تون آءُ جو مرحوم جو ٽيجهو آهي،

عُمر ڀر داغ جدائيءَ جو ڏنئي عاشق کي،
تون ئي چؤ! هي بہ سزا جو ڪو طريقو آهي؟

تنهنجا هي چار اکر تنهنجي هٿن ساڻ لکيل،
اي پرين! منهنجي لئہ سچ پچ تہ صحيفو آهي،

دؤر مشڪل ۾ ٻئي تي نہ تو ڀاڙي سگهجي،
پنهنجو مضبوط ارادو ئي وسيلو آهي،

هاءِ ٻي! حال ٿيڻ جو ٻڌي خبرون ڪلئين!
منهنجي روئداد، اوهان لاءِ لطيفو آهي،

دوستو! درد مڙئي پنهنجا ڏيو ’راشد‘ کي،
ڇو تہ هِن سُور سَهڻ جو ڪنيو ٺيڪو آهي،

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن تي نقش اُڪرجي، ڇتو بيٺو آهي،
تون وئين تنهنجو تصور تہ هتيڪو آهي.

سرد آهون ۽ گرم لڙڪ، دلي بيتابي،
ها، اهو دل جي لڳائڻ جو نتيجو آهي.

هو ٽيون ڏينهن ٽيو موت دلي جذبي جو
اڄ تہ تون آءُ جو مرحوم جو ٽيجهو آهي.

عُمر ڀر داغ جدائيءَ جو ڏنئي عاشق کي،
تون ئي چؤ! هي بہ سزا جو ڪو طريقو آهي؟

تنهنجا هي چار اکر تنهنجي هٿن ساڻ لکيل،
اي پرين! منهنجي لئہ سچ پچ تہ صحيفو آهي.

دؤر مشڪل ۾ ٻئي تي نہ تو ياڙي سگهجي،
پنهنجو مضبوط ارادو ئي وسيلو آهي.

هاءِ بي! حال ٽيڻ جو ٻڌي خبرون ڪلئين!
منهنجي روئداد، اوهان لاءِ لطيفو آهي.

دوستو! درد مڙئي پنهنجا ڏيو 'راشد' کي،
جو تہ هِن سُور سَهڻ جو ڪنيو ٺيڪو آهي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون قدآور ڪوٺن جهڙو
مان ڇوٽو بہ تہ ڇوٽن جهڙو.

دلڙي دوکيباز ڪٽي ويو
ڪوڙ ڪري ويو ڪوڙن جهڙو.

ساهہ برابر سانڍيون ها تون،
ڪاش! مجان ها نوڪن جهڙو.

آءُ تہ جهڙو مجنون بَرَ ۾،
تون سينگاريل گهوٽن جهڙو.

تنهنجو واعدو ڳالهہ ڪجي ڇا،
جَر تي پاڻيءَ ڦوڪن جهڙو.

منهجي دلڙي ميڻ بتيءَ جيان،
هُن جو هاڻ سِروٽن جهڙو!

هي ڪيئن وحشي ٻڄي پيو آ،
آهہ تہ آدمہ پوٽن جهڙو.

ڳنڍي ڳنڍي شعر ٺهايم،
خيال هو ٽُڪرن ٽوٽن جهڙو.

ظاهر سخت، نرم اندر ۾،
’راشد‘ ٿئي اکروٽن جهڙو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعمير ادب جي ڪرڙي آ. تخليق تي موت اچڻ نه ڏبو.
تنقيد نگارو! هوشياري! محنت کي مري به مرڻ نه ڏبو.

جي لِکڻو آهه ته خوب لکو پر دوست سِٽن ۾ ساهه وجهو.
ٿي قوم گهري سگهه وارو ادب، مايوسيءَ کي ته وڌڻ نه ڏبو.

لالچ به ڇڏيو ڏپ کي به ٿُڏيو ڏک سُک ۾ سچَ سان ساٿ ڏيو،
اي ڪارڪنو! ڪردار مٿان ڪارنهن جو ٽِڪو ته لڳڻ نه ڏبو!

جي سرجڻهارن سچ سرجيو ۽ ذهن ضمير سجاڳ ڪيو،
بي عملن کي بيدار ڪبو بدلجڻن کي به بچڻ نه ڏبو.

اڻ گهڙيا لفظ گهڙي وڃن، جدت ڪا ادب ۾ پيدا ٿئي،
بي مقصد لکيون ڪين لکو! ائين وقت جو زيان ڪرڻ نه ڏبو.

او ساٿي! ٽوڙيو خاموشي، هيءَ ماري وجهندي ماٺ مِٽي،
اي ديس! تحرڪ پيدا ڪر، چُپ راشد کي به رهڻ نه ڏبو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فضا ۾ چيرِ چا چمڪي وئي آ،
ذهن ۾ شاعري پرجي وئي آ.

هل تہ اي دل! هلئون هُن جي گهٽيءَ ۾،
سکهو ٿي تيار سانجهي ٿي وئي آ.

قلم مون سان اچي آ همسفر ٿيو
رُٺل هئي ذاتِ سا پرچي وئي آ.

هوائن جي ڪُلهي تي سوار ٿي هُت
اسان جي آهہ ڪا پهچي وئي آ.

ڏکڻ جو شوق آهي چٽنگ ۾ ڪو
هوا، جذبات کي سمجهي وئي آ.

هُيون ڪلهہ تائين جي معصوم نظرون،
اُنهن ۾ اڄ اچي شوخي وئي آ.

ذکي ڏاڍي پلئہ پئي عشق بازي،
اسان جو 'راشدا'! رت پي وئي آ.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ مون ڪان ڪري ٿو ڪناره ڪشي، تنهنجو مُرڪي ملڻ بہ تہ وڏي ڳالهہ آ!
شهر هيڏي منجهان تو اڪيلي سندو سِيرڙجي هِت اچڻ بہ تہ وڏي ڳالهہ آ!

همسفر ڪيترا ساٿ ٽوڙي ويا، سي اُميدون پيچي ۾ پروڙي ويا،
هٿ هٿ ۾ ڏئي هيتري پنڌ تي تنهنجو گڏجي هلڻ بہ تہ وڏي ڳالهہ آ!.

ڳالهہ پهرين تہ حق ڪو چوي ڪونہ ٿو ڪو چوي ٿو تہ ٽئي ٿو ٻُڌو اڻ ٻُڌو
سچ ڪنهن کي چوڻ آهہ اوکو مگر، سچ ٻُڌڻ ۾ سهڻ بہ تہ وڏي ڳالهہ آ!

آجپو ٿو گهُري پيو مسلسل عمل، ڪين غافل ٿي ويهڻ کپي ڪو بہ پل،
ٽوڙي تيليون نہ پيري جون پوريون پڳيون، ڪنبي ڪُسڙي وڃڻ بہ تہ وڏي ڳالهہ آ.

جنهن بہ بستيءَ ۾ ٻولڻ تي سختي هجي، عام ماڻهوءَ جي لئہ تنگدستي هجي،
’راشدا!‘ ڪوڙي ظلم جي اڳيان سچي، ٻڙڪ ٻاڦي وجهڻ بہ تہ وڏي ڳالهہ آ!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوالن جي صدا آهي ئي آهي،
اکين ۾ التجا آهي ئي آهي.

هڪ نہ ٻئي ڏوهہ ۾ ڦاٿا پيا هُون،
غُلامن جي خطا آهي ئي آهي

ڪيو مشهور محبت عاشقن کي،
زماني ۾ گِلا آهي ئي آهي.

سچن جي ساڻ تي ظالم دنيا ۾،
محبت ڪربلا آهي ئي آهي.

اسان ڪو ڇور ناهيون پوءِ بہ تو وٽ،
شڪايت ڪانہ ڪا آهي ئي آهي.

رهايو حالتن آ ڏور هُن کان،
هُتي منهنجي پيچا آهي ئي آهي.

نہ ڪر 'راشد' متان ڪو قياس جاني!
ستم توڪئہ روا آهي ئي آهي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال دل جو نہ ٿو ڇو ٻڌائين اڄا!
انتظاري ڪيان ڪيستائين اڄا!

چپ چورين نہ ٿو تا اشارن ۾ چئہ!
ڇو ٿو منهنجو صبر آزمائين اڄا؟

دردُ تنهنجي اکين مان ٿو اُڇلون ڏئي،
ڳالھ اندر جي پيو ٿو لِڪائين اڄا.

تون ستايل دنيا جو تہ مان پڻ دُکي،
ڇو نہ ٿو غم غمن سان گڏائين اڄا!

اَڄ ڪيون ڪو عمل، لوچجي لوءِ لئہ
وقت سوچڻ ۾ پيو ٿو وڃائين اڄا!

پيار پيو ٿو سڏي 'راشدا' سڏي تہ ڏي
ماٺ رهندين گهڻو منهنجا سائين اڄا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپ مان رحمت وسي ٿي ڪانہ ٿي،
سِپ ڪا موتي ڏئي ٿي ڪانہ ٿي.

واءِ! سي گهرڙا، غريبن جا اَجها،
باهڙي جن ۾ ٻري ٿي ڪانہ ٿي.

روزگاريءَ جو وڏيو غم ايترو
ياد سڄڻن جي اچي ٿي ڪانہ ٿي

رئيس جي ڏيڏيءَ تي پنڻي ڇوڪري،
اِڪ ڪاڏي مان ڪڍي ٿي ڪانہ ٿي.

تون پڪو ٿي وئين تہ توکي ڇا ڇوان،
ها مگر منهنجي سري ٿي ڪانہ ٿي.

باغ جي ڀرسان گذر ٿئي ٿو پيو،
ڇو ڀلا خوشبو اچي ٿي ڪانہ ٿي.

حالتون ڪهڙيون بہ آهن ذات پر،
سات 'راشد' جو ڇڏي ٿي ڪانہ ٿي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر ڏکيو آهه پوءِ بہ متان ٿي پوي،
ڪجھ تہ ڪوشش ڪجي مَن ڪٿان ٿي پوي!

مان تہ هر وقت آهيان اُنهيءَ تاڙ ۾،
ڪاش! ڪم يارَ جو مون وٽان ٿي پوي

ننڊ ۾ ئي ڪٽي پير ڪي ڏيان مِٽي،
خوف آهي متان بدگمان ٿي پوي

ٽيستائين تہ ڏورڻ ڪپي پاڻ کي،
جيستائين نسل نئون جوان ٿي پوي

پاڻ کي ئي اهو پيو ٿو سمجھي اُتم،
جو بہ ٿو ٿومَ مان زعفران ٿي پوي

دؤر هن ۾ نہ هلندي ڪا ٻڪٽيتري،
تون ٿو چاهين تہ جيئن مان چوان، ٿي پوي

اڄ هُو اهڙي طرح ٿو ڏسي 'راشدا!'
جيئن نہ ڪنهن کي ڪنهين کان ٻچان ٿي پوي

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت ڪئي نہ ٿئون، محبت ڪرڻ وارا ڏٺا اٿئون
محبت ۾ رهي قائم مرڻ وارا ڏٺا اٿئون!

لکن ٿا، ليک پنهنجي جي نہ معني پاڻ ٿا سمجهن،
ادب جي نانءُ تي ڏاري ڏر وارا ڏٺا اٿئون

گذر ٿيا سال سنڌين ۾ نہ تنظيمي شعور آيو،
گهڻائي گور ڏورن جان، چرڻ وارا ڏٺا اٿئون.

ملائي پاڻ کي جي جوت ڏيندا ٿا رهن جڳ کي،
ٻين جي لئہ سڄيون راتيون ٻرڻ وارا ڏٺا اٿئون.

پَرينءُ ٻِرِ آ هڪيو حاضر هُتي ميهار مقصد جو
غمن جي تارِ دريا ۾ ترڻ وارا ڏٺا اٿئون.

هنيوچيون جن هنيون تي، ءِ سچائيءَ جو پريو تي دم،
گهڻا اهڙا بہ واٽن تان ورڻ وارا ڏٺا اٿئون.

ڏنوڻ لوهار جيءَ کي 'راشدا!' ويجهو رهج هردم،
تپي ٿوري گهڙي، جلدي ٺرڻ وارا ڏٺا اٿئون.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي حڪمن جي ڪيئن انحرافي ڪبي،
واعدو آ، نہ وعدي خلافي ڪبي.

ڪالهہ جا ڪاهِليءَ جي ڪري ٽوٽ پئي،
ڪوٽِ اُن جِي سموري، تلافي ڪبي.

پنهنجي تاريخ پُرجهي، پروڙي اٿئون،
ياد هاڻي وري جاگرافي ڪبي.

ڪم مقرر تہ ڪرڻو هُونئن ئي آ مون کي،
ها مگر هاڻ محنت اضافي ڪبي.

شاهہ جا بيت، وايون پڪا ٿي ويا،
بز زبان ڪا سچل جي بہ ڪافي ڪبي.

’راشدا!‘ سنڌ کي جنهن ڪان نقصان ٿئي،
ڳالهہ اهڙيءَ سندي برخلافي ڪبي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُک جو مون ڏٺو هيل ڏهاڙو بہ نہ آهي،
ظاهر تہ مگر روح ۾ راڙو بہ نہ آهي.

دل منهنجي وساري ڇا ڇڏيو ڪُوهہ قِتل جيان،
پاڻي تہ انهيءَ کوهہ جو ٻاڙو بہ نہ آهي.

هي سُورَ ۾ سختيون بہ مليا پيار جي بدلي،
چوريءَ نہ ڪئي ٿئون، هنيو ڌاڙو بہ نہ آهي.

جنت جي ڪري ڳالهہ ڇا هِرڪائيو ماڻهو،
پنهنجو تہ انهيءَ ڏي ذرو لاڙو بہ نہ آهي.

اهڙو تہ وريو واءُ، دنيا ساءُ ڇڏي وئي،
راضي ۾ سُکيو شهر ۾ پاڙو بہ نہ آهي.

’راشد‘ مان اُميدون نہ ڪڏهن لاهجو پيارا!
بيمار بہ ناهي، تہ ڪراڙو بہ نہ آهي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوشا، گُل ڪُومايل آهن،
مکڙيون ڇو مُرجهايل آهن؟

آهه چمن ۾ هرڪو زخمي،
پنڇي سيئي گهايل آهن.

سندر سپنا ساپيان ٽيندا،
دل ۾ وهم وِڇايل آهن.

ڪاڪ منجهان تي خاڪ اُڏامي،
راڻا سڀ هِيسايل آهن.

ڪوءِ گهمڻ ۾ ٻَن تفريحون!
منهنجا ٻار ٻڪايل آهن.

هڪ اڏ حال تي ٿهڪيْ بيٺو
ڪيئي قولَ ٻڌايل آهن.

ڏاها بادل ٿَر تي برسيا،
سياڻن جا سمجهايل آهن.

هن ڌرتي تي 'راشدْ' پنهنجا،
پُختا پيرَ ڄمايل آهن.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀل تہ سمجهين مون کي پنهنجي پيارن منجهان،
آئون آهيان سنڌ پرستارن منجهان.

ڇڙوڇڙ جي ٿيا، سُلجهندا ٻو ڏکيا،
ڪِلپ ڪڍ جان نہ تون پنهنجي وارن منجهان!

ايترو تون سهيلي! ڳهيلي نہ ٿي،
ڳالهہ سمجهين نہ ٿي ڇو اشارن منجهان.

رحم ڪر هي پريشان حالت ڏسي
جندُ آجي ٿِئي، انتظارن منجهان

خوب لوچي ڏٺئين، ڪانہ پُورت پئي،
تنگ پورهيت ٿيو نيٺ ٻارن منجهان.

زهد تي زور جنهن جو نہ تنهن کي وٽان،
ڇو تہ ناهيان مان تهجد-گذارن منجهان

آخري هو سهارو سنڌ نام جو
هٿ ڪڍيا تو بہ ڇا، گنهگارنِ منجهان؟

موت جو لکج احوال اکين ڏٺو
نااُميدي آ واقع- نگارن منجهان.

'راشدا' ڪو غزل تون بہ تخليق ڪر،
جيڪو بنجي وڃي، شاهڪارن منجهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ جنمر- ڏڻ پرينءَ جو دعوت هجي تہ وهوا!
اهڙي ڀلي اسان جي قسمت هجي تہ وهوا!

بيشڪ عظيم آهي، پنهنجو ڪري تہ بهتر،
هُن ساڻ ڪا اسان جي نسبت هجي تہ وهوا!

اُن ڪان وڏيڪ نعمت ٻي ڪانہ تي سُجهي پئي،
در تي پرينءَ جي منهنجي تربت هجي تہ وهوا!

هي شهر هر طرح سان آهي، رهڻ جي لائق،
حاصل جي صالحن جي صحبت هجي تہ وهوا!

مينهَنِ جي مُند منهنجي محبوب ڪي وٽي تي،
زحمت نہ بنجي بارش، رحمت هجي تہ وهوا!

بجلي ۽ گئس آئي، اسڪول پڻ کُلي ويو،
باقي بہ ڳوٺ هن ۾، محبت هجي تہ وهوا!

'راشد' مُئي پڇاڻان ڪهڙي خبر تہ ڇا ٿئي،
ڏرتيءَ تي هِن عُمرِ ۾ جنت هجي تہ وهوا!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت حال جي محبوب معلومات آ توکي،
ٻُڌائي من اندر جي ڳالهہ مون، ڪجهہ رات آ توکي.

اگر تون جاڳندي هوندين، تہ پو هڏڪي بہ تي هوندءِ!
ڪيو مون ياد شدت ساڻ اڄ اڌ رات آ توکي.

انهيءَ ملڪيت جي جاني! وارثي تو ڇو نہ ڪئي آهي؟
لکي دل جي ڊِني جذهين تہ مون محلات آ توکي.

اسان جي دل جي جذبن جي ڪئي تو ترجماني آ،
وڏو ڪو ڏانءُ آ توکي، وڏي ڪا ذات آ توکي.

اهو بهتر ٿيو 'راشد'! اسر جو جاڳيو آهين،
اُٺاريو يادگيريءَ يار جي پريات آ توکي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪِي مَنَ لئہ ’چانوَ ڇپَرَ
تنهنجيۡ آهِ ڳڻن جي ڳرَ.

مجبورن مون ٿاهيو آهہ
تنهنجي در تي پنهنجو گهر.

ڏاڍو ڏڍُ ملي ويو هاڻ
ڪونهي ڪو ڏاڍن جو ڊر.

دوست، ٺريءَ ۾ هوندو هوم،
”صوفي محمد عالم شر“.

ماٺهو ماٺهن جهڙا ڪوڙ
مون تي هڪ جو آهہ اثر.

ٻوڙ ٿئي پئي آيو آهہ
سنڌوءَ ۾ جالارو جر.

پورو تي ويو خيرن ساڻ
هاڻ حياتيءَ جو تہ سفر.

قيمت وارو ’راشد‘ آهہ
تو جو ورتو آهہ وڪر.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيدي اک ساڻ ڏسڻ جو مقصد ؟
ڏسي مون ڏانهن کلڻ جو ~~[illegible]~~ مقصد ؟

وات سان واعدو نہ پرچڻ جو
پيير مون ڏانهن کڄڻ جو مقصد؟

جاڳ ۾ جاءِ هڪ تي ويٺو رهڻ،
ننڊ ۾ پنڌ پوڻ جو مقصد؟

ڇنئين زنجير سڀ آزاديءَ لئہ،
زلف ۾ قيد ٿيڻ جو مقصد؟

روبرو ٺهڪرون ۾ سختيءَ سان،
خط ۾ هاڪار لکڻ جو مقصد؟

غصي هوندي بہ غور سان منهنجو،
گيت، محبوب ٻُڌڻ جو مقصد؟

منهنجي پاسي کان گذرندي آخر،
منهنجي هٿ کي ڇُهڻ جو مقصد؟

’راشد‘ لايا سجايا ٿيا هِن،
خوشيءَ جي وقت رُئڻ جو مقصد؟

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇِرَ کان دريا جي ڪُنَ تائين،
ڇپَ کان دلبر جي ڏُن تائين.

ٻُڏندا ترندا رهندا آهيون،
ڳالهيون پهتيون هِن هُن تائين.

ڦُربَ وڏي، مان خط لکيو ٿم،
ڪير پڄائيندو اُن تائين.

شانَ حُسن جي ۾ گستاخي!
هٿ پهتو سِرَ جي مُن تائين.

ڏيان سُگهڙ ساڃاهہ- وندن جي،
گفتي گفتي جي گُن تائين.

تبديلي آئي آ توري،
ڳاري کان ويندي ڇُن تائين.

ڏُک ڏُک پيئندي پهتا آهيون،
پوريءَ ريت ٽيڻ ٽُن تائين.

رڙيون 'راشدُ' راڄ ٻُڌيون هِن،
دانهن پُڄي ڪا شل هُن تائين!

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسين جلوا ڏسي سمجهي وياسين،
اوهان جي شهر ۾ پهچي وياسين.

ڏسي هر فرد کي تنهنجي مهانڊي،
وڏي ڪنهن سوچ ۾ پئجي وياسين.

چئي معبود ٻئي کي، چُڪ ڪئي سين
ڪري تُنهنجي تہ حق تلفي وياسين.

نِڙي تي وئي ڪِڙي، مجبور ٿياسين،
سموري پِي مگر، تلخي وياسين.

هنهان پو تي پيا پڏرا سمورا،
پچائي آخري ڏمڪي وياسين.

ڪشش ڪئي ذهن کي آ سونهن 'راشد'
حُسن جي طرف ڏي ڇڪجي وياسين.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت جي ڳالهه آهي،
صحبت جي ڳالهه آهي!

همت نٿي پُڄي، چي:
قسمت جي ڳالهه آهي.

هاريءَ ٻني خريدي،
محنت جي ڳالهه آهي.

اظهار خيال نئون آ،
جدت جي ڳالهه آهي.

عيدون به ڄڻ ته ماتم،
غربت جي ڳالهه آهي.

سِر تي پريءَ جو پاڇو
فرحت جي ڳالهه آهي.

خوشبوءِ مون مان گل جي،
قربت جي ڳالهه آهي.

مٺڙي آ راءِ 'راشد'،
سنگت جي ڳالهه آهي.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو دل کي سُڪون آيو هو
رات تو فون تي ڳالهايو هو.

جيئن ئي گهنٽي وڳي تہ مون سمجهيو،
پاڳ منهنجو ٿيو سوايو هو.

با ادب بيهي محترم سائين!
مون رسيوز ڏي هٿ وڌايو هو.

تنهنجي آواز جي ترنم ۾
چاهتن پاڻ کي وڇايو هو.

ڏينهن سارو تہ آسرن ۾ ئي،
درد، دل کي پيي ٿاٿرايو هو.

هاڻ توکي هِتي اچڻ گهرجي،
توڏي هر وار خط لکايو هو.

تون مڃين سو ضرور ڪونهي ڪو
هي تہ 'راشد' جو هڪڙو رايو هو.

❖



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu